سال (18) خميس 30 آڪٽوبر 2025ع 07 جمادي الاول 1447 هہ صفحا 6 - ملهہ 30 ويہہ شمارو(39)
ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 30 آڪٽوبر 2025ع 07 جمادي الاول 1447 هہ صفحا 6 - ملهہ 30 ويہہ شمارو(76)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان جي سرحدي حملن جي پڇڪڙي خلاف افغانستان ۾ وڃي جواب ڏيڻ پيو تہ ڏينداسين: وزير دفاع

طالبان رجيم، صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت ڪي بچائڻ لاءِ افغانستان ڪي هڪ ٻي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن بہ دهشتگردائي يا خودڪش حملي ڪي برداشت نہ ڪندو

طالبان حڪومت قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت ڪي بچائڻ لاءِ افغانستان ڪي هڪ ٻي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پاڪستان خلاف ڪنهن بہ مهم جوئي جو جواب سخت هوندو

افغان طالبان رجيم، مسلسل برادر ملڪن سان ڳالهين لاءِ درخواست ڪري رهي هئي، برادر ملڪن جي درخواست تي پاڪستان افغان طالبان رجيم سان امن خاطر ڳالهين جي آڇ ڪي قبول ڪيو

طالبان رجيم، ۾ انتشار ۽ دوکو موجود آهي، پنهنجي ڪمزوري ۽ جنگي دعوت جي حقيقت ڇاڻيندي جنگ جو طبل وڄائي ظاهري طور افغان عوام ۾ پنهنجي بگڙيل ساک ڪي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن

جيستائين گريويارڊ آف ايمپائر جي بيانئي جو تعلق آهي، پاڪستان پاڻ ڪي هرگز ايمپائر نٿو چوي، حقيقت اهڙ آهي تہ افغانستان طالبان جي ڪري پنهنجي ئي ماڻهن لاءِ هڪ قبرستان کان گهٽ ناهي

طالبان جا اهي ريڙهاڪ جيڪي خطي ۾ بدامني پکيڙڻ ۾ پنهنجو ذاتي فائدو ڏسي رهيا آهن سمجهي وٺن تہ هنن شايد پاڪستاني عزم ۽ حوصلي ڪي غلط انداز ۾ ورتو آهي ۽ هر پنهنجي انجام جو حساب ضرور ڏسي: خواجہ آصف

اسلام آباد (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ طالبان رجيم صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت ڪي بچائڻ لاءِ افغانستان ڪي هڪ ٻي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن بہ دهشتگردائي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم ڪي الجزائر جي پرڏيهي وزير احمد عاطف جو فون

پاڪستان -الجزائر لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل سهڪار تي اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

وفاقي وزير محسن نقوي جي ايراني صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان ملاقات

پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ گڏيل لاڳاپن، ٻطرفي تعاون ۽ خطي جي مجموعي صورتحال تي ڳالهيون

گهرو وزير، وزيراعظم محمد شهباز شريف طرفان ايراني صدر لاءِ نيڪ خواهشن ۽ خير سگالي جو پيغام پهچايو

ايران پاڪستان سان لاڳاپن کي خاص اهميت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي پاڙ ملڪ پاڪستان جي تعاون کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهي: ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان

ايران ۽ پاڪستان وٽ تعاون ڪي هٿي ڏيڻ جا بي پناهہ موقعا موجود آهن جن سان ٻنهي ملڪن جي عوام کي فائدو پهچي سگهي ٿو

تهران (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي گڏريل ڏينهن ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان سان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

رياض: رياض جو گورنر وزيراعظم شهباز شريف کي الوداع چئي رهيو آهي

اي چالان انهي وٽ ريندو جنهن جي نالي تي گاڏي جي رجسٽريشن هوندي: ضياءَ لنجار

ڪراچي ۾ ٽريفڪ سگنلز سان گڏ لڳل ڪيمرائون هڪ مهيني ۾ فعال ڪري ڇڏينداسين

ٽريفڪ پوليس سان گڏ جي مختلف علائقن ۾ ڊرائيونگ لائسنس سينٽرز بہ ناهي رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ لنجار چيو آهي تہ اي چالان انهي وٽ ويندو جنهن جي نالي تي گاڏي جي بقايا نمبر12 ڏسو صفحو2

سپريم ڪورٽ پاران شبلي فراز ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار

اسلام آباد (اي پي پي)سپريم ڪورٽ جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

پيٽروليم وزير علي پرويز ملڪ جون بنگلاديش جي اعليٰ عملدارن سان ملاقاتون

وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار محمد توحيد حسين سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ٻطرفي واپاري تعاون کي وڌائڻ ۽ توانائي جي شعبن ۾ گڏيل تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ

ڍاڪا (اي پي پي) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ڍاڪا ۾ بنگلاديش جي اعليٰ عملدارن سان اهم ملاقاتون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

فيلڊ مارشل عاصم منير هڪ عظيم فائٽر آهي: آمريڪي صدر ٽرمپ جي واکاڻ

پاڪستان ۽ ڀارت کي چيو تہ جيڪڏهن هو جنگ ڪندا تہ آمريڪا انهن سان واپاري معاهدا نہ ڪندو

پاڪستان جو وزيراعظم بہ بهترين انسان آهي، انهي وٽ هڪ فيلڊ مارشل آهي جيڪو تمام گهڻو زبردست فائٽر آهي

مودي سان منهنجي سٺي دوستي آهي، مان انهي جو احترام ڪريان ٿو هو هڪ قاتل ۽ تمام سخت قسم جو انسان آهي

واشنگٽن (مـ ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ٻيو ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ امڪاني جنگ رڪجي وئي هئي هن چيو آهي تہ دعوي ڪئي آهي تہ منهنجي مداخلت کان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ جنگ جي دوران بقايا نمبر15 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ تاج حيدر پل کي کوليو ويو، حڪومت عوام کي سهولتون ڏيڻ چاهي ٿي: شرجيل ميمڻ

هن پل جي افتتاح سان ڪورنگي جي صنعتي پرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن کي سهولت ملندي

عالمي بينڪ جي سهڪار سان ييلو لائن بي آر ٽي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري آهي

شڪارپور، خيرپور ۽ نوشهرو فيروز ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ حڪومت قيوم آباد چورنگي جي پرسان تاج حيدر پل کي عوام لاءِ کوليو آهي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ تاج حيدر پل جو معائنو ڪري رهيو آهي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان، 100 انڊيڪس 1635.97 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ شهرين تي اي-چالان لاڳو ڪرڻ خلاف ايم ڪيو ايم ميمبر پاران سنڌ اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهرين تي اي- بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

اسرائيلي فوج جي غزا ۾ ٻيهر وحشياڻي بمباري، 46 ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد، 253 زخمي

نيتن ياهو جي حڪم تي اسرائيلي جهازن غزا شهر تي ٻيهر فضائي حملا شروع ڪري ڇڏيا، اسرائيلي فوج غزا شهر ۾ مختلف هنڌن تي حملا ڪيا، هڪ ميزائل الشفا اسپتال جي ڀرپاسي ڪريو

اسرائيل جي بمباري ۾ ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد ٿي ويا، ٻارن جو تعداد 46 ۽ عورتن جو انگ 20 آهي، هڪ وڊيو ۾ اسپتال اندر ڪيئي عورتن ۽ ٻارن جا لاش ڏيکاريا ويا

ڪارروائي حماس طرفان جنگبندي معاهدي جي پڇڪڙي جي جواب ۾ ڪئي، حماس ڪمانڊر سميت ڪيئي ميمبرن کي نشانو بڻايو، هٿيارن جي ڀيو ۽ حماس جي سرنگهن کي بہ تباهہ ڪيو آهي: اسرائيل

هاڻ اسرائيل جنگبندي معاهدي تي عملدرآمد ڪندو تہ ڪنهن بہ ڪنهن هوندي بہ ڪنهن بہ قسم جي خلاف ورزي جي صورت ۾ ڀرپور جواب ڏنو ويندو: اسرائيل جي 104 فلسطينين جي شهادت بعد اعلان ڪيو

غزا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي حڪم ڪانپو اسرائيلي جهازن جي غزا شهر تي ڪيل وحشياڻي بمباري ۾ 100 کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي ويا. گڏريل ڏينهن نيتن ياهو اسرائيلي فوج کي غزا ۾ وڏن حملن جو حڪم ڏنو هو اسرائيلي ميڊيا موجب اهو فيصلو حماس طرفان جنگبندي معاهدي جي پڇڪڙي جي جواب ۾ ڪيو ويو. نيتن ياهو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وفاقي سيڪريٽري دفاع سيد حسنين حيدر ڊپٽي ڪمانڊنٽ پاڪستان نيوي وار ڪاليج سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

خيبر پختونخوا مان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي نئين چونڊ لاءِ تياريون مڪمل

پولنگ صبح 9 وڳي کان شام 4 وڳي تائين ٿيندي، 3 اميدوارن ۾ مقابلو ٿيندو

پشاور (اي پي پي) خيبر پختونخوا مان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي ٿيندڙ چونڊ لاءِ سموريون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

پاڪستان ايران طرفان ٻطرفي واپاري حجم کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سنڌ جي گورنر سان ايران جي نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل اڪبر عيسى زاده ملاقات ڪئي

ايران پاڪستان کي خطي ۾ اقتصادي ۽ ثقافتي طور تي مستحڪم ڏسڻ چاهي ٿو: قونصل جنرل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

گورنر سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس ايڪٽ ترميمي ”آرڊيننس“ جاري ڪري ڇڏيو

ايڪٽ ۾ صوبي جي هارين کي زرعي آمدني تي ٽيڪس جي مد ۾ رليف فراهم ڪيو ويو

زرعي آمدني ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 15 نومبر 2025 مقرر ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

سيڪيورٽي فورسز جو ڪرم ۾ آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪئپٽن سميت 6 جوان شهيد

سيڪيورٽي فورسز ڪرم جي علائقي ڊوگار ۾ ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جو 24 سالن جو ڪئپٽن نعمان سليم ۽ ٻيا 5 جوان شهيد ٿي ويا

شهيد ٿيل پاڪ فوج جي جوانن ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ شڪارپور واسي سپاهي اعجاز علي ۽ خيرپور جو محمد شهباز شامل

پشاور (مـ ڊ) ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪرم ۾ سيڪيورٽي فورسز ڀارتي پراڪسي خارجين خلاف ڪارروائي ڪري 7 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ڪئپٽن سميت پاڪ فوج جا 6 بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

پاڪستان پاران غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي نئين حملن جي شديد مذمت

اسرائيلي جنگبندي جي خلاف ورزين کي فوري بند ڪرڻ کي يقيني بڻائي: پاڪستان

ڪارروايون عالمي قانون جي واضع خلاف ورزي سان گڏوگڏ تازو ئي طئي ٿيندڙ امن معاهدي جي پڻ خلاف ورزي آهن

1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار ۽ لاڳاپيل رياست فلسطين قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي نئين حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ عام شهري شهيد ٿيا. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ڪالهہ اربع ڏينهن جاري بيان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

گڏيل قومن پاران پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ڳالهين ناڪام ٿيڻ تي ڳڻتي جو اظهار

اميد ڪريون ٿا تہ ٻنهي پاڙيسري ملڪن وچ ۾ جنگبندي برقرار رهندي ۽ جنگ ٻيهر شروع نہ ٿيندي: گڏيل قومون

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن، پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ استنبول ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

افغان طالبان افغانستان جي عوام کي غير ضروري جنگ ۾ ڌڪڻ چاهين ٿا: وفاقي وزير اطلاعات

افغان طالبان سان ڪيترائي پيرا ڳالهيون ڪيون پر افغان ڌر پاڪستان جي نقصانن کان لاتعلق رهي آهي

پاڪستان جو صبر جو پيالو ڀرجي چڪو آهي، قطر، ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي مخلصاڻين ڪوششن جا ٿورائتا آهيون

افغان حڪومت کي قائل ڪرڻ لاءِ مخلصاڻيون ڪوششون ڪيون تہ هو پاڪستان خلاف دهشتگرد گروپن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري

اسان پنهنجي عوام کي دهشتگردي جي لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کڻنداسين: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ افغان طالبان افغانستان جي عوام کي هڪ غير ضروري جنگ ۾ ڌڪڻ چاهين ٿا، پاڪستان سدائين افغانستان جي عوام جي امن ۽ خوشحالي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ان افغان طالبان سان ڪيترائي پيرا ڳالهيون ڪيون پر افغان ڌر پاڪستان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود قومي جهنڊو جهولائيندي

سنڌ ڪابينا ڪفايت شعاري جي اصولن کي پاليسي جو بنيادي حصو بڻايو آهي: شرجيل ميمڻ

سرڪاري گاڏين جي خريداري، مرمت ۽ استعمال جي هر مرحلي ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو

سمورن کاتن کي پنهنجن خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مالي نظم و ضبط تي عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو

سرڪاري گاڏين جي ذاتي يا غير مجاز مقصدن جي استعمال خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ڪفايت شعاري بابت سنڌ ڪابينا جي ذيلي ڪاميٽي جو اجلاس سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيو. اجلاس ۾ مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، قانون، پارلياماني ۽ گهرو معاملن واري صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار، ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا، جيل خانہ جات ۽ ورڪس اينڊ سروسز واري صوبائي وزير علي حسن زرداري، لاڳاپيل کاتن جا سيڪريٽرين ۽ اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف کاتن پاران سرڪاري گاڏين جي الاٽمينٽ ۽ استعمال بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو. ڪاميٽي طرفان قانون، پارلياماني امور، بلديات، داخلا، اطلاعات، اينٽي ڪرپشن ۽ يونيورسٽيز اينڊ بورڊز وارين وزارتن لاءِ نئين گاڏين جي خريداري، ضرورت ۽ مالي اثرن تي بحث ڪيو ويو. اجلاس دوران ڳالهائيندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪابينا ڪفايت شعاري جي اصولن کي پنهنجي پاليسي جو بنيادي حصو بڻايو آهي. سرڪاري گاڏين جي خريداري، مرمت ۽ استعمال جي هر مرحلي ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو. جن کاتن کي گاڏين جي سخت ضرورت آهي، انهن کي سهولت ڏني ويندي، جڏهن ته غير ضروري خرچن کان پاسو ڪرڻ اٽل آهي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعليٰ سنڌ جي هدايت مطابق سمورن کاتن کي پنهنجن خرچن ۾ گهٽتائي ۽ مالي نظم و ضبط تي عملدرآمد يقيني بڻائڻو پوندو. هر کاتي جي موجوده گاڏين جي تعداد، حالت ۽ ضرورت بابت مڪمل رپورٽ پيش ڪئي وڃي ته جيئن ضرورت جي بنياد تي فيصلا ڪري سگهجن. شرجيل انعام ميمڻ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته سرڪاري گاڏين جي ذاتي استعمال يا غير مجاز مقصدن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، سڀني گاڏين جو ڊجيٽل ريڪارڊ تيار ڪيو وڃي ته جيئن نگراني وڌيڪ مؤثر ۽ شفاف بڻائي سگهجي.

نائين ڪلاس جي نتيجن ۾ مجموعي نمبر ۽ گريڊ جاري نه ڪرڻ جو سخت نوٽيس

صوبائي وزير اسماعيل راهو چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان تحريري وضاحت طلب ڪري ورتي

نمبر ۽ گريڊ ظاهر نه ڪرڻ شاگردن ۽ والدين ۾ پريشاني ۽ شڪ پيدا ڪري رهيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير يونيورسٽيون ۽ تعليمي بورڊ سنڌ محمد اسماعيل راهو سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ ڪراچي پاران سال 2025 جي نائين ڪلاس جي نتيجن ۾ مجموعي نمبر ۽ گريڊ جاري نه ڪرڻ جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ ٽن ڏينهن اندر چيئرمين ميٽرڪ بورڊ کان تحريري وضاحت طلب ڪئي آهي. يونيورسٽيز جي وزير پاران چيئرمين ڪراچي بورڊ کي موڪليل خط ۾ چيو ويو آهي ته بورڊ 23 آڪٽوبر تي نتيجن جو اعلان ڪيو پر نه ته مجموعي نمبر فراهم ڪيا ويا ۽ نه ئي مضمون وار تفصيل ۽ گريڊ ظاهر ڪيا ويا. ان جي بدران مختلف ذريعن کان صرف ڪامياب شاگردن جا رول نمبر جاري ڪيا ويا. جيڪو نتيجن جي مستند ۽ روايتي طريقي کان انحراف آهي. هن چيو ته نمبر ۽ گريڊ ظاهر نه ڪرڻ شاگردن ۽ والدين ۾ پريشاني ۽ شڪ پيدا ڪري رهيو آهي. جڏهن ته شفافيت بابت سنگين خدشا پيدا ڪيا ويا آهن. محمد اسماعيل راهو ڪنٽرولر امتحانات ۽ آئي ٽي انچارج کي هدايت ڪئي ته ٽن ڏينهن اندر نتيجن جي اعلان ۾ طريقيڪار کان انحراف جا سمورا سبب ۽ حقيقتون لکت ۾ پيش ڪن ته جيئن ذميواري جو تعين ڪري سگهجي.

ايجوڪيشن سٽي کي 10 هزار ايڪڙ وڌيڪ زمين ڏيڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ زميندارن جو مظاهرو

سوين ڳوٺاڻن ۽ زميندارن ضياءُ الدين يونيورسٽي آڏو ڏرڙو هٽڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

اسان کي ايجوڪيشن سٽي نه پر زراعت سٽي جي ضرورت آهي، حڪومت فيصلي تي نظرثاني ڪري: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايجوڪيشن سٽي کي 10 هزار ايڪڙ وڌيڪ زمين ڏيڻ خلاف سوين ڳوٺاڻن ۽ زميندارن لنڪ روڊ تي احتجاجي ريلي ڪڍي ضياءُ الدين يونيورسٽي آڏو ڏرڙو هٽڙي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. مظاهري جي اڳواڻي سليم سالار جوکيو، مجاهد جوکيو، عبدالرزاق سالان نور حسن جوکيو، وائيس چيئرمين يو سي گهگهر ستار خليفو جوکيو، ڪائونسلر حسين بخش جوکيو، سليم جوکيو ڪري رهيا هئا. مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پليڪارڊ هئا جن تي ايجوڪيشن سٽي خلاف نعرا درج هئا. مظاهري کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ايجوڪيشن سٽي وارن 1 سئو کان وڌيڪ ڳوٺ، باغ، زرعي زمينون کسڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، اڳ به 9 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ايجوڪيشن سٽي کي ڏني وئي هاڻي وري 10 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ڏيڻ سراسر زيادتي آهي. ڪراچي ۾ سنڌين جي شناخت ختم ڪرڻ لاءِ اهڙا قدم کنيا پيا وڃن. اڳواڻن چيو ته صدين کان ڳوٺ قائم آهن. ڳوٺن سميت گذر معاش جا زرعي وسيلا کسيا پيا وڃن. اسان کي ايجوڪيشن سٽي نه پر زراعت سٽي جي ضرورت آهي. سنڌ حڪومت فيصلي تي نظرثاني ڪري ٻي صورت ۾ تحريڪ تيز ڪنداسين. اڳواڻن چيو ته ايجوڪيشن سٽي جي نالي سان اسان جي معاشي قتل سان گڏ انساني حقن جي لتاڙ ڪئي پئي وڃي جيڪا ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي. فوري طور تي فيصلو واپس ورتو وڃي. مرنداسين، مري وينداسين پر زمين ڪنهن به صورت نه ڏينداسين. اڳواڻن چيو ته اسان جا ملير جا چونڊيل نمائندا هيڏي وڏي زيادتي تي خاموش آهن اسان جا نمائندا عوام کان ووٽ وٺي وڃن ٿا پر عوام جي سار نه ٿا لهن. اخلاقي طور انهن کي استعيفا ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي عوام سان بيهڻ گهرجي. ظلم خلاف اسان سان گڏ بيهڻ گهرجي مگر انهن کي اقتدار جي لالچ آ. اسان زمينون بچائڻ لاءِ قانوني ۽ احتجاجي رستو اختيار ڪيو آهي. هي جدوجهد ڏينهون ڏينهن تيز ڪئي ويندي.

وفاقي حڪومت سوئي گئس جي ڪنيڪشن تي لڳل پابندي ختم ڪري عوام دوست فيصلو ڪيو آهي: لاڙڪاڻي جا عملدار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سوئي سدرن گئس ڪمپني جي عملدار سلمان صديقي کاتي جي آفيسرن شاهد شيخ، رميش ڪمار، فقير غلام علي، محمد امين ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان سال 2021ع کان وٺي سوئي گئس جي نئين ڪنيڪشن تي لڳل پابندي ختم ڪري عوام دوست فيصلو ڪيو آهي جنهن سان لاڙڪاڻي سميت سڄي ملڪ جو عوام فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته سوئي سدرن گئس ڪمپني پاران سنڌ جي هر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ۾ نئون ڪنيڪشن حاصل ڪندڙ صارفين لاءِ خاص عملو مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو نئون ڪنيڪشن حاصل ڪرڻ لاءِ آيل صارف کي گهربل ڪاغذن بابت آگاهي ڏيندو جنهن سان اهو شهري آساني سان گئس جو نئون ڪنيڪشن حاصل ڪري سگهندو.

اتر ڪوريا پاران سمنڊ کان زمين تي مار ڪندڙ اسٽريٽيجڪ ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو

پيانگ يانگ (اي پي پي) اتر ڪوريا سمنڊ کان زمين تي مار ڪندڙ اسٽريٽيجڪ ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي. پرڏيهي خبري ادارن مطابق اهو تجربو ٻيٽ نما ڪوريا جي اولهندي سامونڊي علائقي ۾ ڪيو ويو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو ميزائل هڪ سامونڊي جهاز تان عمودي انداز ۾ فائر ڪيو ويو ۽ 7,800 سيڪنڊ تائين پنهنجي مقرر رستي تي اڏام ڪندي هدف کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو. پرڏيهي ميڊيا مطابق ميزائل سسٽم کي سامونڊي جهاز تان لانچ ڪرڻ لاءِ جديد گهرجن مطابق بهتر بڻايو ويو آهي. تجربي جي تاريخ، هدف جا تفصيل يا فوجي اختيارين جي بيانن بابت ڪي به وڌيڪ تفصيل جاري ناهن ڪيا.

ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ ڪرپشن نه پر قانون جو نفاذ آهي: سعديه جاويد

ايم ڪيو ايم اڳواڻن عوام کي قانون نه ٽوڙڻ پر ان جي پاسداري ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ گهرجي

پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿي: صوبائي ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي بيان تي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد جو ردعمل، چيو آهي ته ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ ڪرپشن ناهي اهو قانون جو نفاذ آهي. قانون سڀني لاءِ برابر آهي ڪا به سياسي پارٽي مستثنيٰ ناهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ عوام کي قانون نه ٽوڙڻ پر ان جي پاسداري ڪرڻ جي ترغيب ڏين. سعديه جاويد چيو ته روڊن تي نظم و ضبط برقرار رکڻ سنڌ حڪومت جي ذميواري آهي ايم ڪيو ايم اڳواڻن جو بيان بيوقوفي ۽ عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش آهي پيپلز پارٽي جي حڪومت قانون جي حڪمراني تي يقين رکي ٿي. ڪرپشن نه، ٽريفڪ پوليس قانون موجب پنهنجا فرض ادا ڪري رهي آهي. سعديه جاويد چيو ته شهرين جي حفاظت ۽ نظم و ضبط برقرار رکڻ لاءِ جرمانو ضروري آهي. سياسي پوائنٽ اسڪورنگ بدران عوامي شعور اجاگر ڪيو وڃي. سنڌ حڪومت ادارن کي مضبوط ڪري رهي آهي ۽ قانون لاڳو ڪندڙن جي حوصلا افزائي ڪري رهي آهي.

ڪراچي ۾ اي ٽڪيٽنگ سسٽم ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي گاڏي جو به چالان ڪاٽي ڇڏيو

لياري ايڪسپريس وي تي گارڊن انٽرچينج تان لهڻ دوران گاڏي جو چالان جاري ڪيو ويو

ڊي آءِ جي ٽريفڪ گاڏي ۾ نه هو، ڊرائيور سيٽ بيلٽ بنا گاڏي هلائي رهيو هو، ڏهه هزار جو چالان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ تازو لاڳو ڪيل جديد فيس ليس اي-ٽڪيٽنگ سسٽم ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه جي گاڏي لاءِ چالان ٽڪيٽ پڻ جاري ڪئي. لياري ايڪسپريس وي تي گارڊن انٽرچينج تان لهڻ دوران ڊي آءِ جي ٽريفڪ پوليس جي گاڏي جو چالان جاري ڪيو ويو. ڊي آءِ جي ٽريفڪ جي گاڏي سندس ڊرائيور هلائي رهيو هو جڏهن ته ڊي آءِ جي ٽريفڪ گاڏي ۾ نه هو ۽ سندس اسڪواڊ گارڊن هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪيس وٺڻ لاءِ اچي رهيو هو. سيٽ بيلٽ نه پائڻ جي خلاف ورزي تي چالان، ڊرائيور تي 10,000 هزار رپيا جرمانو ڪيو ويو. ٽريفڪ پوليس جي ترجمان موجب ڪو به قانون کان مٿانهون ناهي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف باقاعدي ڪارروائي ڪئي ويندي. ٽريفڪ پوليس شهرين کي اپيل ڪري ٿي ته پنهنجي ۽ ٻين جي حفاظت لاءِ ٽريفڪ ضابطن تي عمل ڪن ۽ هميشه سيٽ بيلٽ استعمال ڪن.

ڪراچي ۾ شهري کان ڦر دوران پوليس پهچي وئي، مقابلي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 4 ڄڻن بئنڪ مان پئسا ڪڍائيندڙ شهري کان ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

موقعي تي پهتل پوليس اهلڪارن ڦورن جو پيڇو ڪيو، فائرنگ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو هڪ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي ۾ موٽرسائيڪلن تي سوار هٿياربند ڦورن شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس پهچي وئي. پوليس اهلڪارن پاران پيڇو ڪرڻ تي فرار ٿيندڙ ڦورن پوليس تي فائرنگ ڪئي جنهن کان پوءِ پوليس جوابي ڪارروائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن ته ساٿي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار چار ڄڻن بئنڪ مان پئسا ڪڍائيندڙ شهري کي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ٻه جوابدار فرار ٿي ويا آهن ۽ انهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن.

ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي کي وڌيڪ مضبوط ۽ مقامي نمائندن کي بااختيار بڻائڻ جو عزم

صوبائي صدر نثار کهڙو جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف تنظيمي فيصلا ڪيا ويا

اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شموليت شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي يقيني بڻائي وڃي: هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو هڪ اهم تنظيمي اجلاس ٿي گذريو. اجلاس جي صدارت پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو ڪئي. اجلاس ۾ جنرل سيڪريٽري پ پ سنڌ سينيٽر وقار مهدي، صدر پ پ ڪراچي ڊويزن سعيد غني، جنرل سيڪريٽري پ پ ڪراچي ڊويزن رئوف ناگوري ۽ انفارميشن سيڪريٽري پ پ ڪراچي ڊويزن ڊاڪٽر شرميلا فاروقي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ضلعي اوڀر، ضلعي ڪورنگي ۽ ضلعي ڪياماڙي جي صدرن، جنرل سيڪريٽرين ۽ انفارميشن سيڪريٽرين به شرڪت ڪئي. انهن ۾ ضلعي اوڀر جو صدر اقبال سنڌ، ضلعي ڪياماڙي جو صدر لياقت آسڪاني ۽ ضلعي ڪورنگي جو صدر جاني ميمڻ شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ٽنهي ضلعن جي تنظيمي ڍانچي تي تفصيلي غور ڪيو ويو ۽ يونين ڪائونسل سطح تائين تنظيم سازي جي منصوبن تي صلاح مشورا ڪيا ويا. قيادت زور ڏنو ته تنظيم کي هيٺين سطحن تائين وڌيڪ موثر بڻايو وڃي، باهمي رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي، موجوده خامين جي نشاندهي ڪئي وڃي ۽ ڪارڪنن جي شموليت شفافيت ۽ ميرٽ جي بنياد تي يقيني بڻائي وڃي. قيادت پاڪستان پيپلز پارٽي جي نظريي ۽ بنيادي اصولن سان پنهنجي وابستگي جو ڀرپور اظهار ڪيو جن جو بنياد سماجي انصاف، جمهوريت ۾ شموليت ۽ محروم طبقن جي بااختياري تي آهي. اهو فيصلو ڪيو ويو ته پارٽي پنهنجي گراس روٽ سطح تي موجودگي کي وڌيڪ مضبوط ڪندي، مقامي برادرين سان لاڳاپا وڌائيندي ۽ عوامي خدمت کي يقيني بڻائيندي. اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو.

لاڙڪاڻو: رائيس ڪئنال ۾ وهنجندي چوٿين ڪلاس جو شاگرد ٻڏي ويو، ڳولا جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سول لائين ٿاڻي جي حد ميروخان رسول آباد پرسان پيادل پل رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ دوران ميروخان ميروخان چوڪ واري علائقي جو رهواسي چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندڙ 10 سالن جو ٽينگر حسن پٽ منظور بروهي ٻڏي ويو. اطلاع تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم ۽ ڪوڙن پهچي ٽينگر جي ڳولا ڪئي پر ان جي باوجود ٽينگر جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سندس گهر ڀاتين ۾ سخت پريشاني واري لهر ڇانيل آهي. ان حوالي سان ٻڏي ويل ٽينگر جي وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان جو ٽينگر ٻارڙي جي ٻين ٻارن سان گڏجي رائيس ڪئنال ۾ وهنجڻ لاءِ ويو جتي ٻڏي ويو آهي. ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين ٻڏي ويل ٽينگر جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو هو.

افغانستان ۽ قازقستان جي ڪمپنين وچ ۾ سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ معاهدن تي صحيحون

آستانہ (اي پي پي) افغانستان ۽ قازقستان جي وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي وٺرائڻ بابت ڪيترن ئي مفاهمتي يادداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون ويون آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق افغانستان جي صنعت ۽ واپار واري وزارت ٻڌايو ته اهي معاهدا ٻنهي ملڪن جي 15 ڪمپنين وچ ۾ قازقستان جي شهر شمڪينٽ ۾ طئي ٿيا جنهن جي ماليت 36 ڪروڙ آمريڪي ڊالر آهي. انهن معاهدن جو مقصد تيل، خوراڪ، ٽرانسپورٽ ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ آهي.

ڪراچي ۾ ڊپٽي ميئر سان جماعت اسلامي جي وفد جي ملاقات، شهري مسئلن، بلدياتي خدمتن بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد سان بلديه عظميٰ ڪراچي جي ڪائونسل ۾ اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي جي هڪ وفد پنهنجي آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران شهري مسئلن، بلدياتي خدمتن ۽ ايندڙ اجلاس جي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. هن موقعي تي سٽي ڪائونسل جي پارلياماني ليڊر ڪرم الله وقاصي، ڊپٽي پارلياماني ليڊر دل محمد، جسن دوران جماعت اسلامي جا يو سي چيئرمين نعمان احمد ۽ شاهد فرمان پڻ موجود هئا. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد وفد سان ڳالهائيندي چيو ته بلديه عظميٰ ڪراچي شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي. شهر جي سڀني علائقن ۾ روڊن جي مرمت ۽ ٻين بلدياتي خدمتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن.

وڏي وزير پاران سي ايس ايس ۾ ڪامياب نابين اميدوار کي فارن سروس ۾ شموليت تي واڌايون

اکين کان محروم سي ايس ايس ڪامياب اميدوار ارل حسين وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي

خاص ماڻهن جون وڏيون ڪاميابيون سنڌ حڪومت جي فلاحي ڪوششن جو نتيجو آهن: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 27 ورهين جي اکين کان محروم سي ايس ايس ڪامياب اميدوار ارل حسين سان اربع ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي ۽ کيس پاڪستان جي فارن سروس ۾ شموليت تي دل جي گهراين سان واڌايون ڏنيون. ارل حسين سي ايس ايس جو امتحان 2024ع جي بيچ ۾ ڪاميابي سان پاس ڪيو ۽ کيس سندس پهرين ترجيح مطابق فارن سروس آف پاڪستان لاءِ چونڊيو ويو. هن موقعي تي ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته ارل حسين جي ڪاميابي ثابت ڪري ٿي ته همت، محنت ۽ پڪي ارادي اڳيان ڪا به جسماني معذوري رڪاوٽ نٿي بڻجي سگهي. سيد مراد علي شاهه نوجوان آفيسر کي ڀاڪر پائيندي چيو ته توهان اسان سڀني جو نالو فخر سان مٿي ڪيو آهي. ارل حسين پنهنجي تعليمي سفر بابت ٻڌايو ته هن خاص ٻارن جي اسڪول مان شروعاتي تعليم حاصل ڪئي بعد ۾ سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ۽ ڪراچي يونيورسٽي مان تعليم مڪمل ڪئي. وڏي وزير پيپلز بس سروس جي پڻ ساراهه ڪئي جنهن بابت ارل حسين ٻڌايو ته هو پيپلز بس سروس کي باقاعدي استعمال ڪري ٿو ۽ ان کي تمام ڪارائتو سمجهي ٿو. هن وڏي وزير کي عرض ڪيو ته بس سروس ۾ ڊيجيٽل يا وائيس اسسٽڊ سسٽم شامل ڪيو وڃي ته جيئن بصارت کان محروم ماڻهو آسانيءَ سان سفر ڪري سگهن. ارل حسين وڌيڪ چيو ته سي ايس ايس امتحان دوران بصارت کان محروم اميدوارن کي اضافي وقت ڏنو ويندو آهي جنهن سبب هو وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪارڪردگي ڏيکاري سگهيا. ملاقات ۾ وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبليٽيز (ڊي اي پي ڊي) جو سيڪريٽري طه فاروقي، نيٽورڪ آف آرگنائيزيشن ورڪنگ ود ڊس ايبليٽيز (NOWPDP) جو اسين هاشواڻي، مصطفيٰ غازي ۽ اقرا نگي پڻ موجود هئا. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۾ خاص ماڻهن جون وڏيون ڪاميابيون سنڌ حڪومت جي فلاحي ڪوششن جو نتيجو آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد هڪ جامع ۽ بااختيار سماج جوڙڻ آهي جتي خاص ماڻهن کي اعليٰ تعليم ۽ روزگار جا موقعا ملي سگهن. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت انڪلوزو سٽي ۽ ٻين ادارن سان گڏجي خاص ٻارن جي تعليم ۽ بااختياري لاءِ ڪم جاري رکندي. هن سول سوسائٽي ۽ نجي شعبي کي اپيل ڪئي ته اهي پڻ خاص ماڻهن جي ترقي ۽ بااختياري لاءِ حڪومت سان گڏجي قدم وڌائين.

ڪراچي: جهنگ ۾ باهه لڳڻ سبب هڪ ڄڻو ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ۽ زخمي

يونيورسٽي پويان گلشن نور ويجهو جهنگ ۾ لڳل باهه تيزي سان پکڙجي وئي

ساهه ٻوساٽجڻ سبب 52 سالن جو رفيق ولد محمد شريف فوت ٿي ويو ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي يونيورسٽي جي پويان واقع گلشن نور جي ويجهو جهنگ ۾ باهه لڳي وئي ۽ سڪل ٻوٽن جي ڪري اها تيزي سان پکڙجي وئي. باهه ايتري تيز هئي جو ان جا شعلا ڪيترائي فوٽ اچا ۽ پري کان نظر اچي رهيا هئا. جڏهن ته جهنگلن جي ويجهو جهوپڙيون به ٺهيل هيون. ريسڪيو 1122 جي رضاڪارن هنگامي قدم کنيا ۽ جهوپڙين سان آبادي کي بچائڻ کي يقيني بڻايو جڏهن ته 8 فائر برگيڊ گاڏين باهه وسائڻ لاءِ قدم کنيا. هوا جي ڪري باهه ڪراچي يونيورسٽي جي اسٽاف ڪالوني ۾ پکڙجي وئي. جنهن سبب ڪجهه گهر ۾ متاثر ٿيا. جڏهن ته ان جا شعلا ويجهي قبرستان تائين به پهچي ويا. ريسڪيو عملدارن موجب باهه لڳڻ سبب هڪ شخص ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي رسمي ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوتي جي سڃاڻپ 52 سالن جي رفيق ولد محمد شريف جي نالي طور ٿي آهي. ان کان علاوه دونهين جي سبب ٻن ماڻهن جي حالت خراب ٿي وئي جن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. فائر برگيڊ عملدارن ٽن ڪلاڪن جي جدوجهد کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو.

ڪراچي فش هاربر تي مهاڻن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: محمد علي ملڪاڻي

شڪار کان وٺي مڇي مارڪيٽ تائين درپيش مسئلن کي ايف سي ايس سان گڏجي حل ڪنداسين

مهاڻن کي هر اها سهولت ڏينداسين جنهن سان هو معاشي گذر سفر جاري رکي سگهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي فش هاربر تي ماهيگيرن سان پيش ايندڙ مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو ويندو. شڪار کان وٺي مڇي مارڪيٽ تائين کين درپيش مسئلن کي اسان ايف سي ايس سان ويهي گڏيل طور آئين ۽ قانون موجب فيصلا ڪري سندن ڏکيائون ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اهڙو اظهار لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرمين فاطمه مجيد سان هڪ اعليٰ سطحي ميٽنگ ۾ ڪيو. ان موقعي تي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ايم ڊي ڪراچي فشريز هاربر اٿارٽي زاهد ڪيميٽيو ۽ ايف سي ايس ۽ هاربر اٿارٽي جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي فاطمه مجيد چيو ته اوڳاڙي جي مد ۾ رعايت ڏني وڃي جنهن تي منسٽر محمد علي ملڪاڻي چيو ته اهڙي رعايت لاءِ اوهان ڪراچي فش هاربر اٿارٽي جي بورڊ ۾ اهو مسئلو آڻيو جنهن تي ڊسڪس ڪري بورڊ جي ٿيندڙ قانون موجب ان رعايت کي مدنظر رکيو ويندو. ان ڪري ان معاملي جي جاچ ڪئي ويندي ۽ جلد ان مسئلي کي حل ڪيو ويندو ته جيئن ماهيگيرن پاران پنهنجي شڪار ڪيل مڇي مارڪيٽ ۾ آڻڻ بابت جيڪي تڪليفون آهن.

تفصيل موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبلي ميمبر انجنيئر عادل عسڪري ڪراچي ۾ شهرين تي اي-چالان لاڳو ڪرڻ خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع ڪرائي آهي. تحريڪ ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته حڪومت بنيادي ٽريفڪ انتظام ۽ روڊ حفاظتي قدمن کي يقيني بڻائڻ کانسواءِ شهرين تي اليڪٽرانڪ چالان سسٽم لاڳو ڪيو آهي. تحريڪ جي متن ۾ چيو ويو آهي ته شهر ۽ صوبي ۾ خراب روڊن جي ڪري شهري سخت مشڪلاتن ۽ حادثن جو شڪار ٿي رهيا آهن. جڏهن ته ڪو به موثر ٽرانسپورٽ سسٽم ناهي، شهرين وٽ ڪو قابل عمل پبلڪ ٽرانسپورٽ آپشن نه آهي جنهن جي ڪري روزانو سفر عذاب بڻجي ويو آهي. تحريڪ التوا ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته اي-چالان سسٽم کي روڊ جي بنيادي ڍانچي جي بهتر ٿيڻ تائين معطل ڪيو وڃي.

استحڪام رهيو ۽ ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 524.48 پوائنٽس جي گهٽتائي کانپوءِ 48334.92 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 3133.54 پوائنٽس جي گهٽتائي کانپوءِ 229055.34 پوائنٽس تي بند ٿيو. فيوچر ٽريڊنگ تحت 27.31 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا. گذريل ڏينهن ڪي اليڪٽرڪ جي 92996672 شيئرز، جيسڪول 53919141 شيئرز ۽ ورلڊ ڪال ٽيلي ڪام جي 51080521 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي. گلستان سپننگ ملز، بي اي ايف مضاربہ ۽ چڪوال سپننگ ملز سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا	18	جمع

چالان لاڳو ڪرڻ جو معاملو سنڌ اسيمبلي ۾ پهچي ويو آهي، ايم ڪيو ايم اسيمبلي ۾ التوا جي تحريڪ جمع ڪرائي آهي.

جيڪڏهن ڪو قانون جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته ان جو چالان جاري ڪيو ويندو. ٽريفڪ ضابطن جي ڀڃڪڙي سبب حادثا ٿين ٿا. قيمتي انساني جانيون ضايع ٿين ٿيون. ڪوئي گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ آهي. ڪنهن هڪ جي جان نه ويندي ته ان جا پونئر هوندا آهن. اسان جو مقصد انساني جانين جي حفاظت ڪرڻ آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ ۽ سنڌ حڪومت پاران ڪالهه شروع ڪيل جاب پورٽل کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو پيو وڃي. سرڪاري نوڪرين سان گڏ، خانگي ادارن ۾ آءِ ورڪ فار سنڌ تي نوڪرين جا اعلان ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته سنڌ سرڪار جي جاب پورٽل ۾ صرف سرڪاري نوڪرين لاءِ درخواست ڏئي سگهجي ٿي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته افغانستان اسان جو برادر ملڪ آهي. پاڪستان هميشه ان کي پنهنجي اڳيان رکيو پر جيڪڏهن اهو ٻئي ملڪ هندستان لاءِ پراڪسي بڻجي ڪري پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪندو آهي يا ان کي سهولت فراهم ڪندو آهي ته پوءِ پاڪستاني فوجون ڪنهن به حالت ۾ برداشت نه ڪنديون. هندستان افغانستان ۾ موجود گروپن کي پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪرڻ لاءِ پراڪسيءَ طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. پاڪستان پنهنجي سڀني پاڙيسرين سان دوستاڻا ۽ پرامن لاڳاپا چاهي ٿو. جيڪڏهن ڪو به ملڪ پاڪستان ڏانهن ميري اک ڪري ڏسندو ته ان کي سختيءَ سان جواب ڏنو ويندو.

بقايا	17	گهٽتائي

ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن مندائي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 1635.97 پوائنٽس جي گهٽتائي کانپوءِ 158465.05 پوائنٽس تي بند ٿيو. مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 478 ڪمپنين جي 951.84 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي. جنهن جي ماليت 41.30 ارب رپيا هئي. 123 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو، 314 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 41 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾

انهن سان واپاري معاهدا نه ڪندو. ٽرمپ هڪ تقريب ۾ ڳالهيون ڪندي چيو ته مان ڀارت سان هڪ واپاري معاهدو ڪرڻ وڃي رهيو هئس، مودي سان منهنجي سٺي دوستي آهي. مان انهن جو احترام ڪريان ٿو. اهو هڪ قاتل آهي. تمام سخت قسم جو انسان آهي. اهڙي طرح پاڪستان جو وزيراعظم به بهترين انسان آهي. انهن وٽ هڪ فيلڊ مارشل آهي جيڪو تمام گهڻو زبردست فائٽر آهي. آمريڪي صدر چيو ته مون کي خبر ملي ته 7 جهاز ڪيرايا ويا آهن. ٻئي ملڪ ايٽمي طاقتون آهن. جيڪي هڪ ٻئي تي حملا ڪري رهيا آهن. مون مودي کي فون ڪيو ۽ چيو ته اسان اوهان سان واپاري معاهدو نٿا ڪري سگهون ڇو ته اوهان جنگ شروع ڪري رهيا آهيو. پوءِ مون پاڪستان کي فون ڪيو جنهن ۾ مون ساڳي ڳالهه چئي. ٻنهي ملڪن چيو ته اسان کي وڙهڻ ڏيو. ٻئي ملڪ تمام گهڻا سخت آهن. ٽرمپ چيو ته مون مودي کي چيو اوهان تمام بهترين لڳو ٿا، پر اوهان سخت ماڻهو آهيو. انهي چيو نه اسان وڙهنداسين، پر صرف ٻن ڏينهن کان پوءِ ٻنهي ملڪن مون کي فون ڪيو ۽ چيو ته اسان سمجهي ويا آهيون. جنهن کان پوءِ جنگ رڪجي وئي. ڇا اهو حيران ڪندڙ نه آهي. آمريڪي صدر تنقيد واري انداز ۾ وڌيڪ چيو ته اوهان سوچي سگهو ٿا ته بائيڊن ائين ڪري سگهي ها؟ مون کي ته نه ٿو لڳي.

بقايا	16	شرجيل ميمڻ

انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي کي هر اها سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي جيڪا هڪ ترقي يافته شهر کي هجڻ گهرجي. تاج حيدر پل کي اڄ کان عوام لاءِ کوليو ويو آهي. هن پل جي افتتاح سان ڪورنگي جهڙن صنعتي علائقن ۽ ان سان گڏوگڏ رهائشي علائقن جي ماڻهن کي سهولت ملندي. ان کي شروعاتي ڏهه ڏينهن لاءِ هڪ طرفي پل طور هلايو ويندو. بعد ۾ ٻه طرفي ٽرانسپورٽ شروع ڪئي ويندي. پراڻي چار صادق پل کي ڊاهيو ويندو. جديد معيار جو هڪ نئون پل ٺاهيو ويندو. مرحوم سينيٽر تاج حيدر جي نالي تي رکيل تاج حيدر پل جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عالمي بينڪ جي سهڪار سان سنڌ حڪومت پاران ييلو لائين بي آر ٽي منصوبي تي ڪم تيزي سان جاري آهي. جڏهن ييلو لائين بي آر ٽي بسون هلنديون ته شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ انهن کي فائدو ملندو. سنڌ حڪومت ڪوشش ڪري رهي آهي ته بي آر ٽي لائينن تي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي. شڪارپور، خيرپور ۽ نوشهرو فيروز ۾ پيپلز بس سروس شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. گلشن معمار کان ڪراچي ۾ ٽاور تائين اي وي بسن جو هڪ نئون روٽ شروع ڪيو پيو وڃي. جيڪو روزانو پنجاهه هزار ماڻهن کي سفر جون سهولتون فراهم ڪندو. شاهراهه ڀٽو جو آخري مرحلو ڊسمبر تائين مڪمل ٿي ويندو ۽ جڏهن اهو ايم-9 موٽر وي سان ڳنڍجي ويندو ته ڪراچي شهر ۾ ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽجي ويندو. هن چيو ته ڪراچي ۾ روڊن جي تعمير ۽ مرمت جو ڪم جاري آهي ۽ برسات کان متاثر ٿيندڙ روڊن کي به بحال ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت پنهنجا سمورا واعدا پورا ڪري رهي آهي ۽ شهرين کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪم جاري آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي شهر جي ٽرانسپورٽ ۾ وڌيڪ نيون بسون شامل ڪيون پيون وڃن. عورتن کي گلابي اسڪوٽيون مفت ڏنيون پيون وڃن ۽ انهن کي هلائڻ جي تربيت پڻ ڏني پئي وڃي. هن چيو ته ڪراچي سنڌ حڪومت جي بهترين اوليت آهي ڇو ته پوري ملڪ مان ماڻهو روزگار ۽ علاج لاءِ هن شهر جو رخ ڪندا آهن. پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي سمورا کاتا سرگرم آهن ۽ جاري منصوبن کي وڌيڪ وڌايو پيو وڃي. اسان جي بهترين ترجيح ڪراچي جي شهرين جي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ملازم عورتن ۽ شاگردن کي مفت گلابي اسڪوٽيون گڏوگڏ مفت تربيت ۽ لائسنس فراهم ڪري رهي آهي. ڪو به ٻيو صوبو عوام کي اهڙي سهولت فراهم نه ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ٽريفڪ پوليس اي-چالان سسٽم شروع ڪيو آهي. شهرين لاءِ پيغام اهو آهي ته شهري مثبت رويو اختيار ڪن، ٽريفڪ ضابطن جي پاسداري ڪن ۽ نظم و ضبط جو مظاهرو ڪن ته جيئن هر ڪنهن کي شهر جي ترقياتي قدمن جو ثمر ملي سگهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اسان انهن منصوبن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سنڌ حڪومت وٽ پنج سئو وڌيڪ بسن جو به منصوبو آهي. اسان پنهنجي شهرين کي بهترين ممڪن سفري سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن اسان کي ٽريفڪ چالان جي صورت ۾ هڪ رپيو به نه ملي. ماڻهن کي ضابطن تي عمل ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ڪو ڏوهه ڪري ٿو ته چالان ٿيندو. جن وٽ مينڊيٽ ناهي اهي تنقيد ڪري رهيا آهن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سڀئي شهري اسان لاءِ عزت جي لائق آهن.

ٻنهي ملڪن جي عوام کي فائدو پهچي سگهي ٿو. وفاقي وزير محسن نقوي چيو ته ايران ۽ پاڪستان علائقائي امن ۽ استحڪام جا حصيدار آهن ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويجهو تعاون خطي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ اهم آهي. ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن ۾ گڏيل اعتماد ۽ دوستي جي رشتن کي وڌيڪ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو.

بقايا	12	ضياء لنجار

رجسٽريشن هوندي. صوبائي گهرو وزير ضياء لنجار چيو ته ڪراچي ۾ جتي ٽريفڪ سگنل هوندو ان تي چالان ٿيندو. ٽريفڪ سگنلز سان گڏ لڳل ڪيمرائون هڪ مهيني ۾ فعال ڪري ڇڏينداسين جڏهن ته هڪ کان ڏيڍ سال ۾ ڪراچي شهر ۾ 12 هزار ڪيمرا لڳايا ويندا. هن چيو ته گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ 2600 چالان ٿيا. ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ 2600 چالان ڪا به اهميت نٿا رکن. گهرو وزير چيو ته موٽر سائيڪل جا 2 قسمن جا چالان ٿيندا، اي چالان انهي وٽ ويندو جنهن جي نالي تي گاڏي رجسٽرڊ هوندي جڏهن ته اهو به ڏوهه آهي ته اوهان جي گاڏي ڪو ٻيو هلائي، ڪانپوءِ به اوهان جي نالي تي آهي. هن وڌيڪ چيو ته 10 هزار ٽرالر ٽينڪر رجسٽرڊ ڪيا، ٽريڪر لڳايا، هيوي ٽريفڪ ۾ اهي ٽريڪرز به اي چالان سسٽم سان جڙيل آهن. شهر ۾ جيئن ئي اهي ٽرالر يا ٽينڪر 30 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ کان رفتار وڌائيندا ته اي چالان ٿي ويندو. اهو سسٽم فينسي نمبر پليٽ جي به سڃاڻپ ڪري سگهي ٿو. ضياء لنجار چيو ته ٽريفڪ پوليس سان گڏجي مختلف علائقن ۾ ڊرائيونگ لائسنس سينٽرز به ٺاهي رهيا آهيون.

بقايا	13	ملاقاتون

ڪيون. پيٽروليم ڊويزن جي ترجمان طرفان جاري بيان موجب وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، پرڏيهي معاملن واري صلاحڪار محمد توحيد حسين سان ملاقات ڪئي. ٻنهي اڳواڻن طرفان پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ اداري جاتي ميڪانزم جي اجلاسن جي بحالي تي اطمينان جو اظهار ۽ رابطا، توانائي ۽ قدرتي وسيلن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون جي موقعن کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ان موقعي تي بنگلاديش جي پرڏيهي صلاحڪار پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ سڌي ريت اڏامن جي بحالي جي اهميت تي زور ڀريو. وفاقي وزير سان واپار، ٽيڪسٽائيل، سول ايوي ايشن ۽ سياحت واري صلاحڪار شيخ بشير الدين ۽ توانائي ۽ معدني وسيلن واري صلاحڪار محمد فوزل ڪبير خان به ملاقاتون ڪيون. ملاقات ۾ ٻطرفي واپاري تعاون کي وڌائڻ ۽ توانائي جي شعبن ۾ گڏيل تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير علي پرويز ملڪ 20 سالن کانپوءِ گڏيل اقتصادي ڪميشن جي اجلاس کي سنگ ميل قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ بنگلاديش جي لاڳاپن ۾ هڪ نئين باب جي شروعات ٿي آهي. هن بنگلاديش طرفان ڪيل شاندار مهمانوازي جو به ٿورو مڃيو.

بقايا	14	قرار

آئيني بينچ شبلي فراز ڪيس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته هاءِ ڪورٽ ڌرين کي ٻڌڻ بعد التوا هيٺ درخواست تي فيصلو ڪري. سپريم ڪورٽ سينيٽ اليڪشن روڪرائڻ واري درخواست به رد ڪري ڇڏي. جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ پنج رڪني آئيني بينچ شبلي فراز پاران اليڪشن ڪميشن جي ڊي سيٽ ڪرڻ واري نوٽيفڪيشن خلاف درخواست تي پشاور هاءِ ڪورٽ جي ڪارروائي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪرڻ واري فيصلي خلاف اپيل تي ٻڌڻي اربع تي ڪئي. جسٽس حسن اظهر رضوي پڇيو ته ڪل ڪيترين سيٽن تي چونڊون ٿيڻيون آهن جنهن تي بئريسٽر گوهر ٻڌايو ته صرف هڪ سيٽ لاءِ اليڪشن آهي. عدالت ريمارڪس ڏنا ته سينيٽ چونڊن ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي ۽ اليڪشن روڪڻ جي درخواست رد ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته ڪيس ۾ رليف حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪندڙ جو سرينڊر ڪرڻ لازمي آهي. جسٽس محمد علي مظهر پڇيو ته ڇا پشاور هاءِ ڪورٽ ڪيس ٻڌڻ جوڳو هجڻ يا نه هجڻ تي ڪو فيصلو ڪيو؟ جنهن تي بئريسٽر گوهر ٻڌايو ته ڪيس اڃا خارج نه ڪيو ويو آهي. جسٽس مندو خيل ريمارڪس ڏنا ته اهو ڪيس بنيادي حقن بابت آهي جنهن تي ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان چيو ته حقن جو تعلق سڌيءَ ريت سزا سان آهي. درخواست گذار دهشتگردي جي روڪ ٿام واري عدالت مان سزا يافته آهي. جسٽس حسن اظهر رضوي ريمارڪس ۾ چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ کي صرف هڪ پيراگراف ۾ حڪم ڏيڻ کپي ها پر 31 صفحا لکي ڇڏيا. بعد ۾ سپريم ڪورٽ پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيندي شبلي فراز جي درخواست نبيري ۽ حڪم ڏنو ته هاءِ ڪورٽ ڌرين کي ٻڌڻ بعد شبلي فراز جي التوا هيٺ درخواست تي فيصلو ڪري.

بقايا	15	واکاڻ

هن ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي ۽ پاڪستاني قيادت سان رابطو ڪيو. انهن کي چيو ته جيڪڏهن هو جنگ ڪندا ته آمريڪا

ڪيل "اميد جي گهنٽي" کي ساڻهن تائين پهچڻ لاءِ هڪ منفرد ۽ قابل تعريف قدم قرار ڏنو. قونصل جنرل قائداعظم محمد علي جناح جي تاريخي آفيس جو دورو ڪيو ۽ قائد جي سامان جي تحفظ جي تعريف ڪئي. قونصل جنرل گورنر هائوس ۾ يادگار مهم جي حصي طور هڪ ٻوٽو لڳايو ۽ مهمانن جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا.

بقايا	9	تياريون مڪمل

پولنگ صبح 9 وڳي کان شام 4 وڳي تائين ٿيندي، 3 اميدوارن ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. اليڪشن ڪميشن خيبر پختونخوا جي ترجمان مطابق تاج محمد آفريدي، خرم ذيشان ۽ عرفان سليم ۾ مقابلو ٿيندو. 2 اميدوار عابد خان يوسفزئي ۽ نثار خان ريٽائر ٿي ويا. خيبر پختونخوا مان سينيٽ جي جنرل سيٽ تي ٿيندڙ چونڊ لاءِ پولنگ (اڄ) خميس 30 آڪٽوبر 2025ع تي منعقد ٿيندي. پولنگ خيبر پختونخوا جي صوبائي اسيمبلي جي عمارت ۾ ٿيندي، اها سيٽ شبلي فراز جي نااهلي سبب خالي ٿي هئي. ڪي پي ڪي جي اليڪشن ڪمشنر سعيد گل کي ريٽرننگ آفيسر جڏهن ته جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر محمد فريد آفريدي، ڊائريڪٽر اليڪشنز محمد نديم خان، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن ظهير احمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر ميڊيا ڪوآرڊينيشن سهيل احمد، ڊپٽي ڊائريڪٽر اليڪشنز فهد علي شاهه ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لاءِ محمد امجد کي پولنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا	10	وزير دفاع

يا خودڪش حملي کي برداشت نه ڪندو ۽ ڪنهن به مهم جوئي جو جواب سخت هوندو. گذريل ڏينهن استنبول ڳالهين بنا نتيجي ختم ٿيڻ تي پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته افغان طالبان رجيم مسلسل برادر ملڪن سان ڳالهين لاءِ درخواست ڪري رهي هئي. برادر ملڪن جي درخواست تي پاڪستان افغان طالبان رجيم سان امن خاطر ڳالهين جي آڇ کي قبول ڪيو. دفاع واري وفاقي وزير چيو ته ڪجهه افغان عملدارن جا زهريلا بيان ظاهر ڪن ٿا ته طالبان رجيم ۾ انتشار ۽ دوکو موجود آهي. پاڪستان اهو واضح ڪري ٿو ته طالبان رجيم کي ختم ڪرڻ يا کين غارن ۾ لڪڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي پنهنجي پوري طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت ناهي. جيڪڏهن ضرورت پئي ته اسان کين تورا بورا جهڙن هنڌن تي شڪست ڏئي ماڻهن لاءِ مثال بڻائي سگهون ٿا جيڪو سڄي دنيا لاءِ دلچسپ منظر هوندو. هن چيو ته افسوس ٿئي ٿو ته طالبان رجيم صرف پنهنجي قابض حڪمراني ۽ جنگي معيشت کي بچائڻ لاءِ افغانستان کي هڪ ٻي تڪرار ۾ ڌڪي رهي آهي. پنهنجي ڪمزوري ۽ جنگي دعوت جي حقيقت ڄاڻيندي جنگ جو طبل وڄائي ظاهري طور افغان عوام ۾ پنهنجي بگڙيل ساک کي بچائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن افغان طالبان پوءِ به بيهر افغانستان ۽ ان جي معصوم عوام کي تباهه ڪرڻ تي ضد ڪري ويٺل آهن ته پوءِ جيڪو ٿيڻو آهي اهو ٿيندو. هن چيو ته جيستائين گريوياڊ آف ايمپائر جي بيانئي جو تعلق آهي پاڪستان پاڻ کي هرگز ايمپائر نٿو چوي، حقيقت اها آهي ته افغانستان طالبان جي ڪري پنهنجي ماڻهن لاءِ هڪ قبرستان کان گهٽ ناهي. تاريخي اعتبار کان افغانستان سلطنتن جو قبرستان ته ناهي رهيو پر هميشه وڏين طاقتن جي راند جو ميدان ضرور رهيو آهي. دفاع واري وزير چيو ته طالبان جا اهي ريوهاڪ جيڪي خطي ۾ بدامني پکيڙڻ ۾ پنهنجو ذاتي فائدو ڏسي رهيا آهن سمجهي وٺن ته هنن شايد پاڪستاني عزم ۽ حوصلي کي غلط انداز ۾ ورتو آهي. جيڪڏهن طالبان رجيم وڙهڻ جي ڪوشش ڪندي ته دنيا ڏسندي ته انهن جون ڌمڪيون صرف ڏيکاءُ هيون. هن چيو ته پاڪستان پنهنجي سرزمين تي ڪنهن به دهشتگردانہ يا خودڪش حملن کي برداشت نه ڪندو ۽ ڪنهن به مهم جوئي جو جواب سخت هوندو. طالبان رجيم کي گهرجي ته پنهنجي انجام جو حساب ضرور ڪري، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي عزم ۽ صلاحيتن کي آزمائڻ سندن لاءِ مهانگو ثابت ٿيندو.

بقايا	11	ڳالهيون

ملاقاتون ڪيون. ملاقات ۾ پاڪ ايران لاڳاپن، ٻطرفي تعاون ۽ خطي ۾ مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گهرو وزارت جي ترجمان موجب گهرو وزير وزيراعظم محمد شهباز شريف طرفان ايراني صدر لاءِ نيڪ خواهشن ۽ خير سگالي جو پيغام پهچايو. ان موقعي تي گهرو وزير محسن نقوي پاڪ افغان بارڊر جي موجوده صورتحال ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوششن جي تفصيلي بريفنگ ڏني. ايران جي صدر ڊاڪٽر مسعود پزشڪيان پاڪ افغان ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ پاڻ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ڪندي چيو ته ايران پاڪستان سان لاڳاپن کي خاص اهميت ڏي ٿو. هن چيو ته ايران پنهنجي ڀاءُ ملڪ پاڪستان جي تعاون کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهي. صدر مسعود پزشڪيان ٻطرفي لاڳاپن تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته ايران ۽ پاڪستان وٽ تعاون کي هٿي ڏيڻ جا بي پناهه موقعا موجود آهن جن سان

غير ضروري جنگ ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان سدائين افغانستان جي عوام جي امن ۽ خوشحالي جو خواهشمند رهيو آهي. ان لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. انهيءَ جذبي تحت پاڪستان افغان طالبان حڪومت سان ڳالهين جا ڪيترائي دور ڪيا، پر افسوس ته اهي سدائين پاڪستان جي نقصان کان لاتعلق رهيا. هن چيو ته بدقسمتي سان چئن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ انساني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ کانپوءِ پاڪستان جو صبر جو پيالو هاڻي ڀرجي چڪو آهي. هن چيو ته امن کي هڪ ٻيو موقعو ڏيڻ لاءِ پاڪستان قطر ۽ ترڪي جهڙن ڀائر ملڪن جي درخواست تي افغان طالبان حڪومت سان ڳالهيون ڪيون. هي ڳالهيون پهرين دوحا، قطر ۽ بعد ۾ استنبول ترڪي ۾ منعقد ٿيون. انهن ڳالهين جي واحد ايجنڊا اها هئي ته افغان طالبان حڪومت اهڙا عملي قدم کڻي جنهن سان افغان سرزمين کي دهشتگرد تنظيمن جي تربيتي ۽ لاجسٽڪ سرگرمين ۽ پاڪستان خلاف دهشتگرد حملن جي اڏن طور استعمال ٿيڻ کان روڪي سگهجي. هن چيو ته پاڪستان قطر ۽ ترڪي جو ٿورائتو آهي جنهن اهي ڳالهيون منعقد ڪرڻ ۾ سهولت فراهم ڪئي ۽ افغان طالبان حڪومت کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ لاءِ مخلصانہ ڪوششون ڪيون ته هو پاڪستان خلاف دهشتگرد گروپن کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪري. گذريل چئن ڏينهن جي ڳالهين دوران افغان طالبان وفد ڪيترائي ڀيرا پاڪستان جي ان منطقي ۽ جائز مطالبي سان اتفاق ڪيو ته انهن تنظيمن ۽ دهشتگردن خلاف قابل اعتماد ۽ فيصلائتي ڪارروائي ڪئي وڃي. پاڪستان پاران پيش ڪيل تمام گهڻي ۽ ناقابل ترديد ثبوتن کي افغان طالبان ۽ ميزبان ملڪن قبول پڻ ڪيو پر افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته افغان ڌر ڪنهن به قسم جي خاطري نه ڪرائي. افغان وفد مسلسل بنيادي مسئلي کان ٽٽڪن لاڳاڻ ڪندو رهيو ۽ ان مکيه نقطي کان پاسو ڪندو رهيو جنهن جي بنياد تي ڳالهيون شروع ڪيون ويون هيون. پنهنجي ذميواري مڃڻ بدران افغان طالبان الزام تراشي، ٽال مٽول ۽ بهانا بڻائيندا رهيا. نتيجي ۾ ڳالهيون ڪنهن به قابل عمل حل تي نه پهچي سگهيون. پاڪستان دهشتگردي جي مسئلي جي پرامن حل، ٻنهي ملڪن ۽ مجموعي طور تي خطي جي خوشحالي ۽ سلامتي لاءِ مخلصانہ ڪوششن ۽ تعاون تي قطر، ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي حڪومتن جو دل سان ٿورو ادا ڪري ٿو. پنهنجي شهرين جي سلامتي پاڪستان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. اسان پنهنجي عوام کي دهشتگردي جي لعنت کان محفوظ رکڻ لاءِ سڀئي ضروري قدم کنداسين ۽ انهن کي يقين ڏياريون ٿا ته پاڪستان جي حڪومت دهشتگردن، انهن جي ٺڪاڻن، انهن جي سرپرستن ۽ مددگارن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ ضروري وسيلا ڪتب آڻيندي.

بقايا	6	شهيد

جوان شهيد ٿي ويا. سيڪيورٽي فورسز ڪرم جي علائقي ڊوگار ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي. دهشتگردن سان فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جو 24 سالن جو ڪيپٽن نعمان سليم ۽ ٻيا 5 جوان شهيد ٿي ويا. ڪيپٽن نعمان سليم جو تعلق پنجاب جي ضلعي ميانوالي سان هو ۽ هو پاڪ فوج ۾ ميڊيڪل آفيسر هو. ٻين شهيدن ۾ صوابي سان تعلق رکندڙ 39 سالن جو حوالدار امجد علي، راولپنڊي سان تعلق رکندڙ 36 سالن جو نائيڪ وقاص، سنڌ جي ضلعي شڪارپور سان تعلق رکندڙ 23 سالن جو سپاهي اعجاز علي، جهلم سان تعلق رکندڙ 23 سالن جو محمد وليد ۽ ضلعي خيرپور سان تعلق رکندڙ 32 سالن جو سپاهي محمد شهباز شامل آهن.

بقايا	7	جاري

خان ٽيسوري "سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس ايڪٽ 2025 (ترميمي) آرڊيننس" جاري ڪيو آهي جنهن تحت صوبي جي هارين کي زرعي آمدني تي ٽيڪس جي مد ۾ رليف فراهم ڪيو ويو آهي. ترميمي آرڊيننس موجب، زرعي آمدني ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 15 نومبر 2025 مقرر ڪئي وئي آهي. سنڌ جي گورنر اميد ظاهر ڪئي ته هي قدم صوبي ۾ زرعي ترقي کي فروغ ڏيندو ۽ آبادگار برادري کي حقيقي مالي مدد فراهم ڪندو.

بقايا	8	اتفاق

خان ٽيسوري سان ايران جي نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل اڪبر عيسيٰ زاده گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ انهن ٻطرفي لاڳاپن، سيڙپڪاري، واپار جي فروغ سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تفصيلي بحث ڪيو ۽ پاڪ ايران ٻطرفي واپاري حجم کي وڌيڪ وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. گورنر سنڌ نئين مقرر ٿيل قونصل جنرل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. گورنر سنڌ چيو ته ٻطرفي سفارتڪاري ذريعي پاڪ ايران لاڳاپا هڪ نئين رخ ۾ داخل ٿي ويا آهن. قونصل جنرل چيو ته ايران پاڪستان کي خطي ۾ اقتصادي ۽ دفاعي طور تي مستحڪم ڏسڻ چاهي ٿو. قونصل جنرل گورنر جي اينيشيئيٽو تحت نصب

بقايا	1	فون

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار کي الجزائر جي پرڏيهي وزير احمد عطاف ڪالهه اربع ڏينهن ٽيليفون ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب ٻنهي اڳواڻن ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ۾ ٻطرفي تعاون جي مثبت انداز تي اطمينان جو اظهار ڪندي پاڪستان - الجزائر لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل قومن سميت گهڻ رخي فورمز تي تعاون وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا	2	بمباري

جي حڪم کانپوءِ اسرائيلي جهازن غزا شهر تي بيهر فضائي حملا شروع ڪري ڇڏيا. پرڏيهي ميڊيا موجب اسرائيلي فوج غزا شهر ۾ مختلف هنڌن تي حملا ڪيا، هڪ ميزائل الشفا اسپتال جي پويان ڪريو. غزا جي صحت واري وزارت موجب گذريل رات کان جاري حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 104 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن جن ۾ 46 ٻار شامل آهن جڏهن ته 253 ماڻهو زخمي ٿيا آهن. غزا جي صحت کاتي جي عملدارن موجب اسرائيل جي بمباري ۾ ٻارن ۽ عورتن سميت 104 فلسطيني شهيد ٿي ويا، جن ۾ ٻارن جو تعداد 46 ۽ عورتن جو انگ 20 آهي. ان حوالي سان هڪ وڊيو ۾ اسپتال اندر ڪيئي عورتن ۽ ٻارن جا لاش ڏيکاريا ويا آهن. اسرائيلي فوج دعويٰ ڪئي آهي ته حماس جي ڪمانڊر سميت ڪيئي ميمبرن کي نشانو بڻايو. ان سان گڏ هٿيارن جي ڊيو ۽ حماس جي سرنگهن کي به تباهه ڪيو آهي. واضح رهي ته اسرائيل جي 7 آڪٽوبر 2023ع کان وٺي غزا تي شروع ڪيل وحشياڻي بمباري ۾ هينئر تائين 69 هزار فلسطيني شهيد ۽ لکن جي تعداد ۾ شهري زخمي ۽ بي گهر ٿي ويا آهن. ٻئي طرف اسرائيل 104 معصوم فلسطينين جي شهادت بعد اعلان ڪيو آهي ته هاڻ اسرائيل جنگبندي معاهدي تي عملدرآمد ڪندي، تنهن هوندي به ڪنهن به قسم جي خلاف ورزي جي صورت ۾ ڀرپور جواب ڏنو ويندو. اسرائيل حماس تي معاهدي جي خلاف ورزي جو الزام هڻندي بمباري شروع ڪئي هئي ۽ وڌيڪ چيو هو ته اسرائيلي فوجي اهلڪار کي فلسطينين قتل ڪيو آهي.

بقايا	3	پاڪستان

۾ چيو ته اهي ڪارروايون عالمي قانون جي واضح خلاف ورزي سان گڏوگڏ ڏاڍو ٿي طئي ٿيندڙ امن معاهدي جي پڻ خلاف ورزي آهن. بيان موجب اسرائيلي قابض فوج جي اهڙي طرح جي جارحاڻي قدمن سان خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ جي عالمي ڪوششن کي نقصان پهچڻ جو خطرو آهي. بيان ۾ پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته اها اسرائيلي قابض فوج پاران جنگبندي جي خلاف ورزين کي فوري بند ڪرڻ کي يقيني بڻائي. ترجمان وڌيڪ چيو ته پاڪستان جون 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل آزاد، خودمختيار، قابل عمل ۽ لاڳاپيل رياست فلسطين قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اصولي موقف جو ورجاءُ ڪري ٿو جنهن جي گادي وارو شهر القدس الشريف هجي.

بقايا	4	اظهار

ٿيل ڳالهين جي ناڪام ٿيڻ تي پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳالهين ۾ تعطل يقيني ڳڻتي جو سبب آهي. هن چيو ته اسان اميد ڪريون ٿا ته ٻنهي پاڙيسري ملڪن وچ ۾ جنگبندي برقرار رهندي ۽ جنگ بيهر شروع نه ٿيندي.

بقايا	5	وفاقي وزير اطلاعات

جي نقصانن کان لاتعلق رهي آهي. چئن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ انساني ۽ مالي نقصان برداشت ڪرڻ کانپوءِ هاڻي پاڪستان جو صبر جو پيالو ڀرجي چڪو آهي. پاڪستان قطر، ترڪي ۽ ٻين دوست ملڪن جي مخلصانہ ڪوششن جو ٿورائتو آهي. پاڪستان جي عوام جي سلامتي قومي ترجيح آهي. پاڪستان جي حڪومت دهشتگردي جي خلاف هر ممڪن قدم کڻندي. دهشتگردن، انهن جي ٺڪاڻن ۽ سهولتڪارن کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ وسيلا استعمال ۾ آندا ويندا. اربع ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ آڪٽوبر 2025ع ۾ استنبول ۾ پاڪستان-افغانستان ڳالهين بابت آگاهي ڏيندي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير چيو ته ڪابل ۾ اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ پاڪستان ڪيترائي ڀيرا افغان طالبان حڪومت سان ڀارتي حمايت يافتہ فتنہ الخوارج (ٽي ٽي پي) ۽ ڀارتي پراڪسي فتنہ الهندوستان (بي ايل اي) طرفان مسلسل سرحد پار دهشتگردي جي مسئلي تي ڳالهيون ڪيون. افغان طالبان حڪومت کي بار بار ياد ڏياريو ويو ته هو دوحا معاهدي تحت پاڪستان ۽ عالمي برادري سان ڪيل پنهنجي لکت وارن واعدن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي. تنهن هوندي به پاڪستان جون مخلصاڻيون ۽ مسلسل ڪوششون ان لاءِ ڪامياب ثابت نه ٿي سگهيون ڇو ته افغان طالبان حڪومت مسلسل پاڪستان مخالف دهشتگرد عنصرن جي مدد ڪندي رهي آهي. جيئن ته طالبان حڪومت افغان عوام جي حوالي سان ڪنهن به ذميواري جو مظاهرو نٿي ڪري ۽ جنگي معيشت تي پاڙي ٿي، ان لاءِ هو افغان عوام کي هڪ

THE BEGUM NUSRAT BHUTTO WOMEN UNIVERSITY SUKKUR

تصحيح لاءِ اطلاع

اهڙو اطلاع بحوالو درخواست براءِ ڪوٽيشن (RFQ) جي حوالي سان آهي جيڪو تاريخ 17-10-2025 تي هيٺ ڄاڻايل اخبارن ۾ شايع ٿيو هو. دي نيوز (C). اوصاف (C). عبرت (حيدرآباد). صحافت (ڪوئيٽا) ۽ پبلڪ وائس (لاڙڪاڻو). اهڙو اطلاع ڪجهه ته اشتهار ۾ ٽائپنگ جي غلطي جي سبب جمع ڪرائڻ جو وقت. تاريخ 03-11-2025 تي رات 11:30 وڳي (PM) درج ٿي ويو هو. جڏهن ته درست وقت. صبح 11:30 وڳي (AM) آهي. تنهنڪري RFQ جمع ڪرائڻ جو درست وقت. تاريخ 03-11-2025 صبح 11:30 وڳي هوندو.

ٻيا سمورا شرط ۽ ضابطا برقرار رهندا.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
(OCEAIN)

PID-(H)-162/25

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-CB-LBF-DARS WEST-301572461-2025	PRE-DRILLING ENGINEERING WORKS	17.11.2025 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LBB-CNESS-BHITTANI-301102364-2025	CONSTRUCTION OF CULVERTS, CAUSE WAY AND BRIDGE	17.11.2025 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-CB-LBF-FIMKASSAR-301571717-2025	CIVIL WORKS FOR WORK OVER JOB	18.11.2025 AT 1130 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **01.10.2025, 10.10.2025** and **16.10.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-297754837-2025	HIRING 3D RE-PROCESSING SERVICES FOR NASHPA MEGA MERGE	14.11.2025 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-WL-299757392-2025	HIRING OF WIRELINE OPEN HOLE AND SPECIALIZED LOGGING SERVICES (OH SECTION) AND WIRELINE CASED HOLE AND PERFORATING SERVICES (CH SECTION) IN PUNJAB AND KPK REGION	20.11.2025 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan

ogdcl.com — ogdc the energy — No.255/20

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

عطائي ڊاڪٽرن خلاف حتمي ڪارروائي وقت جي ضرورت

صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار

صفحو 4

مصنوعي ذهانت کان خوف، آخر ڇو؟

اڳوڻي فرانسيسي صدر کي سزا!

اشتياق بيگ

صفحو 4

مختيار انڙ

صفحو 4

اڄوڪو ڏينهن ... 30 آڪٽوبر

اوباوڙو لڳ ايٿهانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ آلودگي رهواسين جو ساهه ٻوساٽي ڇڏيو

بدبو پکڙجڻ سبب ڀرپاسي جي رهواسين کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي ۽ اسڪولن ۾ بدبوءِ سبب شاگردن جي حاضري گهٽجڻ لڳي

ڪجهه شاگرد منهن کي ڪپڙو ويڙهي اسڪول اچن ٿا بدبو هجڻ ڪري ۾ گهڻي دير تائين اسڪول ساهه ٻوساٽجڻ ڪري واپس وڃن ٿا

نئين فيڪٽري سنڌ پنجاب سرحدي دنگ تي قائم ڪئي وئي آهي،جنهن مان زهريلو ۽ بدبودار ڪيميائي فضلو کليل عام نڪري رهيو آهي،رهواسي

اوباوڙو (رپورٽ:غلام قمبر بوهڙ) اوباوڙو لڳ پنجاب سرحدي دنگ تي قائم ٿيل نئين بڻي ايٿهانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ بين الصوبائي آلودگي بدبو پکڙجڻ سبب ڀرپاسي جي رهواسين کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي ۽ اسڪولن ۾ بدبوءِ سبب شاگردن جي حاضري گهٽجڻ لڳي ڪجهه شاگرد منهن کي ڪپڙو ويڙهي اسڪول اچن ٿا بدبو هجڻ ڪري ۾ گهڻي دير تائين اسڪول ساهه ٻوساٽجڻ ڪري واپس وڃن ٿا اهڙي خطرناڪ بوءِ خلاف شاگردن سنڌ پنجاب جي اعلي انتظاميا خلاف اسڪول احتجاج ڪيو ۽ زميني پاڻي زهريلو ٿيڻ لڳو زهريلو پاڻي واپرڻ تان علائقي ۾ خطرناڪ بيماريون ڦهلجڻ هيپاٽائٽس بي سي سميت ڪينسر ٿي خطرناڪ بيماريون ڦهلجڻ جو خدشو آس پاس رهندڙ ڳوٺاڻن چيو ته هي آئين تحت زندگي گذارڻ جي حق جي ڀڃڪڙي آهي،نئين فيڪٽري جا اثر: بي نئين فيڪٽري سنڌ–پنجاب سرحدي دنگ تي قائم ڪئي وئي آهي،جنهن مان زهريلو ۽ بدبودار ڪيميائي فضلو کلي عام نڪري رهيو آهي جيڪو تيزيءَ سان زميني پاڻي کي زهرآلود ڪري رهيو آهي.اوباوڙو تي اثر: آلودگي جي بين الصوبائي نوعيت سبب اوباوڙو ۽ ويجهن ڳوٺن جي آبادي ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي ۽ فضا ۾ بدبودار ڪيميائي اثرن جو شڪار آهي.انتظامي سوال: هڪ ئي علائقي (صادق آباد) ۾ بي وڏي آلودگي پيدا ڪندڙ فيڪٽري جو قيام ماحولياتي دباءُ وڌائي رهيو آهي جيڪو قومي ماحولياتي معيار (NEQS) جي صريح ڀڃڪڙي آ. آئيني ۽ قانوني موقف هي صنعتي سرگرمي نه رڳو ماحولياتي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي، رحيم يارخان ۽ گهوٽڪي جي ضلعي انتظاميا کي هدايت ڪئي وڃي ته هو گڏيل طور متاثر علائقن (بشمول اوباوڙو) جي هوا ۽ زميني پاڻي جا نمونا وٺي سائنسي جاچ ڪن آسان کي اميد آهي ته توهان سينئي ادارا پاڪستان جي شهريز جي آئيني حقن ۽ ماحولياتي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ فوري ۽ غيرمعمولي قدم کڻندو

اوباوڙو: ايٿهانول فيڪٽري مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ آلودگي رهواسين جو ساهه ٻوساٽي ڇڏيو

گولاڙچي گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ هارمون چينجز بابت آگاهي سيڪشن

شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته کهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿيون:سليم خواجه

شاگردياڻيون جسماني تبديلين کي سمجهڻ ۽ اعتماد سان ڊاڪٽرن سان صلاح مشورا ڪن

گولاڙچي(ن ع)گولاڙچي جي گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ "هارمون چينجز" بابت هڪ ڏينهن جو آگاهي سيڪشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ به ليڊي ڊاڪٽرن شاگردياڻين کي سندن جسماني ۽ ذهني تبديلين بابت تفصيلي آگاهي ڏني ڊاڪٽرن چيو ته "اسين شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته کهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿا ۽ کهڙن مسئلن ۾ ڊاڪٽرن سان صلاح ڪرڻ لازمي آهي"ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال ميڊم سليم خواجه ڳالهائيندي چيو ته "اڄ جاڻ ملي ته گهڻيون شاگردياڻيون ان اهم موضوع بابت گهٽ جاڻ رکن ٿيون والدين کي پڻ گهرجي ته اهڙن معاملن تي ڌيان ڏين"سيڪشن جي هيڊ نازيه سلطانه چيو ته "اسان جي اسڪول ۾ هن آگاهي سيڪشن جو مقصد آهي ته شاگردياڻيون پنهنجي جسماني تبديلين کي سمجهڻ ۽ اعتماد سان ڊاڪٽرن سان صلاح مشورا ڪن"ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر عاطف شفيق خاص مهمان طور شرڪت ڪئي جن اسڪول ۾ ربن ڪٽي سيڪشن جو افتتاح ڪيو ۽ اسڪول پرنسپال کي ايمرجنسي لاءِ "هائجين ڪٽ" پڻ فراهم ڪئي اسسٽنٽ ڪمشنر عاطف شفيق خطاب ڪندي چيو ته "هن پروگرام جو مقصد آهي ته شاگردياڻين کي هارمون چينجز بابت آگاهه ڪيو وڃي، ڇو ته اسڪولن ۽ گهرن ۾ اهڙن موضوعن تي گهٽ ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي آهي جيڪا بدلائڻ جي ضرورت آهي"پروگرام ۾ استادن ۽ شاگردياڻين وڏي دلچسپي سان شرڪت ڪئي ۽ اهڙي آگاهي پروگرام جي ساراهه پڻ ڪئي

گولاڙچي: شاگردياڻين کي سمجهايو آهي ته کهڙا مسئلا پاڻ سنڀالي سگهن ٿيون:سليم خواجه

ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل واري ڪيرملاوٽي ۽ مدي خارج شين جي وڪري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪڪڙ (ن ع)ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل سان ٺهندڙ ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جي وڪري خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي ڪڪڙ شهر جي سياسي سماجي ۽ شهرين محمد رمضان ببر برڪت علي جويو مولاداد جوڻيجو قربان علي ببر عبدالرزاق نوداڻي، نديم ملاح ۽ ٻين ڏانهيدي ٻڌايو آهي ته ڪڪڙ شهر جي رهواسين سان وڏو ظلم ٿي رهيو آهي شهر ۾ سرعام ڪيميڪل زهر سان ٺهندڙ ڪير جو وڪرو ٿي رهيو آهي جيڪو مختلف ڳوٺن مان تيار ڪري ٻرڻ ذريعي ڪڪڙ شهر آندو وڃي ٿو جيڪو هوٽلن ۽ دوڪانن تي وڪرو ٿي رهيو آهي جنهن سبب هوٽلن تي ڪيميڪل ڪير جي چانهه ملي رهي آهي ۽ دوڪانن تان پيئڻ لاءِ ڪيميڪل وارو ڪير ملي رهيو آهي جيڪو گهرن ۾ معصوم ٻارڙا ٽوڙي وڏا واپرائي رهيا آهن ۽ انتظاميه نالي ڪا شي موجود ناهي جيڪا زهر جي ڪاروبار کي روڪي هنن چيو ته جيڪي ماڻهو ڪيميڪل زهر سان ڪير ڏاهي وڪرو ڪري ماڻهن جي زندگين سان کيڏي رهيا آهن انهن خلاف سخت ڪاروائي جلد ٿي ڪئي وڃي جيڪي ڪڪڙ شهر ۾ سرعام ڪيميڪل ڪير جو ڪاروبار ڪري رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته شهر ۾ ملاوٽي شين ۽ مدي خارج شين جو وڪرو به هلي رهيو آهي شهر ۾ ملاوٽي ۽ مدي خارج اٽو، گيهه، مرچ، داليون مصالا، بسڪيٽ ۽ ٻيون ڪيترين شيون وڪرو ٿي رهيون آهن جڏهن ته وڪرو ڪندڙن کي ڇوٽ ڏني وئي آهي ۽ ضلع انتظاميا خاموشي اختيار ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب شهري وڏي مصيبت طرف وڃي رهيا آهن جيڪي مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا جنهن ۾ جگر بڪيون، معدي جي تڪليف ۽ ٻيون ڪيترين بيماريون شامل آهن هنن ڊي سي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر کي اين شاهه ۽ ٻين وس وارن اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل زهر وارو ڪير وڪرو ڪندڙ ۽ ملاوٽي مدي خارج شيون وڪرو ڪندڙ خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪري انهن کي ڪڙي کان ڪڙي سزا ڏني وڃي

هائر سيڪنڊري اسڪول عادلپور ۾ گڏيل شجرڪاري مهم جو انعقاد

سنڌ ايجوڪيشن اينگرو فائونڊيشن سميت حڪومت جي نمائندن شرڪت ڪئي

وڻ لڳائڻ جي اهميت بابت ماحولياتي سڌاري لاءِ شعور اجاگر ڪرڻ آهي: سيد عامر شاهه

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي ۽ او جي ڊي سي ايل گيس فيلڊ سي ايس آر پروگرام ۽ سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي جي تعاون سان وزيراعليٰ سنڌ جي صلاحڪار ٻيلو ڪاتو ۽ وائلڊ لائيف سردار مير بابل خان ڀيو جي ويزن تحت صيفل پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول عادلپور ۾ گڏيل شجرڪاري مهم جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ، اينگرو فائونڊيشن سميت مختلف ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي تقريب ۾ سيد قمر زمان شاهه (ريجنل ڪوآرڊينيٽر او جي ڊي سي ايل سکر)، علي خان لاشاري (فيلڊ مينيجر او جي ڊي سي ايل قادرپور)، رائو مرسلين اختر (ايڊمن آفيسر)، ڊاڪٽر گل امير سمبل (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيپا)، سيد عامر شاهه (ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي)، مقبول احمد (ريجنل هيڊ سکر)، فرحان انصاري (ضلع هيڊ گهوٽڪي)، صدورو ناز ڪيريو (اينگرو فائونڊيشن)، اسڪول جي پرنسپل اياز مهر، ذوالفقار ميمڻ موڙه جمالي (ڊسٽرڪٽ هيڊنڊ آفيسر)، اصغر مهر رياض عارياني، سيد منظر شاهه سميت تعليم کاتي جا آفيسر شاگرد، استادن ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي سيد عامر شاهه سيد قمر زمان شاهه (ريجنل ڪوآرڊينيٽر او جي ڊي سي ايل سکر)، علي خان لاشاري (فيلڊ مينيجر او جي ڊي سي ايل قادرپور) اسڪول جي پرنسپل اياز مهر ۽ ٻين ادارن جي نمائندن شاگردن سان گڏجي مختلف قسمن جا وڻ لڳائي شجرڪاري مهم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد عامر شاهه چيو ته مهم جو مقصد ماڻهن ۾ وڻ لڳائڻ جي اهميت بابت آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ ماحولياتي سڌاري لاءِ شعور اجاگر ڪرڻ آهي. هن چيو ته هي مهم سنڌ کي صاف سرسبز ۽ پائيدار بڻائڻ جي گڏيل عزم جي علامت آهي، وڻ ڌرتي جو سينگار آهن جيڪي نه رڳو هوا جي آلودگي گهٽائين ٿا پر ايندڙ نسلن لاءِ صاف ۽ صحت مند ماحول مهيا ڪن ٿا هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو هن مهم ۾ حصو وٺن ۽ وڌ کان وڌ وڻ لڳائي ماحول کي صاف ۽ سرسبز بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن پروگرام ۾ اسڪول جي شاگردن وڻن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ٽيبلوز پيش ڪيا آخر ۾ اسڪول انتظاميا طرفان پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معزز مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپي پهرائي وئي ۽ شيلڊون پڻ پيش ڪيون ويون

گهوٽڪي: سنڌ ايجوڪيشن اينگرو فائونڊيشن سميت حڪومت جي نمائندن شرڪت ڪئي

سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نئين باڊي چونڊي وئي

سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نئين باڊي چونڊي وئي

نعيم عهدن تي تعيم احمد عيسائي، خالد عزيز ميراڻي عبدالواحد هيسباڻي ۽ احمد عليم پاشا ڪامياب قرار اي سي ميمبر پڻ چونڊيا ويا

چونڊيل عهديدارن ۽ ميمبرن جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري سان ملاقات، آفيسرن جا مسئلا پيش ڪيا ويا

ڄامشورو (پ ر)سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جو اهم اجلاس ايسوسيئيشن جي سرپرست اعليٰ ۽ سينيئر آفيسر ساجد قيوم ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ ايجنڊا ۾ شامل مختلف اسمن تي غور ويچار ۽ صلاح مشورو ڪيو ويو اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان نئين باڊي چونڊي وئي جن ۾ صدر تعيم احمد عيسائي، نائب صدر آغا عتيق احمد پٺاڻ جنرل سيڪريٽري نديم ڀٽ، جوائنٽ سيڪريٽري خالد عزيز ميراڻي، پريس سيڪريٽري عبدالواحد هيسباڻي ۽ خزانچي ميان احمد عليم پاشا مغل کي چونڊيو ويو جڏهن ته اي سي ميمبر طور محمد معشوق صديقي، ڊاڪٽر ارپيلا آغا، رفيق علي بروهي، غلام شبير عباسي، محمد داؤد چنڙ تنوير گلفام ميمڻ، سيد عابد سرڪار ۽ مشتاق احمد شيخ کي چونڊيو ويو اجلاس ۾ سينڊيڪيٽ ۾ آفيسرن جي سيٽ لاءِ اليڪشن ۾ اتفاق راءِ سان ساجد قيوم ميمڻ کي اميدوار نامزد ڪيو ويو ان موقعي تي سليڪشن بورڊ ۾ آفيسرن جي پروموشن واري معاملي تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ چونڊيل عهديدارن سميت رشيد احمد مهيسر عابد چنا، مهتاب قبوليو، قمر الدين نانگراج، غلام محمد سومرو ۽ ايسوسيئيشن جي ٻين ميمبر شرڪت ڪئي اجلاس کان فوري پوءِ ايسوسيئيشن جي سرپرست اعليٰ ساجد قيوم ميمڻ جي اڳواڻي ۾ عهديدارن ۽ ميمبرن سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران سينڊيڪيٽ جي آفيسرن جي سيٽ تي ٿيندڙ اليڪشن سليڪشن بورڊ جي جلد انعقاد ذريعي آفيسرن جي جاڳ ترقين سميت يونيورسٽي ۽ آفيسرن جي مفادن سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وائيس چانسلر ملاقات ڪندڙ آفيسرن جي اداري سان ڪمٽمينٽ ۽ جذبي کي ساراهيندي کين يقين ڏياريو ته يونيورسٽي جي قاعدن تحت سمورن آفيسرن کي سندن جائز حق ڏنا ويندا ملاقات ڪندڙ آفيسرن وائيس چانسلر طرفان ٻهترين موٽ ڏيڻ تي سندس ٿورا مڃيندي اها اميد ظاهر ڪئي ته سندس قيادت ۾ سنڌ يونيورسٽي ترقي جون نيون منزلون ماڻيندي

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي ايڊمنسٽريٽو آفيسرس ويلفيئر ايسوسيئيشن جا نوان چونڊيل عهديدار ۽ ميمبر وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري سان ملاقات ڪري رهيا آهن

صاحبزده علي مرتضي لوڙهائي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو

بلڊ بينڪ، ليبارٽري، فري فارما، ميل فيميل وارڊ ۽ آئي سي يو وارڊ جو معائنو ڪيو

عرس ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪئي ويندي،صاحبزده علي مرتضي

سڪرنڊ (س ر)سنڌ جي روحاني مرڪز درگاهه لوڙهائي شريف ۽ الفقرا جماعت جي سربراهه صاحبزده علي مرتضي لوڙهائي ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي هن سينٽر جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جنهن ۾ بلڊ بينڪ، ليبارٽري، فري فارما، ميل فيميل وارڊ ۽ آئي سي يو وارڊ شامل هئا ان موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ۽ جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنه کيس شعبن بابت معلومات ڏني جنهن بعد صاحبزده علي مرتضيٰ لوڙهائي مختلف وارڊن ۾ رهي ٿيليسيميا جي ٻارڙن سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن ٻارڙن جي صحتيابي لاءِ دعا ڪرڻ بعد ڳالهائيندي چيو ته هتي جو انتظام ڏسي خوشي ٿي رهي جو ٻارڙن جي پنهنجي اولاد جيان سار سنڀال ٿي رهي آهي هن اهو پڻ اعلان ڪيو ته ان شاءَ الله درگاهه لوڙهو شريف ڪنڊيارو تي ٿيندڙ ٻهرين ۽ ٻين نومبر تي ٿيندڙ سالياني عرس مبارڪ جي سلسلي ۾ ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ قائم ڪئي ويندي ان موقعي تي وسيم احمد ابڙو ، حافظ آياز علي ميمڻ ۽ عامر ابڙو پڻ موجود هئا ان کان اڳ ٿيليسيميا سينٽر پهچڻ تي ٿيليسيميا ڊائريڪٽر دانش تنيو کين گلدستا پيش ڪري شاندار آڌرڀاءُ ڪيو

سڪرنڊ: بلڊ بينڪ،ليبارٽري،فري فارما،ميل فيميل وارڊ ۽ آئي سي يو وارڊ جو معائنو ڪيو

ڳاڙهو شگر مل جي سوين پورهيتن جو بائيڪاٽ،احتجاج،جي ايم سان ڳالهيون ناڪام

ڳاڙهو (ن ع) ڳاڙهو شگر مل جي سوين پورهيتن جو بائيڪاٽ،احتجاج جي ايم سان ڳالهيون ناڪام عبدالله شاهه غازي شگرملز ڳاڙهو جي مالڪ پارڻ سرڪار پارڻ هرپورهيت جي ماهوار اجرت چاليهه هزار ڪرڻ واري اعلان کي ٺڏيندي عبدالله شاهه غازي شگرملز ڳاڙهو جي مالڪ پارڻ ساڳي پگهار 18000 ماهنا جاري رکي جنهن کان تنگ اچي گڏيل روز سوين پورهيت ڪم جو بائيڪاٽ ڪندي هاٿوسن کان ٻاهر نڪري آيا جنرل مينيجر سان ڳالهيون ڪيون ۾ ملز مالڪ پارڻ پگهار وڌائڻ کان انڪار ڪيو ويو جڏهن ته پورهيتن پارڻ احتجاج جاري رکيو ويو آهي جنهن سبب ڪارخاني ۾ ڪم ڪار ٺپ ٿي ويو آهي ٻئي طرف معلوم ٿيو آهي ته ڪجهه ڪميشن ايجنٽ پورهيتن کي ساڳي پگهار تي ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ڪري رهيا آهن

مسوپرڳوٺي لڳ پورهيت ڪينسر ۾ مبتلا، سرندي وارن کان علاج جي اپيل

مسوپرڳوٺي(ن ع)مسوپرڳوٺي لڳ ڳوٺ گيلو نوناري جو پورهيت امجد علي نوناري منهن جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿي ويو آهي پورهيت امجد علي ميڊيا اڳيان ڏانهيدي اپيل ڪئي آهي ته آئون مسڪين غريب پورهيت آهيان الهه تلهه وڪڻي علاج ڪرايم مگر ڪو فائدو ناهي ٿيو هن سنڌ سرڪار ٽوڙي سرندي وارن کي اپيل ڪندي چيو ته علاج ڪرائي زندگي بچائي وڃي

ميهڙ،راڌڻ،ڳاجي ڪهاوڙ روڊ تي ٿيل حدڏخلين خلاف ڪاروائين جو سلسلو شروع

اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل عملي سان گڏ صندل ريڙها هٽايا،رڪشا به هٽايا ويا

20دڪانن ، جڳهين اڳيان ناهيل ڇپرا هٽائي صفائي ڪئي وئي آهي:غلام فاطمه گهلو

راڌڻ (ن ع)اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه گهلو پارڻ انڪروچمينٽ انسپيڪٽر ۽ ميونسپل عملي سان گڏ ميهڙ راڌڻ روڊ ڳاجي ڪهاوڙ روڊ تي ٿيل حد دخلين خلاف ڪاروائين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي راڌڻ وارا پڻ پريشان هن سلسلي ۾ ايس هيوي مشينري سان روڊ تي ناهيل غيرقانوني دڪان ڇپرا دڪا ڊاهيا ويا جڏهن ته هوٽلن ، دڪانن ۽ ٻين جڳهن اڳيان رکيل صندل ريڙها هٽايا ويا ۽ روڊ تي بيٺل رڪشا ۽ ريڙهن کي به هٽايو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميهڙ غلام فاطمه ڪومل گهلو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عوامي شڪايتن تي ڊي سي دادو سيد مرتضي علي شاهه جي هدايتن بعد ميهڙ راڌڻ روڊ تي غيرقانوني حد دخلين خلاف ڪاروائي ڪئي وئي آهي 15 کان 20 دڪانن ، جڳهين اڳيان ناهيل ڇپرا هٽائي صفائي ڪئي وئي آهي ۽ حد دخليون هٽائڻ جو سلسلو روز جي بنياد تي جاري رهندو هن چيو ته اسين ميهڙ واسين دڪاندارن کي آگاهه ڪيون ٿا ته هو پاڻ مرادو حد دخليون هٽائن اگر انتظامي ڪاروائي دوران انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي سمورو سامان پڻ ضبط ڪيو ويندو ڪاروائي دوران ميونسپل عملو انڪروچمينٽ انسپيڪٽر ۽ سندس ريڊر اسسٽنٽ مختيارڪار آصف تنيو پوليس ۽ ٻيا عملدار پڻ گڏ هئا.

راڌڻ: اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل عملي سان گڏ صندل ريڙها هٽايا،رڪشا به هٽايا ويا

سنڌ لٽريچر فيسٽيول آمريڪا ۾ شعيب پلو کي سفير سنڌ نامزد ڪري ڇڏيو

سنڌ لٽريچر فيسٽيول پارڻ سفير سنڌ جو لقب ڏيڻ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي:شعيب پلو

سنڌي برادري لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهيان، اڳتي به اها وڌيڪ جذبي سان ڪندس

مونکي ۾ پنهنجي قوم جي خدمت ۾ خوشي ملندي آهي ۽ اها خدمت جاري رهندي

خورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي)سنڌ لٽريچر فيسٽيول آمريڪا ۾ سنڌين جي پڇهلي ۽ سماج سڌارڪ شعيب پلو کي "سفير سنڌ" لاءِ نامزد ڪري ڇڏيو شعيب پلو سفير سنڌ ايوارڊ لاءِ نامزد ٿيڻ کي وڏو اعزاز قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ لٽريچر فيسٽيول پارڻ سفير سنڌ جو لقب ڏيڻ مون لاءِ وڏو اعزاز آهي شعيب پلو چيو ته هي ايوارڊ صرف منهنجو نه پر هر ان سنڌي پيئڻ پاڻن جو آهي جيڪو پرڏيهه ملڪن ۾ پنهنجي سڃاڻپ، ٻولي ۽ ثقافت سان جڙيل رهن ٿا آئون عهد ٿو ڪريان ته جيئن سنڌي برادري لاءِ ڪم ڪندو رهيو آهيان اڳتي به اها وڌيڪ جذبي سان ڪندس جنهن ۾ آمريڪا نون ايندڙ سنڌين جي رهائش ۽ روزگار شامل آهي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ واسين جي محبت ئي منهنجي اصل طاقت آهي مونکي ۾ پنهنجي قوم جي خدمت ۾ خوشي ملندي آهي ۽ اها خدمت جاري رهندي

خورجينيا: شعيب پلو کي سفير سنڌ نامزد

اوڏيرولال واسي فوجي جوان وطن جي حفاظت دوران شهيد ٿي ويو

جان جو نذرانو پيش ڪندڙ خدابخش ڏاهري 152 ايئر ڊفينس سان لاڳاپيل هو

جوان کي آبائي ڳوٺ ٻڏو ڏاهري ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

بهادر شهيدن تي فخر آهي،جن ملڪ جي سلامتي ۽ امن لاءِ حياتي قربان ڪئي:آفيسر

اوڏيرولال (ن ع)اوڏيرولال واسي فوجي جوان وطن جي حفاظت دوران جان جو نذرانو پيش ڪندي دشمن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو بهادر فوجي جوان خدابخش ڏاهري 152 ايئر ڊفينس سان لاڳاپيل هو ۽ وطن جي حفاظت دوران سرچ آپريشن ۾ بهادريءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو آهي فوجي جوان کي سندس آبائي ڳوٺ ٻڏو ڏاهري ۾ فوجي اعزاز سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. جنازي نماز ۾ پاڪ فوج جي آفيسرن، جوانن، علائقي واسين ۽ شهيد جي وارثن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي،موقع تي پاڪ فوج جي آفيسرن چيو ته قوم کي پنهنجن بهادر شهيدن تي فخر آهي، جن ملڪ جي سلامتي ۽ امن لاءِ پنهنجي حياتي قربان ڪئي

رورل سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن ۾ صحت کاتي ۽ پاڪستان آرمي پارڻ مفت ڪئمپ قائم ڪئي وئي

اوڏيرولال (ن ع)رورل سينٽر اوڏيرولال اسٽيشن ۾ صحت کاتي سنڌ ۽ پاڪستان آرمي جي سهڪار سان هڪ روزا مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن مريضن جو معائنو ڪيو ۽ مفت دوائون فراهم ڪيون ان موقعي تي صحت کاتي ۽ پاڪستان آرمي جي نمائندن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اهڙيون ميڊيڪل ڪئمپس عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون اسان جو مقصد هر ان ماڻهو کي بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي جيڪي مهانگين اسپتالن سان پنهنجو علاج ڪرائڻ کان قاصر آهن

اوڏيرو لال: شهيد ٿيل فوجي جوان خدا بخش ڏاهري جو فائل فوٽو

ڪراچي: چيئرمين منگهو پير ٽائون حاجي نواز علي بروهي کي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪندي

شاهه جي مشين جي ڀرسان ڳوٺ سائينداد سولنگي ۾ انسپيڪٽر وزير سولنگي لاڏائو ڪري ويو

گڏيجي(ن ع)شاهه جي مشين جي ڀرسان ڳوٺ سائينداد سولنگي جو رهواسي ۽ رٽائرڊ پوليس انسپيڪٽر وزيرعلي سولنگي ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد گمس اسپتال گمبٽ ۾ لاڏائو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ سائينداد سولنگي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ يونين ڪائونسل سيڊارجا بالا جو چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي ،صحافي رحيم سولنگي ،ڪرم حسين سولنگي سميت وڏي تعداد ۾ مختلف کاتن جي ملازمن ۽ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي جنهن کي شاهه عبدالرشيد جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٺرڙي محبت ۾ يوسي منگواڻي جي چوڪيدار جي پگهار بند،بک هڙتال

ٺرڙي محبت(ن ع) يونين ڪائونسل منگواڻي ۾ مقرر ٿيل پڪو ملازم جنهن کي اهو چئي 22 مهينن کان پگهار بند ڪئي وئي آهي ته توهان اسان کي ووٽ ناهن ڏنا جنهن ڪري مسڪين ملازم مسلسل تڪليف ۽ فاقاڪشي واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هيو جڏهن ته پگهارون بند هجڻ ۽ فاقاڪشي واري صورتحال سبب ان جي گهرواري چار ڏينهن پريشاني جي عالم ۽ بيماري سبب علاج نه ٿيڻ ڪري وفات ڪري آهي اڄ ٻئي ڏينهن به شهر جي ناظم منگي چوڪ تي علامتي بک هڙتال جاري رکي جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي ادبي ۽ سندس جي برادري ناريجا ويلفيئر جي ماڻهن وڪيل ظهير ناريجو سنو ضلعي دادو جو صدر جي فيروز ناريجو گلزمان ناريجو سنڌ شهري اتحاد جي صدر ممتاز ميتگل حاجي نثار احمد ناريجو ايس يو پي جي انعام ڪوسو سميت پنجاهه کان مٿي ماڻهون بک هڙتال تي ويٺا جتي معين اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته سراج ناريجو يونين ڪائونسل منگواڻي ۾ چوڪيدار جي پوسٽ نوڪري ڪندي ارڙهن سال ٿيا آهن هي پڪو ملازم آهي ۾ هتان اسان جي ٽڪ جي ايم پي اي فياض ٻٽ ٺرڙي محبت مان اليڪشن ٻري شڪست کائڻ کان پوءِ ننين ملازمن کي پريشان ڪندي هن جون پگهارون بند ڪرائي آهن جڏهن سراج ناريجو جون پگهارون گذريل 22 مهينن کان بنا جواز جي پگهارون بند ڪري هن کي معاشي صورتحال کي منهن ڏئي پيو هئين چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته هر معاملي جو نوٽيس وٺي مسڪين چوڪيدار

عثمان شاهه هڙي ۾ ايڊز وبا بعد عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون

هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ڪاروائي ڪري 15 کان وڌيڪ ڪلينڪون سيل ڪيون

سيل ڪيل ڪلينڪ کولڻ وارن ڪيسن لاءِ FIR ۽ وڌيڪ قدم کڻڻ جو اعلان

عثمان شاهه هڙي (ت ر) حڪومت سنڌ پارڻ صوبي ۾ ايڊز جي وبا ڦهلڻ کانپوءِ عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ هيلٿ ڪيئر ڪميشن حيدرآباد جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر امام ڪوسو ۽ اي سي جهندو مري شهزاد ضمير جروار سان گڏ پيارو لنڊ ۽ عثمان شاهه هڙي جي عطائي ڊاڪٽرن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري پندرنهن کان مٿي عطائي ڊاڪٽرن جون ڪلينڪون سيل ڪيون ۽ ان کان پهريان هيلٿ ڪيئر جي پهچڻ تي ڪيترائي ڊاڪٽر فرار ٿي ويا ان موقعي تي هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عطائي ڊاڪٽر غير قانوني طور ڪلينڪون هلائي انساني جانين کيڏين ٿا هاڻي ائين ڪرڻ ڪونه ڏبو سيل ڪيل ڊاڪٽرن کي وارننگ ڏيندي چيو ته اگر ڪو به ڪلينڪ کوليندو ان خلاف ايف آئي آر ڪئي ويندي

عثمان شاهه: هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ٽيم ڪاروائي ڪري 15 کان وڌيڪ ڪلينڪون سيل ڪيون

صوبائي وزير بلديات سان منگهو پير ٽائون چيئرمين جي ملاقات

صفائي جي نظام جي بهتري ۽ عوامي سهولتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

عوامي اميدن مطابق ترقياتي منصوبا تيزي سان لاڳو ڪيا پيا وڃن چيئرمين

حاجي نواز علي بروهي هڪ سرگرم، ايماندار ۽ عوام دوست چيئرمين آهي:ناصر

ڪراچي(بيورو رپورٽ)منگهو پير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ منگهو پير ٽائون ۾ جاري ترقياتي ڪمن سيوريج سسٽم جي بحالي روڊن جي تعمير ۽ مرمت اسٽريٽ لائيٽن جي انسٽاليشن، صفائي جي نظام جي بهتري ۽ عوامي سهولتن جي منصوبن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، چيئرمين حاجي نواز علي بروهي صوبائي وزير کي ٻڌايو ته منگهو پير ٽائون ۾ عوامي اميدن مطابق ترقياتي منصوبا تيزي سان لاڳو ڪيا پيا وڃن هن چيو ته "اسان هر منصوبي جي پاڻ نگراني ڪندا آهيون ته جيئن شفافيت برقرار رهي ۽ عوام کي عملي سهولتون فراهم ڪيون وڃن" هن صوبائي وزير کي درخواست ڪئي ته شهر جي وڌندڙ ضرورتن ۽ منصوبن جي دائري کي نظر ۾ رکندي فنڊ وڌايا وڃن ته جيئن عوامي خدمتن جو دائرو وڌيڪ وڌايو وڃي. ان موقعي تي صوبائي وزير مڪاني ادارن سيد ناصر حسين شاهه حاجي نواز علي بروهي جي ڪم جي تعريف ڪندي چيو ته "منگهوپير ٽائون ڪراچي جي انهن علائقن مان هڪ آهي جتي ترقي جو ڦيٿو واقعي تيزي سان ڦري رهيو آهي حاجي نواز علي بروهي هڪ سرگرم، ايماندار ۽ عوام دوست چيئرمين آهي جيڪو فيلڊ ۾ موجود رهي هر ڪم جي ذاتي طور تي نگراني ڪندو آهي - هي رويو عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت چيئرمين منگهوپير ٽائون جي سفارشن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي ۽ مقامي حڪومتي ادارن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪندي رهندي. سيد ناصر حسين شاهه حاجي نواز علي بروهي کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته "توهان کي ساڳئي جذبي ۽ رفتار سان ڪم جاري رکڻ گهرجي، سنڌ حڪومت توهان سان گڏ آهي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي به صوبائي وزير جي تعريف ڪندي چيو ته "سيد ناصر حسين شاهه سنڌ جي انهن وزيرن مان هڪ آهي جيڪو هر سطح تي عوامي نمائندن سان سڌو سنئون رابطي ۾ آهي ۽ مقامي حڪومتي نظام کي عملي طور تي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي"

يورپي پارليامينٽ جا 10 ميمبر گراسپ مالي امداد جا اثر ڏسڻ لاءِ حيدرآباد پهتا

ميمبر يوسي سانوڻ خان گوپانگ ۾ ڪاروبارن جو جائزو ورتو ڳوٺاڻن سان حال احوال ڪيا

ڪاروبارن ۾ جدت، عورتن جي شموليت ڏسي مالي امداد سجائي ٿيڻ تي خوشي ٿي آهي:وفد

حيدرآباد (پ ر) يورپي پارليامينٽ جا 10 ميمبر حيدرآباد پهتا ۽ سنڌ ۾ يورپين ننڍن ڪاروبارن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هلندڙ گراسپ پروجيڪٽ تحت يورپي يونين جي مالي امداد جي اثرن جو جائزو ورتو گذريل ڏينهن يورپي پارليامينٽ جو وفد، لوڪاس منڊل، ٿامس زيڊيچيوسڪي جوان فرنينڊو رابرٽ بيدرون ۽ مارڪ جونگن شامل هئا، يورپي يونين جي نمائندن ڪرسچن بين هيل، باربرا رڪسن ڪرسچن ميسيٽ، ٽريسا ميسيگا جانڪوف، ڪيمينٽ ميسيگا ۽ ڪرسچن بين-هيل سان گڏجي حيدرآباد پهتو ۽ گراسپ امداد جي اثرن ۽ فائدن جو جائزو ورتو يورپي وفد يوسي سانوڻ خان گوپانگ جي ڳوٺ ابڙي ۾ 5 لک روپين جي مالي امداد سان عورتن جي انتظام هيٺ هلندڙ ڪاروباري اداري 'فضا ديسي گيهه' جي پيداواري ترقي ۽ اتي عورتن کي روزگار ملڻ جي حوالي سان مشاهدو پڻ ڪيو ان موقعي تي وفد جي ميمبرن ڳوٺاڻن سان ڳالهه ٻولهه ڪري امداد جي افاديت بابت جاڻ ورتي ۽ پراجيڪٽ جي ڪاميابيءَ تي خوشيءَ جو اظهار پڻ ڪيو وفد جي اڳواڻ ايرپي لوڪس منڊل چيو ته اهو ڏسي خوشي ٿي آهي ته يورپي يونين جي مالي سهڪار سان مقامي سطح تي ننڍن ۽ وچولي درجي وارن ڪاروبارن کي وڌائڻ ۾ مدد ملي رهي آهي اسان ڏٺو آهي ته مالي امداد سان ڪيلي جي ننڍن آبادگارن ۽ کير مکڻ جو ڪاروبار ڪندڙن جا ڪاروبار جديد طريقن ذريعي وڌيڪ ترقي ڪري رهيا آهن. آئي ٽي سيءَ جي نمائندگي ڪندي ايس ايم ايز ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ عمر عارف چيو ته گراسپ پروجيڪٽ تحت مالي سهڪار تربيت ۽ مارڪيٽ رابطن تائين رسائي ذريعي ڳوٺاڻن جي ڪاروبار کي تيزي سان هٿي ملي رهي آهي. پي پي اي ايف ۾ گراسپ آپريشنز صلاحڪار سهيل خان بنگش چيو ته گراسپ مقامي معيشتن کي مضبوط ڪري، جدت کي هٿي ڏئي ٿو جنهن سان نه رڳو انفرادي ۾ اجتماعي ترقي پڻ ٿي رهي آهي. ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذيشان ميمڻ اميد ظاهر ڪئي ته يورپي يونين مستقبل ۾ ڳوٺاڻين عورتن جي ڪاروباري ترقي تي ڌيان ڏيڻ وارن منصوبن جي حمايت جاري رکندي

گهوٽڪي: صيفل پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ منعقد ڪيل ڏڪاري مهم ۾ ٻوٽا لڳايا پيا وڃن: ٻئي طرف سيد عامر شاهه ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪندي

ڏوڪري ۾ غني امان چانڊيو کي کڻڻ خلاف احتجاجي مظاهرو،ڌرڻو

نوجوان سماجي اتحاد پارڻ پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

غني امان چانڊيو مٿان الزام آهي ته ڪيس عدالت ۾ آندو وڃي:اڳواڻ

ڏوڪري(ن ع)ڏوڪري ۾ نوجوان سماجي اتحاد پارڻ سنڌين نيشنل ڪانگريس اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو چيف آرگنائيزر غني امان چانڊيو کي ڪراچي مان کڻڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو تصير چنا، عزيز جويو صابر جروار رڪ سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته شاگرد اڳواڻ غني امان چانڊيو هڪ پرامن سياسي

ناري کي مبينه قتل ڪرڻ خلاف ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ميهاڻ خان رند واسي شيخ برادري پارڻ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسان کي خبر پئي آهي ته ساهورن اسان جي نياڻي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي:نبي بخش

ڄام صاحب(ن ع)ڳوٺ ميهاڻ خان رند ويجهو ويٺل شيخ برادري جي ماڻهن پارڻ سندس نوجوان ناري کي مبينا قتل ڪرڻ خلاف ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو ويرواري ريحانا جي ماءُ نسرين سندس پيءُ نبي بخش شيخ ڄام صاحب پريس ڪلب آڏو ڏانهيدي چيو ته ڌي نسرين کي 3 سال اڳ جاني شيخ کي پرڻائي ڏني هئي پاڻي نياپا موڪليا ته مون تي تشدد ٿا ڪن احتجاج ڪندڙن چيو ته هنن جي گهر وياسين ته اسان کي پنهنجي ڌي سان ملڻ نه ڏنو ويو اسان قانوني رستو اختيار ڪندي ڄام صاحب ٿاڻي تي اطلاع ڏنو پوليس وٺي اتي پهتاسين ته هو ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ناري جي وارثن وڌيڪ ڏانهيدي چيو ته اسان کي خبر پئي آهي ته هنن اسان جي نياڻي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي اسان ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد کان نوٽيس ناري جي مبينا قتل ۾ ملوث جوابدارن جاني شيخ ڄام شيخ پٺاڻ شيخ ٻين کي گرفتار ڪري نياڻي جو لاش اسان کي ڏنو وڃي ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ تي ڄام صاحب ٿاڻي جي وڏي منشي ٻڌايو ته معي ذڪر ڪيل فريادي هڪ مهينو اڳ سندن برادري سان جهيڙو ٿيو هنن کي ميڊيڪل ورتو کين ميڊيڪل ڏنو ويو بيهر اسان وٽ نه آيا آهن

ڄام صاحب: ڳوٺ ميهاڻ خان رند واسي شيخ برادري پارڻ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پارڻ انڊر نائيٽين ٽرائلز،جاتي جو تيز بالر ثناءُ الله ٿهيم چونڊجي ويو

جاتي (ن ع)پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پارڻ ٿيندڙ انڊر نائيٽين ٽيم ٽرائلز ٿي گذريا جنهن ۾ جاتي جو نوجوان تيز بالر ثناءُ الله ولد ماسٽر محمد ابراهيم ٿهيم ڳوٺ حاجي صديق ٿهيم جو رهواسي پنهنجي بهترين ڪارڪردگي جي بنياد تي چونڊجي ويو آهي سندس چونڊ نه صرف سندس گهرڀاتين لاءِ خوشي جو موقعو بڻجي وئي آهي پر سڄي جاتي لاءِ فخر جو لمحو آهي علائقي جي سياسي سماجي ۽ راندين سان واسطو رکندڙ شخصيتن نوجوان کي مبارڪباد ڏيندي چيو آهي ته ثناءُ الله ٿهيم جهڙا باصلاحيت نوجوان ملڪ جو نالو روشن ڪري سگهن ٿا جاتي واسين خوشيءَ ۾ مٺايون ورهائي نوجوان جي مستقبل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو جڏهن ته سندس والد محمد ابراهيم ٿهيم چيو ته اسان هڪ مڊل ڪلاس فيملي سان تعلق رکون ٿا ثناءُ جي ڪاميابي صرف اسانجي ڪاميابي نه آهي اها ضلعي سجاول ۽ سنڌ جي رهواسين جي ڪاميابي آهي رب پاڪ وڌيڪ مدد ڪندو ۽ منهنجو پٽ پاڪستان جو نالو روشن ڪندو

جاتي: پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ پارڻ انڊر نائيٽين ٽرائلز،جاتي جو تيز بالر ثناءُ الله ٿهيم چونڊجي ويو

موٽروي ايم نائين تي نوري آباد ويجهو مزدا گاڏي ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي،هڪ ڄڻو فوت

نوري آباد (ن ع)موٽروي ايم نائين تي نوري آباد ويجهو حيدرآباد کان ڪراچي ويندڙ ليبرڊ ڪوريئرسروس جي مزدا گاڏي ٽرالر ڀريان ٽڪرائجي وئي حادثي ۾ هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي فوتي جي سڃاڻپ مزدا ڪلينڊيٽر 30ورهين محمد ماجد ولد فضل الرحمان ڪراچي سعيدآباد بلديه ٽائون طور ٿي فوتي جو لاش ضروري ڪارروائي لاءِ تعلقه اسپتال ٿاڻو بولا خان منتقل

ڄامشورو ۾ وڌندڙ بدامني منشيات جي آزار خلاف مانجهند ۾ ريلي،ڌرڻو

بااثرن جي سرپرستي ۾ وڏي مقدار ۾ منشيات جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي:عمر ابڙو

ڦرون ڌاڙا چوريون معمول بڻيل آهن،عوام جي جان مال جان جو تحفظ نه پيو ٿئي

مانجهند(ن ع)مانجهند ۾ ايس يو پي تعلقه مانجهند طرفان ضلع ڄامشورو ۾ وڌندڙ بدامني منشيات جي آزار ڪوڙن ڪيسن ۽ مختلف ڏوهن ۾ روپوش جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ڪارڪنن شاهي بازار مان ريلي ڪيدي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ جسقم سميت مختلف سياسي سماجي ڌرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ايس يو پي تعلقه صدر محمد عمر ابڙو شهمير خان خاصخيلي يوسف عمراڻي فقير اعجاز ميمڻ محرم خاصخيلي سهيل پٺي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلع ڄامشورو ۾ انتظاميا ۽ حڪومتي بااثرن جي سرپرستي ۾ وڏي مقدار ۾ منشيات جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي شهرن کان ننڍن ڳوٺن ۾ ڪچو شراب آئيس چرس نشي واريون سوپاريون وڪرو ٿين پيون جنهن سبب نوجوان نسل سماجي برائن ۾ وڪوڙجي تباهه ٿي رهيو آهي ضلع ۾ روزانو ڦرون ڌاڙا چوريون معمول بڻيل آهن عوام جي جان مال جان جو تحفظ نه پيو ٿئي هنن وڌيڪ چيو ته سيد زين شاهه تي بنا جواز ضلع جي مختلف ٿاڻن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڏوهاري روپوش جوابدارن کي گرفتار نٿو ڪيو وڃي جيڪي سرعام گهمي رهيا آهن مطالبا منظور نه ٿيا ته انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويندو

مانجهند: بااثرن جي سرپرستي ۾ وڏي مقدار ۾ منشيات جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي:عمر ابڙو

حيدرآباد جي وڪيلن ۽ سول سوسائٽي پارڻ سول اسپتال انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو،بک هڙتال

سماجي اڳواڻ عامر زرداري جي پٽ جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ انتظاميه جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي وئي

ڊاڪٽرحسنين کي 18آڪٽوبر تي ڊينگي جي بخار سبب سول اسپتال ۾ داخل ڪيو،جتي ڊينگي سبب پٽ کي غلط انجيڪشن هنيو ويو: عامر زرداري

سول اسپتال ۾ وينٽيليٽر جو ماهر ئي موجود نه آهي جنهن کي خبر هجي ته وينٽيليٽر تي مريضن کي ڪيئن منتقل ڪجي

پٽ جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن ۽ عملي کي گرفتار ڪري انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي،ذميوار صحت کاتو،ايم ايس،ڊاڪٽر ۽ عملو آهي

حيدرآباد(اسحاق رپورٽر)حيدرآباد جي وڪيل برادري ۽ سول سوسائٽي پارڻ سماجي اڳواڻ عامر زرداري جي پٽ جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ انتظاميه جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيڻ واري واقعي خلاف بک هڙتال ڪئي. ان موقعي تي عامرزرداري چيو ته سندس نوجوان پٽ ميڊيڪل جو شاگرد ڊاڪٽرحسنين 18آڪٽوبر تي ڊينگي جي بخار سبب سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو پٽ جي موت جو ذميوار صحت کاتو سنڌ،ايم ايس سول اسپتال ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽر ۽ عملو آهي. هن چيو ته سول اسپتال ۾ وينٽيليٽر جو ماهر ئي موجود نه آهي جنهن کي خبر هجي ته وينٽيليٽر تي مريضن کي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 30 آڪٽوبر 2025ع

عطائي ڊاڪٽرن خلاف حتمي ڪارروائي وقت جي ضرورت

سنڌ ۾ ايڇ آءِ وي (ايڊز) جي وبا جو ڦهلجڻ عوامي صحت لاءِ ڳڻتي جو وڏو سبب بڻجي وئي آهي. تازو صحت کاتي پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب صوبي ۾ لڳ ڀڳ چار هزار ٻارڙن ۾ ايڇ آءِ وي جي تصديق ٿي آهي جيڪا هڪ انساني الميو آهي. ان کان به وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته ان وبا جي واڌ جو وڏو ذميوار عنصر عطائي ڊاڪٽرن کي قرار ڏنو ويو آهي- اهي ماڻهو جيڪي بغير ڪنهن طبي تربيت، سرٽيفڪيشن يا قانوني اجازت جي، انساني زندگين سان راند ڪري رهيا آهن. رپورٽ موجب سنڌ ۾ 6 لک کان وڌيڪ عطائي ڊاڪٽر سرگرم آهن جن مان رڳو ڪراچي ڊويزن ۾ اڍائي لک تائين جو انگ ٻڌايو پيو وڃي. اها صورتحال ڪنهن به مهذب سماج لاءِ ناقابلِ قبول آهي. عطائي ڊاڪٽر پنهنجي نالي سان ڪلينڪون کولي، انجيڪشن، ڊرپ ۽ مختلف دوائون ڏين ٿا. پر انهن وٽ نه صفائيءَ جو خيال آهي، نه ئي علاج جو سائنسي علم. نتيجي طور اهي نه رڳو بيمارين ختم ڪرڻ بدران وڌيڪ پکيڙي رهيا آهن، پر انساني جانين کي خطري ۾ وجهي رهيا آهن. ايڇ آءِ وي جي پکيڙ بابت اختيارين ٻڌايو آهي ته هي مرض صرف هڪ سبب ڪري نه پر ڪيترن ئي خطرناڪ عملن جي ڪري وڌي رهيو آهي، جن ۾ هم جنس پرستي، عطائي ڊاڪٽرن جون غير قانوني ڪلينڪس غير رجسٽرڊ بلڊ بينڪ، استعمال ٿيل سرنج ۽ بليڊ، نائي جي دڪانن تي استعمال ٿيندڙ بليڊ، اسپتالن جو ڪچرو وڪرو ڪرڻ ۽ دوائن جي بي احتياطي سان استعمال شامل آهي. پر انهن سڀني سببن ۾ عطائي ڊاڪٽرن جو ڪردار مرڪزي ۽ تباهه ڪندڙ آهي، ڇو ته اهي بنا علم ۽ ضابط انساني جسم تي تجربا ڪن ٿا. ان حوالي سان صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو جو بيان سراهه جوڳو آهي، جنهن واضح لفظن ۾ چيو آهي ته عطائي ڊاڪٽرن خلاف بي رحم ڪريڪ ڊائون ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو ايم اين اي يا ايم پي اي انهن لاءِ سفارش ڪري ته مون کي ٻڌايو وڃي، مان پاڻ مُنهن ڏينديس. اهو موقف حڪومتي عزم جي علامت ضرور آهي، پر ماضيءَ جي تجربي موجب اهڙيون مهمون گهڻو وقت هلي ناهن سگهنديون، جيستائين انهن کي قانوني ۽ ادارياتي سهارو نه ملي.

حقيقت اها آهي ته عطائي ڊاڪٽرن جي ڪاروبار جي پويان صرف غربت يا بيروزگاري ناهي، پر انتظامي ڪمزوري، قانوني نرمي ۽ بدعنواني پڻ آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ عطائي ڊاڪٽر بااثر ماڻهن جي سرپرستيءَ هيٺ ڪم ڪن ٿا. ڪجهه ڪيسن ۾ ته پوليس ۽ مقامي صحت جا عملدار پاڻ به انهن سان مليل هوندا آهن، جيڪي مهم هلڻ شرط چند ڏينهن لاءِ ڪلينڪون بند ڪرائين ٿا، پر پوءِ ٻيهر ساڳي سرگرمي شروع ٿي ويندي آهي. انهيءَ تناظر ۾ حڪومت لاءِ ضروري آهي ته اها صرف ڪريڪ ڊائون تي پروسو نه ڪري، پر هڪ جامع حڪمتِ عمليءَ تي عمل ڪري. پهريون قدم اهو هجڻ گهرجي ته عطائي ڊاڪٽرن خلاف نه رڳو ڪيس داخل ڪيا وڃن پر مستقل نگرانيءَ جو نظام ٺاهيو وڃي. سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي وڌيڪ وسيلن ۽ قانوني اختيارن سان مضبوط ڪيو وڃي ته جيئن هو غير قانوني ڪلينڪن کي مستقل بند ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي. ٻيو عوامي آگاهي جي ميدان ۾ به سنجيده ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايڇ آءِ وي جي پکيڙ کي روڪڻ صرف حڪومتي مهم سان نه پر سماجي ذميواريءَ سان به ممڪن آهي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ ميڊيا ذريعي ماڻهن کي سيکارڻ گهرجي ته عطائي ڊاڪٽرن وٽ علاج ڪرائڻ سندن توڙي ٻارن جي زندگيءَ سان ڪيڏڻ برابر آهي. ان سان گڏوگڏ، ماڻهن کي استعمال ٿيل سرنج، بليڊ يا رت جي غير محفوظ منتقليءَ بابت واضح ڄاڻ ڏني وڃي. ٽيون، قانوني طور رجسٽرڊ ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن تائين رسائي وڌائي وڃي ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ماڻهو عطائي ڊاڪٽرن وٽ صرف ان ڪري وڃن ٿا جو سندن ڪلينڪ ڳوٺ ۾ آهي، فيس گهٽ آهي ۽ علاج فوري ملي ٿو جيڪڏهن حڪومت ضلعي سطح تي پرائمري هيلٿ سينٽرن کي فعال ڪري، دوائون دستياب ڪري ۽ عملي کي ذميوار بڻائي ته ماڻهو پاڻ عطائي ڊاڪٽرن کان پري رهندا. اسين سمجهون ٿا ايڇ آءِ وي جي موجوده وبا صرف هڪ طبي مسئلو نه آهي، پر سماجي ۽ اخلاقي بحران به آهي. جڏهن چار هزار ٻارڙا هڪ اهڙي مرض جو شڪار ٿين ٿا جيڪو روڪڻ لائق آهي ته پوءِ اها ناڪامي ڪنهن هڪ شعبي جي نه، پر سڄي نظام جي آهي. هاڻي حڪومت لاءِ وقت اچي ويو آهي ته هو صرف رپورٽون پڙهڻ ۽ اجلاس ڪرڻ بدران، زميني سطح تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي.

مصنوعي ذهانت کان خوف، آخر ڇو؟

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

هن پيري جڏهن مان آمريڪا جي دوري تي ويس، تڏهن مون کي سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ حيران ۽ متاثر ڪيو، سا مصنوعي ذهانت جو وسيع ۽ اثرائتو استعمال هو. جيئن ئي مون آمريڪا جي زمين تي پير رکيو، تڏهن منهنجو سڀ کان پهريون واسطو خودڪار اميگريشن سسٽم سان پيو. عام طور تي ايئرپورٽ تي غيرملڪي مسافرن جي سڃاڻپ، پاسپورٽ ۽ ٻين ڪاغذن جي چڪاس جو عمل ڊگهو مشڪل ۽ وقت وٺندڙ هوندو آهي، پر هتي ته اهو ڪم جهرن جي سڃاڻپ ۽ پاسپورٽ اسڪين ڪرڻ سان چند سيڪنڊن ۾ ٿي ويو. ڪو به ڊگهو انتظار يا تڪليف نه ٿي، هي سڀ ڪجهه AIجي جديد صلاحيتن جي ڪري ممڪن ٿيو آهي ايئرپورٽ جي اندر مون کي ڪيترائي روبوٽ به ڪم ڪندي نظر آيا، جيڪي مختلف خدمتون ڏئي رهيا هئا. جڏهن مان ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪتس ته خبر پئي ته ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ به AIانقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ٽيسلا ۽ وائي مو جهڙيون گاڏيون هاڻي بنا ڪنهن ڊرائيور جي پاڻمرادو هلي رهيون آهن، ۽ روڊن تي لڳايل ٽريفڪ سگنل به AIجي حساب سان پاڻمرادو ڪنٽرول ٿين ٿا، جنهن جي ڪري ٽريفڪ جام جا مسئلا تقريباً ختم ٿي ويا آهن ان دوران مون کي هوٽل جي چيٽ بوٽ جو هڪ خودڪار آڏرياءَ جو پيغام واٽس ايپ تي مليو. چيٽ بوٽ پاڻمرادو منهنجو چيڪ ان (داخلا) ڪري ڇڏيو، ڪمري جون سموريون تفصيلون ٻڌايون، مانيءَ جو مينيو ڏيکاريو ۽ رهائش دوران ڪجهه مفيد صلاحون ۽ تجويزون به ڏنيون. آمريڪي حڪومت جي سڏ تي مون کي هتي ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نجي ادارن جي دوري جو موقعو مليو جن شين مون کي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو، تن مان هڪ هئي حڪومتي نظام ۾ مصنوعي ذهانت (AI)جو وڌندڙ استعمال. هاڻي آمريڪا ۾ حڪومت جا ڪيترائي ڪم AIجي مدد سان هلن ٿا، جنهن سان نه رڳو عام ماڻهو پنهنجي شهري حقن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري رهيا آهن، پر گڏوگڏ ادارن جي ڪارڪردگي، شفافيت ۽ جوابدهي به تمام بهتر ٿي وئي آهي. صحت جي شعبي ۾ مون کي ڄاڻ ملي ته مايو ڪلينڪ ۽ آءِ بي ايم واٽسن هيلٿ جهڙا ادارا هاڻي AIجي مدد سان اهڙين پيچيدگين ۽ خطرناڪ بيمارين جي سڃاڻپ ۽ علاج ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهن، جيڪي ڪڏهن لا علاج سمجهيون وينديون هيون. هاڻي مشين لرننگ سسٽم ۽ جديد ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ سان تيار ڪيل مشينون ايڪسري ۽ ايم آر آءِ اسڪين ۾ اهڙيون باريڪيون ڏسي وٺن ٿيون، جيڪي انساني اک ڏسي ئي نٿي سگهي. اهو به ڏسڻ ۾ آيو ته چيٽ بوٽس مريض جي علامتن جي بنياد تي بيماريءَ جي سڃاڻپ ڪن ٿيون، پوءِ پاڻمرادو دوائون تجويز ڪن ٿيون ۽ جيڪڏهن مريض جي حالت سنجيده هجي ته ڊاڪٽر سان ملاقات به پاڻ بُڪ ڪري ڏين ٿيون.

هتي آمريڪا ۾ AIروبوٽ رڳو اسپتالن ۾ نه، پر روڊن، شاپنگ مالن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي به ڪم ڪن ٿا. اهي روزاني صفائي سان گڏ ماحول جي نگراني، جراثيم مارڻ ۽ ڪچرو ختم ڪرڻ جو ڪم پاڻمرادو ڪن ٿا. هاڻي آمريڪي ڪمپنيون اهڙا روبوٽ تيار ڪري رهيون آهن، جن ۾ سينسر ڪئميرا ۽ GPS ٽيڪنالاجي لڳل آهي، جنهن جي مدد سان اهي گاڏين ۽ ماڻهن کان پاڻ کي بچائيندي روڊن تي پيل ڪچرو صاف ڪن ٿا. تعليم جي شعبي ۾ به وڏي تبديلي آئي آهي. هتي جا تعليمي ادارا تيزيءَ سان AIسان ڳنڍجي رهيا آهن. هاڻي شاگرد جي دلچسپي ۽ قابليت ڏسي، AIپاڻمرادو ان لاءِ مضمون ۽ غير نصابي سرگرميون تجويز ڪري ٿو. شاگرد جي سکڻ جي طريقي، صلاحيت ۽ رفتار موجب، نصاب پاڻمرادو بدلجي وڃي ٿو. ايتري قدر جو امتحانن جا سوال، جواب ۽ نتيجا به AIجي مدد سان تيار ٿين ٿا. آمريڪا ۾ تعليم جي ميدان ۾ مصنوعي ذهانت (AI)ذريعي ڪاميابيءَ جا جهنڊا کوڙيندڙ ماهر ڊاڪٽر مائيڪل ايوورسٽ، مون سان لاس اينجلس ۾ پنهنجي آفيس ۾ هڪ بريفنگ دوران ملاقات ڪئي. هن ٻڌايو ته

پنج سال اڳ جڏهن ڪورونا وبا آئي هئي، تڏهن آمريڪا کي اهڙي وڏي آزمائش جو منهن ڏسڻو پيو، جنهن ملڪ کي جهڙ ته پاڙن تائين لوڏي ڇڏيو هو ان وقت آمريڪا ۾ تعليمي شعبي کي استادن جي شديد کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو هو، يعني اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ لاءِ استاد گهٽ هئا. اِها ئي اها گهڙي هئي، جڏهن ڊاڪٽر ايورسٽ جي اداري هڪ زبردست AI پليٽفارم متعارف ڪرايو جنهن ۾ ورچوئل ٽيچر اسسٽنٽس يعني آن لائن ڊجيٽل استاد، آمريڪا جي وڏين يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ شاگردن کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. اهي ورچوئل استاد شاگردن کي نه صرف نصابي ڄاڻ ڏين ٿا، پر عملي تربيت، رهنمائي ۽ سوالن جا جواب به ڏين ٿا. ڊاڪٽر ايورسٽ جو اهو قدم آمريڪا لاءِ تمام اهم ثابت ٿيو ڇاڪاڻ ته ان سان ملڪ پنهنجي سپر پاور واري حيثيت کي قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهيو. اڄ به سندس تيار ڪيل پليٽفارم Edu.comذريعي، هزارين شاگرد AIجي مدد سان تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاري رهيا آهن. انهن شاگردن جي مهارت ۽ علم جي ڪري آمريڪا جي سماج ۽ معيشت ٻنهي ۾ بهتري اچي رهي آهي ۽ ملڪ اڳ کان به وڌيڪ مضبوط ٿي رهيو آهي. هن دوران مون کي آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترن ئي پاڪستاني نئين نسل جي ماڻهن سان ملاقات جو موقعو مليو. اهو ڏسي خوشي ٿي ته جيئن آمريڪا جي ٻين شعبن ۾ پاڪستاني ڇانيل آهن، تيئن ئي AI جي شعبي ۾ به پاڪستاني ڪميونٽي اڳيان اڳيان آهي. پر هڪ وطن دوست پاڪستاني طور منهنجي ذهن ۾ اهو سوال ضرور آيو ته جڏهن دنيا اهڙي تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي ته اسان پاڪستان ۾ اهڙين تبديلين سان هم آهنگ ٿيڻ لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اسان پنهنجي تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ ترقيءَ ۾ به اهڙي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌي رهيا آهيون، جيئن دنيا اڳتي وڌي رهي آهي؟ بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت بابت اڃا تائين ڪيترن ئي غلط فهمين جو راڄ آهي. ڪجهه ماڻهو ٽيڪنالاجي جي غلط استعمال کي جواز بڻائي، AIکي اختيار ڪرڻ کان ماڻهن کي روڪي رهيا آهن. ٻين کي اهو خوف آهي ته جيڪڏهن AIاچي وئي ته انهن جون نوڪريون ختم ٿي وينديون. پر حقيقت ۾ ڳالهه بلڪل ابتڙ آهي. مان سمجهان ٿو ته هي دور انساني ترقيءَ جو سڀ کان اوچو ۽ شاندار دور آهي. هزارين سالن جي ارتقائي سفر بعد، اڄ انسان اهڙي مقام تي پهتو آهي، جتي هو AIجي مدد سان ڪائنات جا اهي به راز معلوم ڪري رهيو آهي، جيڪي صدين اڳ تائين لڪل هئا. منهنجي نظر ۾ مصنوعي ذهانت انسان جي اصلي ذهانت جو متبادل نه آهي، پر اها ان جي هڪ طاقتور ساٿي آهي. آمريڪا ۾ رهندي مون اهو ويجهو مشاهدو ڪيو ته AIانسان کي ڪمزور يا بيڪار نه ٿي ڪري، پر ان کي وڌيڪ قابل باصلاحيت ۽ تيز بڻائي ٿي. آمريڪا جهڙي سپر پاور ملڪ ۾ AIجو وسيع استعمال ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مصنوعي ذهانت اڄ جي نئين عالمي معيشت جو مرڪزي انجڻ آهي ۽ اهو روشن مستقبل انهن ملڪن جو آهي، جيڪي پاڻ کي هن نئين ٽيڪنالاجيءَ واري دور جي اڳواڻي لاءِ تيار ڪري رهيا آهن. اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن اسان اڄ به ڊپ ۾ وقت ضايع ڪريون ٿا ته سڀاڻي اسان کي ٻين تي ڀاڙڻو پوندو. AIنوڪريون ختم نٿي ڪري، اها صرف انهن کي نئين دور جي ضرورتن مطابق نئون روپ ڏئي ٿي اهو به سچ آهي ته AIانسان جي تخليقي صلاحيت کي ختم نه پئي ڪري، بلڪه ان کي وڌائي رهي آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته اسان ان ٽيڪنالاجيءَ کان ڊڄون ٿا، يا ان کي اپنائي اسان جو مستقبل سنوارڻ جي صلاحيت رکون ٿا؟

اڳوڻي فرانسيسي صدر کي سزا!

اشتياق بيگ

فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جو شمار ملڪ جي مقبول ترين صدرن ۾ ٿيندو هو هو 2007ع کان 2012ع تائين فرانس جو صدر رهيو. تازن ڏينهن ۾، هڪ ڏکيي عدالتي ڪارروائي ۽ قانوني جنگ کان پوءِ فرانسيسي عدالت نڪولس سرڪوزي کي ليبيا کان چونڊ مهم لاءِ پئسا وٺڻ جي الزام هيٺ 5 سال قيد ۽ هڪ لک يورو ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي فرانس جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ائين ٿيو آهي جو ڪنهن اڳوڻي صدر کي ڪرپشن جي الزام ۾ سزا ٻڌائي وئي آهي سرڪوزي تي الزام هو ته هن 2007ع جي چونڊ مهم لاءِ ليبيا جي اڳوڻي صدر معمر قذافي کان پئسا ورتا هئا ۽ انهن ئي پئسن سان پنهنجي چونڊ مهم هلائي عدالتي فيصلي ڪائيءَ نڪولس سرڪوزي پنهنجي حامين سان گڏ پاڻ جيل ويو ۽ گرفتاري ڏئي ڇڏي نڪولس سرڪوزي خلاف عدالتي جاچ 2013ع ۾ ان وقت شروع ٿي جڏهن ليبيا جي اڳوڻي صدر معمر قذافي جي پٽ سيف الاسلام قذافي پنهنجي والد جي موت کان ٻه سال پوءِ هڪ وڏو الزام هنيو هن چيو ته نڪولس سرڪوزي پنهنجي چونڊ مهم لاءِ سندس والد کان 50 ملين يورو جهڙي وڏي رقم ورتي هئي ۽ ان رقم جون ادائيگيون سرڪوزي جي صدر بڻجڻ ڪانپوءِ به جاري رهيون سيف الاسلام جي الزام لڳائڻ جو هڪ اهم سبب اهو هو ته هُو نڪولس سرڪوزي کي پنهنجي والد جي موت جو ذميوار سمجهندو هو ياد رهي ته 2011ع ۾ ليبيا جي گهرو ويڙهه دوران فرانس جو ڪردار تمام اهم رهيو هو فرانس انهن ملڪن مان هو جيڪي معمر قذافي جي حڪومت خلاف ڪارروائي ڪندڙ علمي اتحاد جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا اقوامِ متحده جي سلامتي ڪائونسل جڏهن ليبيا ۾ انساني حقن جي پيڪڙين جي آڙ ۾ فوجي مداخلت جي اجازت ڏني، تڏهن فرانس ئي هو جنهن نيٽو جي هوائي حملن جي اڳواڻي ڪئي 20 آڪٽوبر 2011ع تي معمر قذافي جي قتل ڪانپوءِ فرانسيسي صدر نڪولس سرڪوزي ان کي فرانس جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ چيو ته 'اسان ليبيا مان آمريت ختم ڪري ڇڏي آهي' دلچسپ ڳالهه اها آهي ته نڪولس سرڪوزي هڪ طرف چونڊ مهم لاءِ قذافي کان وڏيون رقمون وٺندو رهيو ۽ ٻئي طرف اقتدار ۾ اچي ساڳئي شخص کي ئي ختم ڪرائي ڇڏيو پر وقت جي ڦيري سان ساڳئي قذافي جي پٽ سيف الاسلام، 70 ورهين جي عمر ۾ نڪولس سرڪوزي کي جيل تائين پهچائي ڇڏيو اڄ جڏهن مان هي ڪالم لکي رهيو آهيان، تڏهن مون کي 2006ع ۾ ٿيل اها يادگار ملاقات ياد اچي رهي آهي جڏهن مان وزيراعظم شوڪت عزيز جي سربراهي ۾ ليبيا ويل سرڪاري وفد جو حصو هئس ان موقعي تي مون کي ليبيا جي صدر معمر قذافي ۽ سندس پٽ سيف الاسلام سان ملڻ ۽ کين ويجهو کان ڏسڻ جو موقعو مليو، اهو اهو وقت هو، جڏهن ليبيا تي معمر قذافي جي حڪمراني ۽ اقتدار تي سندس سخت گرفت هئي پاڪستاني وفد جي اعزاز ۾ ڏنل ضيافتي ماني دوران وزيراعظم شوڪت عزيز مذاق ڪندي معمر قذافي کي چيو ته 'توهان پاڪستان ۾ ايترا مشهور آهيو جو قذافي اسٽيڊيم ۽ هڪ مشهور شاهراهه به توهان جي نالي سان منسوب آهي جيڪڏهن توهان پاڪستان ۾ چونڊون وڙهندا ته پڪ سان ڪامياب ٿي ويندا' اهو ٻڌي معمر قذافي ۽ سندس پٽ سيف الاسلام ٻنهي خوشيءَ جو اظهار ڪيو اهو ذڪر ڪرڻ جوڳو آهي ته پاڪستان جي ايٽمي پروگرام ۾ معمر قذافي دل کولي ملي مدد ڪئي هئي، پر جيئن چوڻي آهي ته 'سڻن ڏينهن ۾ سڀ ساٿي هوندا آهن پر ٻرن وقتن ۾ ڪو به گڏ نه هوندو' اهو ئي ڪجهه معمر قذافي سان ٿيو جڏهن سندس وقت ابتريءَ ۾ بدلجي ويو ۽ مغربي طاقتون سندن خلاف ٿي ويون، تڏهن پاڪستان ۾ چونڊون وڙهڻ جون ڳالهيون ڪندڙ به سندس ساٿ ڇڏي ڏنو 2011ع جي گهرو ويڙهه دوران معمر قذافي کي رستن تي گهلي ڪري قتل ڪيو ويو ۽ افسوس سان گڏ چوڻو پوي ٿو ته ڪنهن به اسلامي ملڪ ان دردناڪ موت تي آواز به نه اٿاريو. فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي خلاف عدالتي فيصلو فرانس ۾ قانون جي بالادستي ۽ عدليه جي آزاديءَ جي عڪاسي ڪري ٿو اهو اهو ثابت ڪري ٿو ته جڏهن عدالتون سياسي اثر کان آزاد ٿين ٿيون ته پوءِ ڪو به شخص پلي ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي، قانون کان مٿي نٿو رهي سگهي. پاڪستان ۾ به ڪيترن سياسي شخصيتن تي ڪرپشن جا الزام لڳا آهن، پر هتي جو عدالتي نظام اڪثر سست ۽ غير مؤثر نظر اچي ٿو. فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جنهن طريقي سان پاڻ کي جيل اختيارين حوالي ڪيو ۽ جنهن نظم ۽ قانون جي پاسداري ڪرڻ جا بنا ڪنهن احتجاج يا تشدد جي، ان ۾ پاڪستان لاءِ وڏو سبق لڪل آهي پي ٽي آءِ جي باني عمران خان تي به نڪولس سرڪوزي وانگر غير ملڪي فنڊنگ جا الزام لڳا هئا. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ٽي رڪني بينچ 2014ع کان ٻڌائي هيٺ فارن فنڊنگ ڪيس ۾ فيصلو ٻڌائيندي عمران خان ۽ سندس پارٽي کي ڏوهيدار قرار ڏنو فيصلي موجب پي ٽي آءِ پارٽي شهري روميتا سيٺي سميت 34 غير ملڪي شهرين، آمريڪا، ڪينيڊا، ووٽن ڪرڪٽ، ابراج گروپ، آءِ پي آءِ ۽ يو ايس آءِ کان ممنوع فنڊز حاصل ڪيا ۽ 13 بئنڪ اڪائونٽن کي لڪايو، پر افسوس جو اهو ڪيس اڃا تائين اعليٰ عدالت ۾ ٻڌائي هيٺ آهي. جيڪڏهن عمران خان کي فارن فنڊنگ ڪيس ۾ جيل وڃڻو پوي ها، ته شايد پاڪستان ۾ ٻيهر 9 مئي جهڙو واقعو پيش اچي وڃي ها. فرانس جي اڳوڻي صدر نڪولس سرڪوزي جي سزا نه صرف عدليه جي آزادي ۽ احتساب جي حوالي سان هڪ نئين مثال قائم ڪري ٿي، پر اهو پيغام به ڏئي ٿي ته جيڪڏهن اسين پنهنجو سماجي ۽ سياسي نظام مضبوط بنائڻ چاهيون ٿا ته پوءِ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻو پوندو. پاڪستان ۾ حقيقي احتساب تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن عدليه مڪمل طور آزاد، عوام باشعور ۽ سياستدان شفاف هوندا.

پڳت ڪنور رام، راڳ ۽ رواداريءَ جو مُجسم!

عامر انصاري

راڳ رقص، سُرن ۽ سازن جو اهڙو ته سنگم آهي، جيڪو ٻڌندڙ جي ذهن ۽ دل کي موهي هڪ لُطف ڀري تازگي بخشي ٿو. راڳ رقص ۽ سازن جو آواز نه پر راڳ رقص ۽ سازن کي ٻڌڻ ۽ روح کي سُرور حاصل ڪرڻ جو نالو آهي. راڳ رقص جو آواز ٻڌندڙ کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي. راڳ رقص انساني ارتقا کان انسان ۾ سمايل آهي، جنهن کي روح جي غذا به چيو ويندو آهي. اَن راڳ رقص جي دُنيا ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائيندڙ املهه ماڻڪ موتي جهڙو ڪردار انساني برابريءَ جي محبتن جا گل ورهائيندڙ پڳت ڪنور رام سنڌي صوفي راڳين ۾ تمام وڏو نالو آهي. "ڀڳت" سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت مروج ٿيل لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پهچ "راڳ" ڳائيندڙ. قديم سنڌو ماتريءَ جي تهذيب ۾ حضرت عيسيٰ جي پيدائش کان 6 سئو سال اڳ پاڳوت ذات جا ماڻهو جيڪي پهچ ڳائيندا هئا، اهو آهستي آهستي سنسڪرت لفظ ڀڳت کان بگڙجي ڀڳت ۾ تبديل ٿي ويو. پڳت ڪنور رام 13 اپريل 1885ع ۾ سنڌو تهذيب جي ننڍڙي شهر ميرپورماٿيلو جي ڳوٺ "جروار" ۾ جنم ورتو. پڳت ڪنور رام جي پيءُ جو نالو تارا چند ۽ ماءُ جو نالو تيرٿ ٻائي هو. جنهن وقت ڪنور رام ڄائو، اُن وقت صوفي بزرگ سنت ڪوتا رام جروار ڳوٺ ۾ آيو ته سندس پيءُ ٻائي تارا چند هيءَ ننڍڙو ٻالڪ ڪٺي وڃي سنت ڪوتا رام جي جهوليءَ ۾ رکيو. جنهن ٻار جو نالو "ڪنور رام" رکيو ۽ پوءِ اڳتي هلي اهو ٻار هڪ اهڙي شخصيت بڻجي ويو، جيڪو راڳ، رقص ۽ رواداريءَ جو مُجسم بڻجي ويو. هو سنڌ سان گڏ سڄي مُلڪ ۽ سڄي دُنيا ۾ مشهور ٿي ويو آهي، هُن جو آواز ايترو ته مِٺو هو جو پکين جي ٻولين جهڙو سُرور بخشيندو هو.

سنڌس جي مٺڙي ۽ سُريلي آلاپ ۾ ايڏو ته لُطف ۽ جادو هو جو "چولا" ڪپائڻ وارو ٻار پنهنجي نالي جيان هميشہ ڪنول گل جيان ٽڙيل ۽ پکڙيل رهيو. ڪنور رام جي هوڪي ڏيڻ واري آواز ۾ ايتري ته مٺاس هئي جو هڪ ٿي وقت ننڍا توڙي وڏا گڏ ٿي ويندا هئا. جيتوڻيڪ جنهن کي "چولا" نه وٺڻا هوندا هئا، سو به خوش ٿي خوشيءَ سان "چولا" وٺي ويندو هو ڇاڪاڻ ته قدرت کيس آواز ۾ ايڏو وڏو ميٺاج بخشيو هو. پڳت ڪنور رام جي 1903ع ۾ اوڏو مل جي نياڻيءَ سان شادي ٿي. پڳت ڪنور رام وٽ هندو مسلم جي متييد جو ڪو تصور ئي نه هو جيڪڏهن هن وٽ ڪو به سوالي ايندو هو ته خالي موٽي نه ويندو هو هو بنا ٻانهون ٻڌڻ جي ٿي شايد ڪنهن سان مخاطب ٿيو هجي. راڳ سنڌس رڳ رڳ ۾ سمايل هو ۽ ڪنور ساز بڻيو ۽ رام هن جي آخري منزل ٿي هِن پنهنجي آواز جي جادوءَ ۽ انداز سان سنڌ ۾ ڀڳتي ڳائيڪيءَ جو نئون بُنياد وڌو. شهيد پڳت ڪنور رام بابت سائين جي ايم سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکيو آهي ته: "جڏهن پڳت ڪنور رام جو هيءُ ڪلام ٻڌندو آهيان: "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون سان تن ماروئڙن جي" ته اُن وقت ڪاڏو ڪائيندو هجان يا پڙهي رهيو هجان، پئي ڪم ڇڏائي ويندا آئم."

پڳت ڪنور رام ورهاڱي کان اڳ مسجد منزل گاهه سکر وارن هندو-مسلم مذهبي فسادن ۾ پران ڏنو. درحقيقت پڳت ڪنور رام زندگيءَ جو آخري راڳ مانجهند شهر ۾ ڳايو مانجهند شهر مان ڳائي ريل ۾ چڙهي دادوءَ ۾ لٿو پڳت ڪنور رام کي آتي ڪي به شخص مليا ۽ پيرن پئي جيائيون ته "دعا ڪجو ته اسان، جنهن مقصد لاءِ نڪتا آهيون، اهو مقصد پورو ٿئي" پڳت ڪنور رام اُنهن ٻنهي شخصن کي غور سان ڏسي مُرڪندي چيو ته "اوهان جو مقصد پورو ٿيندو اوهان جا ٻيڙا پار آهن."

اڄ امر شهيد پڳت ڪنور رام کي 86هين ورسيءَ جي موقعي تي رَڏ اسٽيشن تي گڏ ٿي پنهنجي لفظن ۾ ياد ڪري سنڌس جون سنڌي قوم لاءِ ڪيل خدمتون ۽ جدوجهد کي ساراهي انساني برابري ۽ رواداريءَ جا وڃن ورجائيندي پرنام ڪري پيٽائون پيش ڪندا رهن ٿا. سچ پچ ته هِي سنڌ جي تاريخ جو نهايت ئي نمايان، عظيم ۽ انمول ڪِردار آهي، جيڪو سِنڌو تهذيب جي رُوح مثل آهي، جنهن تي اسان کي فخر آهي ۽ اهو فخر تيستائين رهندو جيستائين ڪائنات باقي آهي.

aamir.ansari.sindhi@gmail.com

اڄ جي ڳالهه....

دَوَر تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو آهي، ماضيءَ جون روايتون توڙي قدر بيدرديءَ سان تباهه ٿي رهيا آهن. ننڍي وڏي جو لحاظ پڻ ختم ٿيندو پيو وڃي. لوپ ماڻهن جي دلين کي ڪنور بڻائي رهي آهي، هر ماڻهو فقط پاڻ لاءِ سهولت چاهي ٿو، پنهنجو پاڻ کي ڪامياب ڏسڻ گهري ٿو. پوءِ پلي نه اُن لاءِ هَن کي ڪنهن بہ جو حق ئي چونڊ ڦُرڻو پئجي وڃي. اڃا نه جدتن جي شروعات آهي، ايندڙ وقت ۾ نه ڄاڻ انسان ڪهڙي حال ۾ هوندو! اِئين به ٻڌايو پيو وڃي ته هاڻ گهڻا نٽا ڪم روبوٽ کان ورتا ويندا، بلڪ سُڌريل مُلڪن ۾ روبوٽ ڪم به ڪري رهيا آهن. ممڪن آهي ته روبوٽس جي عام ٿيڻ کان پوءِ 'احساس' جهڙو گڻ انسان مان هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي. جيتوڻيڪ هِن وقت به 'احساس' کو گهڻو ناهي بچيو. ايستائين جو رت جا رشتا به هڪٻئي کان ڇڇي ڏار ٿي پيا آهن. ڪٿي ملڪيتن ماڻهن کي هڪٻئي کان پري ڪري ڇڏيو آهي ته ڪٿي طبقاتي وڇوٽين اُنهن ۾ دوريون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. جيڪڏهن ائين ئي سلسلو هلندو رهيو ته هڪ ڏينهن ماڻهو پنهنجو تشخص توڙي اشرف هُجڻ واري احساس به وڃائي ويهندا. جا شايد انساني تنزليءَ جي انتها هوندي. تنهن ڪري اجوڪ سماجي قدرن کي ٻيهر جيارڻ جي جستجو ڪريون.

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

لَڳُمِ ٻاڻُ ٻَروچَ جو، ڪَرَها ٿِيا قَضاڪَا!
اَهڪي جا اُنَ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَا!
اَڳڙِينِ خوراڪَ، پَسَڻُ پَرڏيهيَنِ جو.
(سُر حسيني)

ورسيءَ جي مناسبت سان...

تحريڪ آزاديءَ جو اڳواڻ ۽ صحافي حاجي محمود هالائي!

محمد سليم ميمڻ هالائي

هالا جي مٽيءَ کي قدرت اهو مانُ ۽ مرتبو بخشيو آهي جو هن مان ڪيترائي بزرگ، درويش، اديب، شاعر، صحافي ۽ ڪهنه مشق املهه ماڻڪ هيرا پيدا ٿيا آهن سخي مخدوم سرور نوح رحه جي نگريءَ مان سنڌ ڌرتيءَ جو سپوت ۽ تحريڪِ آزاديءَ جو مردِ مجاهد حاجي محمود هالائي 8 مارچ 1908ع تي سنڌ جي هڪ جي هنرن ثقافت جي مرڪز ۽ روحانيت جي محور سان مشهور شهر هالا ۾ هڪ غريب ۽ ديندار گهراڻي ۾ پيدا ٿيو سندس والد جو نالو حاجي محمد اسحاق ميمڻ هالائي هو جيئن ته سندس پيدائش هالا ۾ ٿي تنهنڪري کين "هالائي" لقب ڏنو ويو پاڻ شروعاتي تعليم هالا ۾ حاصل ڪيائين 1926ع ۾ حج جي سعادت نصيب ٿيڻ جي ڪري حاجي محمود هالائيءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃڻ لڳو مرحوم حاجي محمود هالائي نيڪ، خوش اخلاق، باصلاحيت ۽ غريب پرور انسان هو پاڻ صحافت جي ميدان ۾ قدم رکندي 1938ع ڌاري هالا ۾ هڪ پرنٽنگ پريس جو بنياد وڌائين جيڪا هڪ سال جي مختصر عرصي بعد 1939ع ۾ ميرپور خاص منتقل ڪري 1942ع ۾ "هفتيوار همدرد اخبار" جاري ڪيائين جيڪا اڄ به ساڳئي جذبي سان جاري ٿي رهي آهي پنهنجي وس آهر ملڪ ۽ قوم، خاص طور تي ضلعي ٿرپارڪر جي مظلوم غريب ۽ ڏتڙيل عوام جي خدمت ۽ ترجماني ڪري رهي آهي تاريخ پهرين نومبر 1967 تي هفتيوار "همدرد" اخبار 25 سال پورا ٿيڻ تي ضلعي ڪائونسل هال ميرپورخاص ۾ سلور جوبليءَ جي تقريب منعقد ڪئي وئي پاڻ صحافت سان وابسته هئڻ جي ڪري صحافين جي مختلف تنظيمن جو عهديدار ۽ باني پڻ رهيو حاجي صاحب ٿرپارڪر ايڊيٽرس ايسوسيئيشن جو صدر، ڊسٽرڪٽ پرنٽنگ پريس ايسوسيئيشن جو صدر، ميرپورخاص پريس ڪلب جو صدر، انجمن مديران سنڌ جو پريس سيڪريٽري پڻ رهيو حاجي صاحب بهترين خوبين جو مالڪ هو جڏهن ڪنهن اداري جي گڏجاڻي منعقد ٿيندي هئي ته ان جي ڪارروائي پوري ضابطي سان ۽ خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏيندو هو شايد اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ جڏهن به ادبي يا سماجي محفلون منعقد ڪيون وينديون هيون ته کين مهمان خاص جي حيثيت سان گهرايو ويندو هو جتي پاڻ صدارت جا فرائض سرانجام ڏيندا هئا حاجي محمود هالائي ٻالڪپڻ کان ئي حريت پسند خيالن جو ماڻهو هو اهو ئي سبب هو جو 12/13 سالن جي عمر ۾ تعليم ڇڏي خلافت تحريڪ ۾ عملي حصو ورتائين ۽ وطن جي آزادي ۽ مسلمان قوم کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ وارين تحريڪن ۾ اول خلافت تحريڪ پوءِ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس خاڪسار تحريڪ ۽ مسلم ليگ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ڪيترا ئي ڀيرا قيد ۽ بند جون تڪليفون برداشت ڪيائين ۽ بعد ۾ خدمتِ خلق جي جذبي تحت عملي طور صحافت سان وابستگي اختيار ڪيائين هن هميشہ زندگيءَ جي هر موڙ تي انسان دوستيءَ جي راهه ۾ سچائيءَ سان نيڀهن نڀايو آهي ۽ اصول پرستيءَ کي پنهنجو شعار بڻايو آهي، ان سبب جي ڪري ڏاڍ سان ڏيهه ۾ ڏقير ڦهلائيندڙن کيس وقت بوقت عظيم آزمائشن ۽ سخت مشڪلاتن ۾ مبتلا پئي ڪيو جن کي

هيءَ مڙسيءَ، همت ۽ جوانمرديءَ سان منهن ڏيندو رهيو. هن ڪڏهن به همت نه هاري، بلڪ هُو پهرين ۽ پهاڙن تان پير پٽون ڪندو ڏکن جا ڏونگر ڏاريندو اڳتي وڌيو ۽ آخري دم تائين غريبن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندو رهيو. هن جي زندگيءَ بابت ماريءَ جي ملڪ ٿرپارڪر جا مارو ماڻهو گواهه آهن ته حاجي محمود هالائي ٿر ۾ ايندڙ ڏڪارن، غريب مارو ئڙن جي ٻُڪ ۽ بدحاليءَ بابت دنيا جو توجهه ڇڪايو ۽ ٿر ۾ موجود قدرتي نعمتن ۽ وسيلن جي نشاندهي ڪندو رهيو. جنهن تي اُن وقت جي حڪومت توجهه ڏنو ۽ ٿر اندر لڪل قدرت جي نعمتن کي آخر ڳولهي لڌو ڇو ته دنيا جي بهترين پٿرجون ڪاڻيون به ٿر ۾ موجود آهن. ٿرجو ڪارو سونُ يعني ڪوئلي جي ڪاڻين مان بجليءَ جي منصوبين تي پڻ عمل شروع ٿي چڪو آهي، جنهن مان سڄي ملڪ کي بجلي سپلائي ٿي رهي آهي، لوڊشيڊنگ ۽ بجليءَ جي لوڊشيڊنگ جو خاتمو يقيني بڻجي سگهندو.

اڄ هن جي ورسي موقعي تي انهيءَ ڳالهه ۽ اهم ڪارنامي جو ذڪر نه ڪرڻ حاجي محمود هالائيءَ جي مشن سان ناانصافي ليکي ويندي ته مرحوم جي زندگيءَ جو اهم مشن سنڌ واسين کي تعليم يافته ڏسڻ هو، سنڌس جوڻ هونئو هو ته سنڌ واسي هميشہ جي لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو مقاطعو ته ڪنيو آهي پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پهرين سنڌ اندر ڪليج ۽ هاءِ اسڪول ته پري جي ڳالهه هئي پر پرائمري اسڪول به صرف هندن جي اولاد کي تعليم ڏيڻ لاءِ وقف هوندا هئا. هن طرفان شروع ڪيل تحريڪ جي نتيجي ۾ هالا سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پرائمري اسڪولن سان گڏ هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن جو چار وڇائڻ وارو سلسلو شروع ٿيو جنهن جي ابتدا حضرت مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي جن هالا ۾ سروري اسلاميه ڪاليج مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول، مڊل ۽ پرائمري اسڪولن جو بنياد وجهي ڪري فرمايو ان مان سڄي سنڌ جا نوجوان تعليم جي زيور سان آراسته ٿيڻ بعد دنيا جي

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 30 آڪٽوبر

دليپ تاهل

دليپ تاهل باليووڊ جو مشهور سنڌي اداڪار آهي. هن جو پورو نالو دليپ تهلراماڻي آهي ۽ هنجو جنم 30 آڪٽوبر 1952ع تي هندستان جي شهر لکنوءَ ۾ ٿيو هن جا ماءُ ۽ پيءُ ٻئي سنڌي هئا، جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويا. هنجو پيءُ گهنشام جيئانند تهلراماڻي هندستان جي هوائي فوج جو هڪ آفيسر هو. هن اترکنڊ رياست جي شهر نينيتال جي شيرووڊ ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. ان بعد سال کن علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو. اڳتي هلي ممبئيءَ جي سينٽ زيوئر ڪاليج مان گريجوئيشن ڪيائين. هن 10 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ نينيتال شهر ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن شاگرديءَ واري زماني ۾ پنهنجي بهترين اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاري ڪيترائي انعام حاصل ڪيا. 1968ع ۾ هن ممبئيءَ جي هڪ ٿيٽر ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هن 1974ع ۾ فلم "انڪار" ۾ ڪردار ادا ڪري پنهنجي فلمي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. 1980ع ۾ فلم شان ۾ ولين جو ڪردار ادا ڪيائين. ان کان پوءِ هن هڪ سئو کان به وڌيڪ فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن هندي فلمن سان گڏ انگريزي ۽ پنجابي فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي. هن ٽيليويزن جي به ڪيترن ئي ڊراما سيريلس ۾ ڪم ڪيو آهي. هو اداڪار هجڻ سان گڏ هڪ سريلو ڳائڻو پڻ آهي.



ميان عبدالله راهي لکوي

ميان عبدالله راهي لکوي پنهنجي دور جو مشهور حڪيم، شاعر ۽ ديني عالم هو. سندس ولادت 1860ع ڌاري شڪارپور ضلعي جي شهر لکيءَ ۾ ٿي. سندس والد جو نالو ڏٿيءَ ڏنو مهر هو. هن شڪارپور مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. هو لنواري شريف جي درگاهه جو مريد هو ۽ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو اتيئي گذاريائين. لنواريءَ ۾ ئي ديني تعليم حاصل ڪيائين ۽ اتيئي مولويءَ طور سندس دستاربندي ٿي. هو هڪ قابل حڪيم ۽ پختو شاعر پڻ هو. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، حمد، سہ حرفيون، غزل، قصيدا، مداحون، مولود ۽ مرثيه وغيره شامل آهن. هن جي ڪتابن ۾ "مدح حضرت سلطان الاولياءَ حضرت

عبدالغفور ميمڻ



آهي. ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ڪتاب "عظيم سنڌي انسان" مطابق هن جي ولادت 28 جولاءِ 1895ع تي روهڙيءَ ۾ ٿي. هن سنڌي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول سکر مان پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين. اڳتي هلي بئراج کاتي ۾ سروِس انسپيڪٽر آف ڪنٽرولڊ پرائيسز سکر ۽ ٽريزري آفيسر طور ڪم ڪري رٽائر ٿيو. اسڪول واري زماني کان ئي سندس لاڙو تصوف ۽ صوفيت طرف رهيو. سچل جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئس. هو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ صوفي راڳي پڻ هو. هن جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد اٽڪل 53 آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو "ديوان اڪبر" جي نالي سان ڇپيل آهي. هن 30 آڪٽوبر 1981ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

حاجي محمود هالائي

اڄ مشهور صحافيءَ ۽ اديب حاجي محمود هالائيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن 8 مارچ 1908ع تي هالا شهر ۾ حاجي محمد اسحاق ميمڻ جي گهر ۾ اکيون کوليون. شروعاتي تعليم پنهنجي شهر مان ئي حاصل ڪيائين.



1926ع ۾ حج جي سعادت نصيب ٿيس. هن 1926ع ڌاري صحافتي دنيا ۾ پير پاتو ۽ 1938ع ۾ هالا ۾ پرنٽنگ پريس جو بنياد رکيائين. هڪ سال کان پوءِ اها پريس ميرپورخاص ۾ منتقل ڪيائين ۽ انهيءَ پريس مان 1942ع ۾ هفتيوار همدرد اخبار جاري ڪيائين. هو ٿرپارڪر ايڊيٽر ايسوسيئيشن جو صدر، ڊسٽرڪٽ پرنٽنگ پريس ايسوسيئيشن جو صدر، ميرپورخاص پريس ڪلب جو صدر ۽ انجمن مديران سنڌ جو پريس سيڪريٽري پڻ رهيو. پاڻ ننڍي هوندي کان ئي حريت پسند خيالن جو حامي هو. هن خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ، آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ ڀرپور حصو ورتو. وطن جي آزاديءَ جي

مختيار اڻڙ

مختيار اڻڙ

سيپٽمبر 1938ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هن جي پهرين فلم "دوراها" هئي، جنهن ۾ هن معاون اداڪار طور ڪم ڪيو. هن ڪل 16 فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ 8 اردو، 7 سنڌي ۽ هڪ پنجابي فلم شامل آهي. هن جي آخري فلم 'ميرا انصاف' هئي. هن ڪيترن ئي ٽيليويزن ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو. هن جي مشهور ڊرامن ۾ انڪل عرفي، ديوارين ۽ افشان شامل آهن. هن جا ٻه پٽ عدنان جيلاني ۽ ڪامران جيلاني به ٽيليويزن جا اداڪار آهن. قربان جيلانيءَ 30 آڪٽوبر 1996ع تي وفات ڪئي.



علامہ مخدوم ميان محمود صديقي پاٽائي

علامہ مخدوم محمود صديقي پاٽائي پنهنجي دور جو وڏو بزرگ، عالم، اديب ۽ حڪيم هو. هن بزرگ جو پيرائتو احوال مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ مولانا دين محمد اديب لکيو آهي. "انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا" ۽ گلزار ڪلهوڙي جي ڪتاب "پاٽ شريف تاريخ جي آئيني ۾" ۾ به هن بزرگ جو مختصر تعارف ڏنل آهي. پاٽ شريف ۾ جنم وٺندڙ هن بزرگ جي ولادت جي تاريخ نه ملي سگهي آهي سندس والد ميان محمد صالح به وڏو عالم ۽ مفتي هو. ميان محمود ابتدائي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ٽونڪ ۾ مولانا برڪات وٽ پڙهيو. اڳتي هلي اجمير شريف ۾ مولانا معين الدين وٽ پڙهيو ۽ اتيئي سندس دستاربندي ٿي. پاڻ فقه، حديث ۽ تفسير جو وڏو ڄاڻو هو. کيس عربيءَ ۽ فارسيءَ تي وڏو عبور حاصل هو. عربيءَ ۾ هڪ ڪتاب به لکيائين. هو هڪ سئو حڪيم پڻ هو. هن بزرگ 29 جمادي الاثاني 1351هه مطابق 30 آڪٽوبر 1932ع تي راهه رباني ورتي.

پروفيسر محمد الياس ابڙو

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر

ڪئي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1949ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي. اڳتي هلي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري پروفيسر جو عهدو ماڻيائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪامرس شعبي جو چيئرمين ۽ آرٽس فيڪلٽيءَ جو ڊين رهيو. 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر طور ذميداريون سنڀاليائين. هن جن ٻين عهدن تي رهي ڪم ڪيو، تن ۾ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو چيئرمين، تعليم کاتي ۾ آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي ۽ ٻيا عهدا شامل آهن. هن 30 آڪٽوبر 1994ع ۾ وفات ڪئي.

عبدالغفور السني

اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ، محقق ۽ سماجي اڳواڻ مرحوم عبدالغفور السنيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. مرحوم پلاري پٽ ڏٽيءَ جو سچو عاشق ۽ شارح هو. هو 21 جنوري 1931ع تي سجاول ضلعي جي مشهور شهر دڙي ۾ ارباب حاجي محمد صالح ميمڻ جي گهر خوشيون ڪٺي آيو. مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان 1948ع ڌاري پاس ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران ٽيڪنيڪل ڪاليج سکر مان سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين. 1950ع کان 1960ع تائين پيچ ڪاتي ۾ اوورسيئر ۽ ايس ڊي او طور ڪم ڪيائين. بعد ۾ نوڪري ڇڏي ٺيڪيداري ڪيائين. عبدالغفور کي لکڻ ۽ شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. سنڌ مدرسي ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ اسڪول جي شاگردن لاءِ سنڌي اخبار "جمهور" جاري ڪيائين. 1955ع کان سندس مضمون مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي زينت بنجڻ شروع ٿيا. 1971ع ۾ حيدرآباد مان ملير ڊائجيسٽ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيائين. جيڪو 1974ع تائين هليو. انهيءَ رسالي ۾ 1973ع جي آئين ۽ حڪومت جي پاليسين خلاف ايڊيٽوريل لکيائين. جنهن سبب 56 ڏينهن جيل ڪاٽيائين. پلاري پٽ ڏٽيءَ جي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. اهو ترجمو Celestial Sunrise from Sindhجي نالي سان 1986ع ۾ ڇپيو. سندس ٻين تصنيفن ۾ "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" ، "ٻنڌڻ ٻاروچن سين" (آتم ڪٿا)، بالغن جي تعليم لاءِ "السني



"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب Xth سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر ___ سال 2025
مسمات صغران ڌيءُ اڪبر زال جان محمد رهندڙ بجل پٽي ڳوٺ سائيٽ ايريا حيدرآباد سيل نمبر 0318-0135369....پلينٽف....خلاف: جان محمد خاصخيلي پٽ ناملعوم رهندڙ ڪهانگهرا موري ويجهو ٽنڊو يوسف ٿانو حيدرآباد سيل نمبر 0370-3177195....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 15-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
Xth سول اينڊ فيملي ڪورٽ حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2025
شريمتي مهوش زال ذوالفقار ذات خاصخيلي رهندڙ مجاهد ڪالوني بڪيرا روڊ ضلعو ٽنڊوالهيار پوليس اسٽيشن بي-سيڪشن ٽنڊوالهيار...پلينٽف...خلاف: سبحان پٽ چانڪ مسلم بالغ ذات لنجار رهندڙ ڳوٺ خاڻو وسان تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار سيل نمبر 0304-8714815....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 30-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سول/فيملي جج-III ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر ___ سال 2025
مسمات صوبيه ڌيءُ غلام عباس رند رهندڙ مهراڻ ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ....پلينٽف....خلاف: ظهور احمد پٽ سبز علي رند رهندڙ شانتي نگر ايريا A-25 اسٽاپ ٺٺي نمبر 01 ڪراچي ضلعو ايسٽ....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 12-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سول اينڊ فيملي جج/ جي ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول فيملي جج اينڊ جي ايم-II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر ___ سال 2025
مسمات فرحانہ ناز زال نعيم الرحمان مغل رهندڙ چار چنگيز ڪالوني قاضي احمد ...پلينٽف....خلاف: نعيم الرحمان مغل پٽ رحمان عرف سڪندر مغل رهندڙ وارڊ نمبر02 سيلنگ پاڙو تارو شاهہ پريا ستي ضلعو نوشهروفيروز....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 05-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سيڪنڊ سول جج اينڊ فيملي جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
اوليفسي سوٽ نمبر 112 سال 2025
(1) عبدالرزاق پٽ مرحوم عبدالله (2) محمد سليمان پٽ محمد يعقوب ٻئي ذات خاصخيلي رهندڙ مريم ڪنوينٽ اسڪول ويجهو مرير روڊ لائين پار نوابشاهه (3) عبدالستار پٽ مرحوم عبدالله (4) محمد يوسف پٽ محمد يعقوب (5) محمد رضوان پٽ عبدالخالق نمبر03 کان 05 ذات خاصخيلي رهندڙ مريم ڪنوينٽ اسڪول ويجهو مرير روڊ لائين پار نوابشاهه حال ايٽ هائوس نمبر A-64 ويجهو سير هاءِ وي حاجي ذڪريا ڳوٺ ڪراچي ٻي پلينٽف نمبر01 سيلف اينڊ اسپيشل پاور آف اٽارني پلينٽف نمبر02 کان 05...پلينٽف...خلاف: جمشيد علي پٽ دريا خان Gudaro رهندڙ ڳوٺ قائم ڪثي ديهہ-86 ويجهو سانگهڙ روڊ نوابشاهه سيل نمبر 0316-2016716....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪليريشن رڪوري ڊيمجز ساخ ڪمپينسيشن اماونٽ -/50000000 رپيا ۽ پرمننٽ انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 13-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج حيدرآباد
(روبرو جناب آصف علي جتوئي)
فرسٽ ڪلاس سوٽ نمبر 1502 سال 2025
(1) مسمات Summaya بيواهہ سجاد علي ميمڻ (2) عبدالهادي پٽ سجاد علي ميمڻ (3) اياز پٽ سجاد علي ميمڻ ٻئي مائنر معرفت گارڊين سيريل نمبر 1 سڀ مسلم رهندڙ ميمڻ محلا ٽنڊو ٻاگو ڏنڊو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان...پلينٽف...خلاف: (1) شهزاد علي ميمڻ پٽ عبدالجبار ميمڻ (2) عبدالجبار ميمڻ پٽ قادر بخش ميمڻ (3) مسمات شبانہ زال عبدالجبار ميمڻ سڀ مسلم بالغ (فرسٽ ايڊريس: ميمڻ محلا ڏنڊو ٻاگو ڏنڊو تعلقو ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان) ٻي ايڊريس: هائوس نمبر 67 گرين هائوسنگ اسڪيم فارمز آئوٽ آف آر ايس 243 ديهہ سري تعلقو قاسم آباد حيدرآباد (4) اسسٽنٽ ڪمشنر قاسم آباد حيدرآباد (5) مختيارڪار روينيو تعلقو قاسم آباد (6) سب رجسٽرار تعلقو قاسم آباد (7) سيڪريٽري روينيو گورنمينٽ آف سنڌ شهباز بلڊنگ حيدرآباد....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف ڊڪليريشن ڪينسليشن پارٽيشن وٽ سيپريٽ پزيشن ميسن پرافٽ آف پرمننٽ انجڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 08-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
فرسٽ سينئر سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن ايپليڪيشن نمبر 200 سال 2025
مزمل عزيز پٽ عبدالعزيز....ايپليڪينٽ...خلاف: مسمات روحي بانو زال عبدالعزيز ۽ 8 ٻيا...آپوزينٽس... دي جنرل پبلڪ ايٽ لارج
نوٽيس:
جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي برابرٽي ڇڏي آهي مرحوم عبدالعزيز ولد محمد اسحاق شناختي ڪارڊ نمبر 4130536507891 وفات جي تاريخ 08-05-2022 پرابرٽي پريو بي ايل جرنلسٽ برانچ حيدرآباد جي اڪائونٽ ۾ ڇڏيل رقم -/2502018.21 رپيا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 03-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
8th ايڊيشنل سيشنز جج حيدرآباد

حلفيہ بيان

اٿون نالي الطاف حسين ويسريو ولد حاجي احمد ويسريو رهندڙ حاجي احمد ويسريو ٽنڊو محمد خان حلفيہ بيان ٿو ڏيان تہ منهنجي والد مرحوم جي پيٽ محرومان تاج خاتون جي ڌي حور مرحوم حاجي محمد ويسريو جي زال هئي جيڪا تاريخ 16.3.2004 تي وفات ڪري ويئي مرحومان حور زال مرحوم حاجي احمد ويسريو جي گهر واري هئي ڪيس اولاد نہ هو جيڪا سنڌس جائز وارث اسان چار ڀاءُ آهيون الطاف حسين ممتاز حسين محمد اشرف مرحوم والدنو ولد حاجي احمد ويسريو آهيون اگر ڪنهن شخص کي ڪو اعتراض هجي تہ ڏهہ ڏينهن اندر ميونسپل ڪميٽي اعتراض داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ اهڙو فوتي سرٽيفڪيٽ ميونسپل طرفان جاري ڪيو ويندو

عام اطلاع

هر عام و خاص ماڻهن کي هن اشتهار زريعي آگاهہ ڪجي ٿو تہ عرضدار نالي آڀو ڄمانيو ولد ادريس ذات لغاري رهندڙ امان الله شاهہ ڪالوني ٽنڊوالهيار تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڪئي آهي تہ سندس والد نالي ادريس ولد احمد لغاري رهندڙ امان الله شاهہ ڪالوني ٽنڊوالهيار جيڪو تقريبن 05-05-2013 سال اڳ هن فاني دنيا مان لاڏائو ڪري ويو آهي فوتي جي نالي ديهہ ڳاڙهو صدر ۾ رعي زمين آهي جنهن جو فوتي ڪانو سنڌس جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ علائقي جي ٻن معزز ماڻهن هر هڪ (1) عبدالواحد ولد غلام مصطفيٰ ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ حاجي ايوب لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار (2) نالي محمد عباس ولد محمد عيسيٰ ذات لغاري رهندڙ امان الله شاهہ ڪالوني ٽنڊوالهيار پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي جنهن موجب فوتي جا هيٺيان حقيقي ۽ جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) آڀو ڄمانيو (پٽ) (2) احمد (پٽ) (3) عبدالحق (پٽ) (4) مسمات مريم (ڌيءَ)، (5) مسمات حاجران (ڌيءَ)، (6) مسمات رابعہ (ڌيءَ) (7) مسمات ذوالنيخان (بيواهہ) تنهنڪري هن اشتهار زرعي سيني عام ۽ خاص ماڻهن لاءِ ٻڌرو ڪجي ٿو تہ اگر انهيءَ فوتي ڪاٽيبدل بابت ڪنهن کي ڪوبہ اعتراض آهي تہ هن اشتهار جي اشاعت بعد 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ قانون موجب قدم کنيو ويندو ۽ ڪا بہ حجت ٻڌي نہ ويندي.
مختيارڪار تعلقو چمبڙ

عام اطلاع

جيئن تہ اسان جي آفيس ۾ نالي احمد شر ولد علي گل ذات شر بلوچ درخواست ڏني آهي تہ سندس والد نالي علي گل ولد سوالي خان تاريخ 07-01-2024 فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهہ نمبر 332 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر 116/ 11 to 14 ايراضي 00-04 ايڪڙ ۽ ٻيا مان ڪذيل حصي موجب ايراضي 00-02 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪانو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ اولاڊ شر ديهہ نمبر 332 ۾ ڪري ٽي ٻن شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا ويا. انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن(1) احمد شر (پٽ) (2) ملوکان (زال) هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڏجي تہ مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن بہ شخص کي ڪنهن بہ قسم جو اعتراض هجي تہ انهي اشاعت جي سٽن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو بہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد

عام اطلاع

هرعام و خاص کي آگاهہ ٿو ڪجي تہ اٿون عبدالرزاق ولد محمد صديق پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد هڪ درخواست منظوري سائيٽ پلان سروي نمبر 191/1.191 ديهہ جامشورو ايراضي 18513 اسڪوائر فوٽ جمع ڪرائي آهي اگر ڪنهن ۾ شخص يا اداري کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ اعتراض وغيره هجي تہ هن اشاعت جي 15 ڏينهن اندر تمام دستاويزي ثبوت سان گڏ يا پاڻ يا رجسٽرڊ ڊاڪ آئي ڊي جي ذريعي پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول اداره ترقيات حيدرآباد وٽ جمع ڪرائي معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو بہ اعتراض قابل قبول نہ هوندو ۽ ضروري ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.
ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڪنٽرول
اداره ترقيات حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج VI حيدرآباد
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر178 سال 2025
مسمات سڪينہ زال علي رضا رهندڙ ڳوٺ حسين ٽوڙهو تعلقو ضلعو حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: علي رضا ولد امير بخش ذات رند رهندڙ ڳوٺ جامو امريڪن ڪوارٽر حيدرآباد ....ڊفينڊنٽ
نالي مٽين ڊفينڊنٽ ڏانهن
جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13 ويسٽ پاڪستان فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ تاريخ 30-10-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج VI حيدرآباد

بقايا 1 هڪ ڄڻو قتل

پارن هڪبئي مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب بخت الله بنگلاڻي موقعي تي مارجي ويو جنهن بعد هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، واقعي کان پوءِ حد جي پوليس پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقہ اسپتال ڪشمور آئي جتي ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سندس گهر ڪشمور وٺي ويا، لاش گهر ۾ پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ ۽ راڙو پئجي ويو هوڏانهن آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو هو ۽ نہ ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي ياد رهي تہ ڪجهہ سال پهريان زمين جي معاملي تان بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ شروع ٿيل خوني تڪرار ۾ هن وقت تائين ٻن معصوم ٻارڙن سميت 4 ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن

بقايا 2 واپاري ڪان ڦر

اگهور ٿنڊ سٽل ميرپوربٺورو سجاول روڊ تي سجاول ويندڙ سيد ڪمپني مالڪ بلاول قائمخاني کان سجاول روڊ تي ميرپوربٺورو ٿاڻي جي حد ۾ ٻاگهل سمر نالي وٽ ٻن موٽر سائيڪلن تي نامعلوم هٿيارٻند ڦورن هٿيارن جي زور تي ڪيس پرغمال بڻائي چار لک روڪ رقم موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ڦورو سنڌس ڪار جي چابي ڪيٽي پاڻ سان گڏ کڻي ويا.ياد رهي تہ چار ڏينهن اڳ ۾ ڦورن ميرپوربٺورو بائي پاس تي ديوان واپارين کان ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جن جي بہ اڃا تائين رڪوري نہ ٿي سگهي آهي.

بقايا 3 احتجاجي مظاهرو

ڪارڪن غني امان چانڊيو جي بازيابي لاءِ نوابشاهہ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج جي اڳواڻي صدر سلمان جمالي، شهزاد ڪيريو احتشام سومرو ۽ ٻين ڪئي. احتجاج ڪندڙن نعرا هڻي مطالبو ڪيو تہ غني امان چانڊيو کي فوري طور تي بازياب ڪيو وڃي. اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ غني امان چانڊيو ڪراچي ۾ پنهنجي نياڻي جي علاج لاءِ ويو هو جتي کيس تذليل بعد کنيو گم ڪيو ويو آهي. جيڪو انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ جيڪڏهن غني امان چانڊيو کي فوري طور آزاد نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ صوبائي سطح تي تحريڪ هلائي ويندي. احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ غني امان چانڊيو کي جلد از جلد آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 4 احتجاج

آهي، جنهن جي سخت مذمت ڪجي ٿي ڊاڪٽر روشن چانڊيو چيو تہ سول اسپتال جي ايم ايس، پروفيسر ۽ ٻين ڊاڪٽرن تي قتل جو ڪيس داخل ٿيڻ بعد ڊاڪٽر نرسون ۽ پيرا ميڊيڪل عملي پاڻ کي مڪمل طور تي عدم تحفظ جو شڪار محسوس ڪري رهيا آهن اهڙين حالتن ۾ اسپتالن ۾ ڊيوٽيون نڀائڻ ۽ مريضن جو علاج جاري رکڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي،سنڌس چوڻ هو تہ انتظاميا کان تحفظ نہ ملڻ سبب او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪرڻ تي مجبور ٿياسين جيڪڏهن پوليس ۽ ضلعي انتظاميا طرفان سول اسپتال ۾ ڊيوٽيون ڊينڊر ڊاڪٽرن نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي کي تحفظ ڏيڻ جو يقين نہ ڏياريو ويو تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.ڊاڪٽر روشن چانڊيو وڌيڪ ٻڌايو تہ هن وقت سول اسپتال حيدرآباد ۾ 550 ڊينگي جا مريض داخل آهن جن مان تقريباً 250 مريض ڊسچارج ڪيا ويا آهن اسپتال ۾ 7 کان 8 سئو ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي، جنهن سبب علاج جي عمل ۾ شديد مشڪلاتن درپيش آهن هن مطالبو ڪيو تہ سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ دوائن جي کوٽ کي هنگامي بنيادن تي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن تہ جيئن مريضن جو علاج بنا رنڊڪ جي جاري رهي سگهي.

بقايا 5 جام اڪرام الله

مڪمل ڪئي وئي آهي، جنهن سان هزارين ماڻهن کي آمدرفت ۾ نمايان سهولت حاصل ٿي آهي. انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان عوامي زندگي ۾ آساني پيدا ٿي آهي ۽ علائقي جي ترقي ۽ خوشحالي جا نوان در کوليا ويا آهن. ان موقعي تي صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو تہ عوام جي خدمت ۽ ترقياتي منصوبن جي وقت سر مڪمل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت جي مشن تي قائم آهي ۽ ترقي ۽ خوشحالي جو سفر

وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو، علائقي جي عوام ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ تي صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ عوامي خدمت جو هي سلسلو مستقبل ۾ بہ ساڳئي جذبي سان جاري رهندو.

بقايا 6 احتجاج

پسنل شناختي ڪارڊ ضروري ڪاغذات ۽ ٻيو سامان کڻي فرار ٿي ويا آهن چوري جي واقعي خلاف سوين ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو چيو تہ چورن علائقي ۾ تہ تباهي مچايو آهي 3 ڏينهن اڳ زميندار عمر چيما جي گهر ڌاڙي جي ڪوشش ڪئي چورن کي ڪير بہ قانون جي جڪڙ ۾ آڻڻ لاءِ تيار ناهي آهي هنن گهر ڪئي تہ پرائمري اسڪول جي گهر ٿيل چوري جا جوابدار گرفتار ڪري چوري واپس ڪرائي وڃي ٻئي طرف اطلاع تي يوسي چيئرمين رئيس نصير خان ڏونڪائي يوسي سي ايم او عمرڪوٽ سيد ساجد شاهہ پ پ اڳواڻ سولچند مالهي عمر چيما ڊاڪٽر بخش سينهڙو لال بخش خاصخيلي رتن ڪمار مالهي سريش مالهي ڪيمچند مالهي واپاري اڳواڻ بلال قائمخاني رضا گوندل ۽ ٻين پهچي متاثر استاد سان همدردي جو اظهار ڪيو

بقايا 7 دورو

جنرل مينيجر ميڊيا رليشنز ۽ ڪمپني جو ترجمان سلمان صديقي مينيجر ميڊيا رليشنز سيد صدف عباس ۽ فوڪل پرسن آفتاب مهيسر شامل هئا. جن سکر پريس ڪلب جو دورو ڪيو.دوري دوران ڪمپني جي نمائندن پاران پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪري ميڊيا جي مثبت ڪردار عوامي آگاهي مهم ۽ توانائي جي شعبي سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي خيالن جو ڏي وٺ ڪئي وئي،بعد ۾ ميڊيا ٽيم پاران پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو تہ سوئي سدرن گيس ڪمپني عوام کي معياري خدمتون مهيا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، گيس جي فراهمي ۾ بهتري، نظام جي اپ گريڊيشن ۽ نون منصوبن تي تيزي سان ڪم جاري آهي.ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي عهديدارن سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ميڊيا ٽيم جي دوري جو ڀليڪار ڪندي اميد ظاهر ڪئي تہ ڪمپني عوامي مفاد وارن منصوبن ۽ گيس جي فراهمي سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪندي.

بقايا 8 ٽڪرائجي فوت

زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿي ويو نيننگر جو لاش سول اسپتال سجاول آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو هن وقت علائقي ۾ سارين جي فصل لهڻ ڪيترائي غريب بار ۽ عورتون روڊن تان ٿريشن مان سارين چونڊي گڏ ڪرڻ بعد وکرو ڪري گذر سفر ڪن ٿا

بقايا 9 گرفتار نہ ٿيا

ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان کوسو جو چوڻ آهي تہ اسان سيني رخن جي جاچ ۾ مشغول آهيون گهر جي اندر گهر جي ٻاهر ڪاٽ ۽ گهر جي داخلي رستن قومي شاهراهہ ۽ سورو ٽول پلازہ تي لڳل سي سي ٽي وي ڪيميرائون قومي شاهراهہ تي اين ايچ اي جون لڳل سي سي ٽي وي ڪيميرائون ۽ سورو جي درس ٿاڻي جي حد ۾ هٽ آيل ويگو گاڏي جي جاءِ ۽ ان جي آس پاس جي علائقن کي خاص توجهہ ڏني پئي وڃي پوليس ۽ مختلف ادارن تي مشتمل ماهر آفيسرن جي ٽيم انهن شين تي ڪم ڪري رهي آهي ۽ تمام شاهديون گڏ ڪيون پيون وڃن جلد ئي هن واردات جي اصل حقيقت عوام جي سامهون آئينداسين ۽ هن واردات ۾ ملوث جوابدارن کي ظاهر ڪنداسين اسان ڏينهن رات هڪ ڪري ڪم ڪيون پيا جوابدار قانون جي شڪنجي کان بچي نہ سگهندا جڏهن تہ ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ڀهڻ چيو آهي تہ اسان پوليس ۽ ٻين ادارن جي ٽيم جي مطمئن آهيون پنهنجي حساب سان جاچ ڪري رهيا آهن اسان کي اميد آهي ٽيم جي جاچ جا بهتر نتيجا ٽڪرندا بيگناهہ ماڻهن سان زيادتي ٿيڻ نہ ڏينداسين اسان جو هن مهل تائين ڪنهن تي بہ شڪ نہ آهي ان کان علاوه سنڌ جي مختلف شهرن کان پيپلز جا اڳواڻ ايم اين اي ايم پي اي سياسي سماجي شخصيتون ڏيرڻ ڀهڻ هائوس پهچي ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ڀهڻ سان هن واردات متعلق معلومات ورتي ۽ سنڌس سان همدردي جو اظهار ڪيو

بقايا 10 مبارڪباد

لاشاري، اقتدار انون عاطف حسين امداد سومرو سميت ٻين ميمبرن موجوده عهديدارن تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ۽ هڪ متفق ٺهراءُ پيش ڪيو تہ موجوده باڊي کي ايندڙ ٻن سالن لاءِ ٻيهر چونڊيو وڃي، هي ٺهراءُ باقاعدي ووٽنگ پروسيس ذريعي منظور ڪيو ويو. قرار داد متفق طور تي منظور ڪندي صدر ڪامران رضي، جنرل سيڪريٽري اڪرم بلوچ، نائب صدر حميد سومرو، جوائنٽ سيڪريٽري ارباب چانڊيو، سيڪريٽري اطلاعات دودو چانڊيو، خزانچي وڪيل راڄڙ ۽ آفيس سيڪريٽري سنجي ساڌواڻي کي ڊسمبر 2027 تائين جي لاءِ چونڊيو ويو گڏجاڻي ۾ مرحوم گلشن شيخ ۽ مرحوم خاور حسين جي صحافتي خدمتن تي خراج عقيدت جو ٺهراءُ پڻ متفق طور منظور ڪيو ويو. ٻئي پاسي پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ، اطلاعات واري سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ، صوبائي وزيرن ذوالفقار شاهہ، وزير داخلہ ضياءِ الحسن لنجار گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري، ۽ ناصر حسين شاهہ، سعديا جاويد سميت ٻين صوبائي وزيرن ۽ نون عهديدارن سنڌ پارليامائي رپورٽرز ايسوسيئيشن جي عهديدارن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي.

بقايا 11 وارد قاتل

وارد قاتل خبر موجب: جيڪب آباد ۾ صحت کاتي جي نااهلي سبب ڊينگي وائرس جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن. ڪالهہ صبح جمس اسپتال ۾ 19 ورهين جو نوجوان آصف علي ولد غلام عباس جو لاش آندو ويو جتي جمس اسپتال ۾ ڊينگي وارڊ جي انچارج ڊاڪٽر بشارت پاران نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪندي ٻڌايو ويو تہ نوجوان جي لاش جي اهڙي حالت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ان کي ڊينگي وائرس ٿيو آهي. جڏهن تہ جيڪب آباد جي فيملي لائين جي 60 ورهين جي پيرسن عورت کي بہ ڊينگي وائرس هجڻ جي تصديق ڪان پوءِ ڪيس ڊينگي وائرس واري خصوصي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر موجب گذريل 15 ڏينهن ۾ ڊينگي جا 10 ڪيس ظاهر ٿي چڪا آهن اهڙي صورتحال کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري جي هدايتن تي ڊائريڪٽر جمس ڊاڪٽر زبير شيخ جمس اسپتال ۾ ڊينگي جي مريضن لاءِ خصوصي وارڊ قائم ڪيو آهي جتي ڊينگي وائرس جي مريض مرد، عورتن ۽ معصوم ٻارڙن کي داخل ڪيو ويندو ٻڌايو پيو وڃي تہ ڊينگي وائرس سبب فوت ٿي ويل نوجوان آصف علي ڪراچي ۾ رهندو هو ۽ جيڪب آباد ۾ آيل هو ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب: آصف علي کي ڪراچي ۾ ڊينگي وائرس ٿيو هو جنهن جو علاج نہ ڪرايو ويو هو جنهن بعد هن کي جيڪب آباد آندو ويو ۽ هتي هو فوت ٿي ويو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر نواب سميرحسين لغاري رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ ڪالهہ هڪ ڊينگي جو ڪيس ظاهر ٿيو آهي جڏهن تہ اڄ صبح وٽ ڪابہ رپورٽ ناهي آئي جيئن مون کي رپورٽ ملي تہ ميڊيا کي آگاهہ ڪندس. هن چيو تہ اسپتال ۾ ڊينگي جي لاءِ وارڊ قائم ڪيا ويا آهن ۽ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي الرٽ ڪيو ويو آهي جتي بہ پاڻي جا دبا آهن اتي اسپري ڪرايو ويندو هن چيو تہ جيڪب آباد شهر ۾ اسپري ڪرائڻ واري معاملي تي ميونسپل ڪاميٽي ۽ ڊي ايچ او آفيس وچ ۾ ذميواري تان تڪرار آهي جنهن کي انشاءَ الله جلد حل ڪيو ويندو هن چيو تہ اسان کي ڪٽس جي سخت ضرورت آهي جنهن بابت صحت کاتي کي لکيو آهي تہ اسان کي فوري طور ڪٽس ڏنيون وڃن.

بقايا 12 چوڪيدار فوت

واري هنڌ پهچي فوتي جو مڙهہ تحويل ۾ وٺي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو پوليس موجب فوتي ذوالفقار ميسو انڙپور جو رهواسي هو جيڪو راهوڪي ويجهو هڪ پيٽرول پمپ تي چوڪيداري ڪندو هو. پوليس موجب واقعو اتفاقي لڳي رهيو آهي فوتي جو مڙهہ پوسٽ مارٽم بعد وارثن جو حوالي ڪيو ويو جيڪي ڪيس اباڻي ڳوٺ انڙپور کڻائي ويا.

بقايا 13 بازياب

آهي ڊي آئي جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ياد رهي ايس ايس پي مٽياري راڻو عارف جي اڳوائي ۾ پوليس ٽيمون 3 ڏينهن اڳ گهوڙڪي ملتان بارڊر تي

آپريشن لاءِ روانيون ٿيڻ هنيون جڏهن تہ زاهد ميمڻ هڪ مهينو اڳ ملتان ڪيلي جو واپار ڪرڻ لاءِ ويو هو جتان هو اغوا ٿي ويو هو جنهن بعد ڌاڙيلن پاران زاهد مٿان تشدد ڪري وڊيوز ناهي سندس ئي نمبر تان وارثن کي موڪلي 50 لک ينگ ۽ 2 آئي فون گهريا هئا، جنهن بعد وري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سندس هڪ ٻئي وڊيو ۾ ڌاڙيلن پاران 20 لک رعايت ڪندي 30 لک ينگ ۽ 2 آئي فون موبائل گهري ورتا هئا، ان معاملي جو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ آئي جي سنڌ بہ نوٽيس ورتو هو

بقايا 14 ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳالهائيندي چيو تہ ڳوٺ ۾ پراڻو نيڪال سسٽم هٽ سان بند ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي ٽئون نالو اسڪول ۽ گهرن طرف موڙيو پيو وڃي، جيڪو مڪمل طور ذاتي دشمني جو نتيجو آهي اڳواڻن ٻڌايو تہ هن حرڪت سبب اسڪول جي ٻارڙن کي اچڻ وڃڻ ۾ سخت تڪليف پيش اچي رهي آهي هنن وڌيڪ ٻڌايو تہ ان حوالي سان ڊي سي خيرپور کي ليٽر ذريعي آگاهہ ڪيو ويو آهي تہ پراڻي نيڪال سسٽم کي فوري بحال ڪري ڳوٺاڻن کي سهولت ڏني وڃي. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ باالثر ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪندي چيو تہ جيڪڏهن مسئلو حل نہ ٿيو تہ هو احتجاج جو دائرو وڌائيندا

بقايا 15 مظاهرو

احتجاجي مظاهري ۾ ناري جمهوري محاذ، ايس يو پي، جسقم آريسر ٻين تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شرڪت ڪئي اڳواڻن ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ اندر مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي، ۽ جبري گمشدگي ۾ تيزي اختيار ڪئي وئي آهي، رياست جي هن عمل جي مذمت ڪجي ٿي . شاگرد سياست جو اڳواڻ غني امان چانڊيو ڪراچي جي اسپتال مان کنيو گم ڪيو ويو آهي اسين انساني حقن جي تنظيمن تائين پنهنجي ڳالهہ کي ورجائينداسين ۽ انصاف جي گهر ڪيون ٿا تہ سنڌ اندر رياستي ڏاڍ ختم ڪري وارثن کي هن ظلم مان نجات ڏني وڃي، غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي سميت ڪنهي گم ڪيل قومي سياسي سماجي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي

بقايا 16 سسئي پليجو

نيشنل پريس ڪلب ٿٽو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ کي ٻہ ٻن انتظامي يونٽن ۾ تقسيم ڪري نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ صوبن جي رضامندي وارو آئيني حق بہ ايم ڪيو ايم جي مرضي ۽ منشا موجب کسڻ جي سازش ٿي رهي آهي جنهن لاءِ سنڌ جي عوام سميت پارليامينٽ ۾ ويٺل نمائندن کي هوشيار رهي اهڙي امڪاني خطرناڪ قانونسازي جي رستا روڪ ڪرڻ گهرجي، اڳوڻي سينيٽر پ پ اڳواڻ سسئي پليجي چيو تہ ارڙهين آئيني ترميم کي رول بيڪ ڪيو پيو وڃي ايندڙ ٿورن ڏينهن ۾ ٽئين 27 هين آئيني ترميم ذريعي نئين صوبن کي سياسي سار ڏيئي ڪانٽن ناڻي پاڻي وسيلن جو حق کسڻ جو خطرناڪ منصوبو جوڙيو ويو آهي جنهن سان ملڪ ناهن هلندا وفاقي وزير رانا ثنوير جي اشارن واري ڳالهہ مان سنگين قسم جي بوءِ اچي رهي آهي تہ ايندڙ آئيني ترميم سنڌ لاءِ بهتري واري نہ هوندي، سسئي پليجو چيو تہ ايندڙ آئيني ترميم ۾ انتظامي يونٽن جهڙي خطرناڪ منصوبي سميت اين ايف سي ايوارڊ ۾ صوبن جا حق گهٽائڻ سميت ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ انتهائي خطرناڪ هوندو ايوان ۾ ويٺل وڏيرا نمائندا نور ملي جو قسم کڻي اهو چئي رهيا آهن تہ ڪين ايندڙ آئيني ترميم بابت ڪا خبر ناهي ڇا انهن جي ڪا ذميواري نٿي بڻجي، سڄن کي سروٽي وڏيرا اسلام آباد جي وڏين هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ دعوتون کائڻ ۾ مصروف آهن تہ ٻئي طرف سنڌ تي وار ٿي رهيو آهي کان وڌيڪ بدقسمتي ڪهڙي هوندي، سسئي پليجو جو چوڻ هو تہ وفاق جي اهم ۽ آئين ساز ادارن ۾ سنڌ جي ڪابہ نمائندگي نہ آهي پنجاب نوازڙ ۽ جي ٽي روڊ واري نمائندگي سنڌ جي مفادن وٺان نہ آهي اهڙي صورتحال ۾ اسانکي سنگين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ڪرڻي پوندي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجي نيشنل پريس ڪلب ٿٽو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ اين ايف سي ۾ بہ ڪٽوتي جي ڪوشش ٿي رهي آهي نيشنل فنانس ڪميشن ۾ صوبن جا حق ڪاريا ويا آهن هفتي ڏيڊ ڪانپوءِ رات وچ ۾ ايندڙ بل جي هر محاذ تي سنڌ مقابلو ڪندي، سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ اسين نہ ڏينداسين، سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت اسان ڌرتي واسين جي ذميواري آهي، سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جي ڳالهہ ٿي رهي هجي يا روڙي ڪراچي اسانکان کسڻ جي منصوبابندي ٿي رهي هجي اهڙي صورتحال ۾ جتي نہ ليگ اسانکي بچي ٿي نہ اهڙي صورتحال ۾ رات وچ ۾ ايندڙ قانونسازي واري بل کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ فورمن تي اسانجي سنڌ جي نمائندگي نہ آهي، هن چيو تہ سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ جا سانباهہ پيا ٿين اسانجي ايوان ۾ ويٺل نمائندن کي فوري طور تحرڪ ۾ اچي رات وچ ۾ ٺهندڙ خفيہ ڊرافٽ کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي اسان کي اهڙي خطرناڪ بل جي هر صورت ۾ رستا روڪ ڪرڻ گهرجي، سسئي پليجي وڌيڪ چيو تہ ماڻهن جي ڪنهي گم ڪرڻ واري معاملي تي پيپلزپارٽي جو هميشہ واضع موقف رهيو آهي سينيٽ ۾ مسنگ پرسن اشو تي مون رٽ آئي مسنگ پرسنز چيئرمين کي ايوان ۾ طلب ڪيو هو سنڌ مان کنيي گم ڪيل ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪيو وڃي ۽ جنهن تي بہ ڪا چارج شيٽ آهي يا ڪو ڏوهہ آهي تہ ان کي ظاهر ڪيو وڃي ۽ قانوني طور ان کي انساني حقن وارا قانوني حق فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي، هن چيو تہ جنهن بہ ماڻهو تي ڪو الزام آهي تہ کيس ٻڌايو وڃي تہ تي هي الزام آهي تاج جويو عطا محمد پنهور جي پٽن جي کنيجڻ وارن معاملن کان ويندي قومي ڪارڪنن جي کنيجڻ واري عمل کي اسان غلط سمجهون ٿا ڪنهن تہ ڪوبہ ڏوهہ يا ايسٽائين جو دهشتگردي جو ڪو الزام آهي تہ عدالتون موجود آهن انهن کي عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ ويٺل سنڌ جي نمائندن جي خاموشي تي طنزيہ انداز ۾ گفتگو ڪندي چيو تہ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش پئي ٿئي ۽ وڏيرا اسلام آباد جي ڪلبن ۾ دعوتون کائڻ ۾ پورا آهن ايوان ۾ ويٺل سنڌ جي پاٿرن سان مختلف وقتن تي ملاقاتون ٿيون آهن ڪاٿن سون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڇا ايندڙ امڪاني 27 هين آئيني ترميم بابت ڪين ڪا ڄاڻ آهي تہ آهي نور ملي جو قسم کڻي چئي رهيا آهن تہ انهن ڊرافٽ ناهي ڏٺو آڙي جا ايئن ٻہ ٿئي ٻہ پيو جا سسئي پليجو چيو تہ سنڌ جا ماڻهو ايم ڪيو ايم يا پنجاب جي ميمبرن کان تہ توقع نہ ڪندا اسانجي نمائندن کان ئي پڇائو ڪندا انڪري انهن کي ان باري ۾ باخبر رهڻ گهرجي

بقايا 17 ڪيس داخل

جي نينگري صابرہ ٻڏڙي پنهنجي سڳي پيءُ محمد نواز ٻڏڙي مٿان مبينا طور جنسي ڏاڍائي جو الزام لڳايو آهي ان موقعي تي نينگري عبرت سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ سندس پيءُ کيس بہ پيرا جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻايو آهي جڏهن تہ نينگري جي نانا سردارن ٻڏڙي بہ الزام ورجائيندي چيو تہ سندس نياڻي کي انصاف نہ ملي رهيو آهي، جنهن ڪري معاملو هاڻي ميڊيا آڏو آندو ويو آهي نينگري جي نانا موجب 16 ڏينهن اڳ سيڊارجا ٿاڻي تي واقعي جي اين سي داخل ڪرائي وئي هئي، پر بدنامي جي خوف سبب معاملو ظاهر نہ ڪيو ويو ٻئي پاسي سيڊارجا پوليس موجب نينگري کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪيو ويو هو ۽ ڪيس جزا ليبارٽري اماڻيا ويا آهن، پر رپورٽ اڃا جاري نہ ٿي آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ نينگري ۽ سندس وارث اڄ ٻيهر ٿاڻي تي پهتا آهن. جنهن بعد نينگري جي ناني سردارن ٻڏڙي جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو تہ جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

بقايا 18 آسائي سان فرار

ڏينهن سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج بدين جي عدالت مان جوابدار جيڪو ڪچي ضمانت تي هو انهي پڪي ضمانت لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي. عدالت پاران جوابدار جي ضمانت رد ٿيڻ تي جوبدار علي رضا خاصخيلي ڪورٽ مان آسائي سان فرار ٿي ويو . نينگر جي والد صحافين کي ٻڌايو تہ جوابدار عدالت مان آسائي سان فرار ٿي ويو مگر پوليس جوابدار کي ڏسندي رهي ۽ کيس گرفتار ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي ۽ هو ضمانت رد ٿيڻ باوجود عدالت مان آسائي سان فرار ٿي ويو

بقايا 19 احتجاجي مظاهرو

مظاهرو مظاهرين عاشق علي مزاري رياض حسين مزاري علي شير مزاري چيو تہ اسان جي سروي زمين مان با اثر آبادگارن واٽر ڪورس کڊرايو آهي ۽ اسان کي پنهنجي زمين جو ڪوبہ معاوضو ناهي ڏنو ويو اسان ايريگيشن جي آفيسرن کي ڊي سي بدين درخواستون پڻ ڏنيون آهن ليڪن انهن تي عمل ناهي ٿي سگهيو هنن چيو تہ پ.پ جي ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر فيصلو پڻ ڪيو هو تہ 2024 ۾ اهو واٽر ڪورس بند ڪيو ويندو ليڪن ان تي بہ عمل ناهي ٿي سگهيو هنن چيو تہ اسان سان انصاف ڪيو وڃي واٽر ڪورس DR1علي آباد شاخ جي غيرقانوني لائين بند ڪري سرڪاري منظورشدہ لائين تي هلايو وڃي ۽ اسان ڪاتيدارن کي پنهنجي زمين آزاد ڪري ڏني وڃي

بقايا 20 خارج ڪري ڇڏيا

مستحق عورتن جا فهرست مان نالا خارج ٿيڻ جو ڪل تعداد 11 لکن تائين پهچي ويندو ذريعا سنڌ جي 19 ضلعن جي رجسٽرڊ مستحقن جا نالا ٻيهر ٿيل سروي ڪانپوءِ ڪڍيا ويا آهن ذريعا بدين مان 82 هزار 959، جيڪب آباد مان 29 هزار کان وڌيڪ قمبر جا 38 هزار کان وڌيڪ مٽياري جا 18 هزار کان وڌيڪ نالا خارج ڪيا ويا آهن

بقايا 21 جوابدار گرفتار

جاري ڪوڪدار ڪريڪ ڊائون دوران هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ منشيات ۽ گٽڪي جي وڏي کيپ کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ کان اڳ ئي ناڪام بڻايو ويو پوليس ترجمان موجب، ضبط ڪيل سامان جي ماليت تقريباً ات لک روپيا ٻڌائي وڃي ٿي. جڏهن تہ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.تفصيل موجب، ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي خاص هدايتن تي سکر پوليس طرفان مختلف علائقن ۾ سماجي برائين خلاف ڪارروائيون جاري آهن. ان سلسلي ۾ ايس ايچ او ٿاڻو آباد ذوالفقار چاچڙ پنهنجي ٽيم ۾ خفيہ اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ رڪشا کي روڪيو جنهن مان منشيات ۽ گٽڪو ڇاليہ سان ڀريل 4 بورين ۽ 210 پيڪٽس هٿ ڪيا ويا.پوليس موجب، گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ مشتاق چوهاڻ ۽ رمضان چوهاڻ شامل آهن جيڪي منشيات کي شڪارپور کان خيرپور منتقل ڪري رهيا هئا تہ جيئن اتي وڪرو ڪري سگهجي، پر سکر پوليس جي بروقت ڪارروائي سبب اهو منصوبو ناڪام بڻجي ويو.پوليس موجب، گرفتار جوابدارن خلاف گٽڪو ايڪٽ تحت مقدمو داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.ان موقعي تي ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل پنهنجي بيان ۾ پوليس پارٽي جي بهترين ڪارڪردگي تي کين شاباش ڏني ۽ چيو تہ سکر پوليس منشيات ۽ سماجي برائين خلاف سخت قدم جاري رکندي، تہ جيئن شهر کي نشي ۽ ٻرن عملن کان پاڪ بڻائي سگهجي.

بقايا 22 مجيب صحرائي

اربع ڏينهن سنڌ مدرسہ يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ ترڪيہ جي ريپبلڪ ڊي جي موقعي تي يونيورسٽيءَ پاران منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر صحرائيءَ چيو تہ هن تازو استنبول ۾ ترڪيہ سرڪار ۽ ان جي استنبول يونيورسٽي پاران ترڪيہ جي جنگ آزادي ۾ حصو وٺندڙ عبدالرحمان پشاوري تي منعقد ڪيل هڪ سيمينار ۾ شرڪت ڪئي هئي جتي هن ترڪيہ جي ماڻهن وٽ پاڪستان ۽ ان جي عوام جي لاءِ بيحد عزت، پيار ۽ احترام ڏٺو ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو تہ ترڪيہ سان اسان جي دوستيءَ جون پاڙون تمام گهڻيون مضبوط آهن اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان حڪومت، سنڌ جي صوبائي حڪومت ۽ ٻيا ادارا ترڪيہ جي جمهوريہ جو ڏينهن ملهائي رهيا آهن وائس چانسلر چيو تہ اڄ اسان ترڪيہ سان پاڪستان جي دوستيءَ جو جشن ملهائي رهيا آهيون هن چيو تہ سنڌ مدرسۃ الاسلام جا ترڪيہ سان ويجها لاڳاپا رهيا آهن جيڪي 135 سالن تي محيط آهن جڏهن سنڌ مدرسۃ الاسلام جي باني خان بهادر حسن علي آفندي روس سان سلطنت عثمانيہ جي جنگ ۾ سلطنت عثمانيہ جي مدد ڪئي هئي بعد ۾، سلطنت عثمانيہ کيس ڪراچيءَ ۾ پنهنجو قونصل جنرل مقرر ڪيو هو ان سان گڏ کيس "بي" ۽ "آفندي" جي لقبن سان پڻ نوازيو ويو هو ڊاڪٽر مجيب صحرائي چيو تہ اڄ بہ سنڌ مدرسہ يونيورسٽي ۽ ترڪيہ جا اهڙا تاريخي لاڳاپا برقرار آهن هن چيو تہ سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي ۽ ترڪيہ سرڪار جي تنظيم- ٽيڪا گڏيل طور تي سنڌ مدرسہ يونيورسٽي ۾ پاڪ- ترڪ ريسرچ سينٽر قائم ڪرڻ تي ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو ٻنهي ملڪن جي ثقافت کي فروغ ڏيندو ۽ تعليم ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ڪم ڪندو هن اهو پڻ چيو تہ سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي ۽ ٻين ادارن جي شاگردن کي ترڪي ٻولي سکڻ جي آڇ ڪئي ويندي ڊاڪٽر مجيب صحرائي ڪراچي ۾ ترڪيہ جي اڳوڻي قونصل جنرل جمال سانگو جي ڪردار جي پڻ تعريف ڪئي ۽ چيو تہ هن پاڪستان ۽ ترڪيہ جي دوستاڻي تعلق کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ان سان گڏ هو اڪثر سنڌ مدرسہ يونيورسٽي جي دوري تي ايندو هو ان طرح هن سنڌ مدرسہ يونيورسٽيءَ جهڙي تاريخي اداري سان بہ پنهنجا ويجها لاڳاپا قائم ڪيا هئا ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو تہ سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽي جي شاگردن کي بہ مستقبل ۾ پنهنجي ان شاندار تاريخي ورثي کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو تہ سنڌ مدرسہ يونيورسٽي هميشہ معياري تعليم فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ شاگردن کي اسٽوڊنٽس سوسائٽيز جي پليٽ فارم تان پنهنجين صلاحيتن تخليقي عمل ۽ جديد خيالن کي ظاهر ڪرڻ جا موقعا فراهم پئي ڪيا آهن تنهن ڪري هن قسم جون سرگرميون اسان جي شاگردن کي پنهنجي شاهوڪار تاريخ سان پڻ جوڙين ٿيون پنهنجي خطاب ۾ سنڌ مدرسۃ الاسلام يونيورسٽيءَ جي ڊين ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽي پاڪستان ۽ ترڪيہ جي عوام کي ترڪيہ جي جمهوريہ واري ڏينهن جي مبارڪباد ڏني هن چيو تہ اڄ اسان لاءِ هيءَ فخر جو ڏينهن آهي جو اسان پاڪستان ۽ ترڪيہ جي وچ ۾ ڏگهي عرصي کان قائم دوستيءَ جو جشن ملهائي رهيا آهيون هن چيو تہ هي تاريخي تعلق مستقبل ۾ بہ مضبوط رهندو ان موقعي تي سنڌ مدرسہ يونيورسٽيءَ جي شاگردن تقريرون ڪيون، شاعري ٻڌائي ۽ صوفياڻي ڪلام تي پرفارم ڪيو تقريب ۾ شاگردن،فيڪلٽيءَ ڊين ۽ مختلف شعبن جي سربراهن شرڪت ڪئي

بقايا 23 احتجاجي ريلي

اڳواڻ غني امان چانڊيو ۽ جسقم آريسر جي ڪارڪن سرمد ميراڻي ، ڏاڏي جکراڻي جي آزادي لاءِ نعرا ۽ رياستي جبر خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جسقم اڳواڻ فقير رمضان ڪلوڙ سنڌ سڀا اڳواڻ ارشاد سنڌي ، جست اڳواڻ سهيل ڪلوڙ ٻڌايو تہ غني امان چانڊيو کي ٻہ ڏينهن اڳ ڪراچي جي هڪ اسپتال مان رياستي ادارن مبينا طور جبري طور کنيي گم ڪري ڇڏيو آهي جيڪو انساني حقن ۽ قانوني اصولن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. ان سان گڏ اڳواڻن سرمد ميراڻيءَ ۽ ڏاڏي جکراڻي کي بہ گم ڪيو ويو آهي هنن انساني حقن جي تنظيمن سول سوسائٽي ۽ اقوام متحده کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ سنڌ مان وڌندڙ جبري گمشدگين ۽ رياستي جبر جو نوٽيس وٺن ۽ غائب ٿيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ فوري نوٽس وٺن

بقايا 24 ڌرڻو

ڪندا دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڪچهري روڊ تي ڌرڻو هڻي آبپاشي کاتي جي عملي خلاف سخت نعري بازي ڪئي، ان موقعي تي آبادگار مظاهرين نظير پنهور سليمان شاهنواز جتوئي غلام سرور پنهور ۽ ٻين صحافين آڏو ڏانهيو تہ آبپاشي کاتي جي ڪامورن پيرگهيو شاخ کي اڃا تائين پاڻي نہ ڏنو آهي جنهن سبب ڪڻڪ جي بمپر فصل جي پوکائي نہ ٿي سگهي آهي، ٻين شاخن کي پاڻي جي فراهمي ٿئي پئي پر پيرگهيو شاخ سان واري اڏامي رهي آهي، دادو آبپاشي کاتو پيسن عيوض زرعي پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، ڪامورا هر سال پاڻي وڪرو ڪري آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪري رهيا آهن. جنهن سبب لکين آبادگار معاشي طور پريشان حال ٿي چڪا آهن هنن چيو تہ قرض ۽ وياج تي فصل لاءِ ٻج پاڻ وٺون ٿا پر آبپاشي کاتو وقت سر زرعي پاڻي نہ ٿو ڏئي جنهن سبب اسان ذهني اذيت ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون مظاهرين صوبائي وزير آبپاشي ۽ سيڪريٽري آبپاشي کان مطالبو

ڪيو تہ فوري طور پير گهيو شاخ تي زرعي پاڻي جي فراهمي بحال ڪرائي هزارين آبادگارن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 25 انگ 3 ٿي ويو

ٻارڙي فاطمہ شيخ فوت ٿي وئي آهي جڏهن تہ هڪ هفتي اندر 3 ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن جڏهن 24 ڪلاڪن اندر 40 ٻارڙن کي سڪي اسپتال خيرپور منتقل ڪيو.

بقايا 26 عدالت پيش

اعتراف ڪندي چيو تہ اسان ٻنهي مقتول ڀائرن کي قتل ڪيو آهي باقي ٻن جوابدارن نظير ۽ اقبال کي بيگناهہ قتل ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي هوڏانهن قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار بہ پوليس پاران هٿ ڪري وڌيڪ ۾ ڪيس پڻ داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري پئي

بقايا 27 حل نہ ٿيا

واقعا پيش آيا، جن کي 6 مهينا گذري چڪا آهن ۽ خيرپور پوليس اڃا تائين نہ تہ صحافين جي موٽرسائيڪلن جو پتو لڳائي سگهي آهي، نہ ئي گهرن مان ڦريل لکين روپين جو سامان هٿ ڪري سگهيو آهي. ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي هر پريس ڪانفرنس ۾ صحافين کي فقط دلاسو ڏيندو ۽ کين مطمئن ڪرڻ ۾ لڳل نظر اچي ٿو پر عملي طور تي ڪا بہ ڪارروائي نظر نٿي اچي ان سلسلي ۾ متاثر صحافين آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو آهي تہ خيرپور جي صحافين جون ڦريل موٽرسائيڪلون ۽ گهرن مان ڦريل لکين جو سامان واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي متاثر صحافين پاران پريس ڪلب خيرپور جي سرپرست اعليٰ خان محمد خان، صدر غلام قادر سومرو يونين آف جرنلسٽ جي صدر سيد عبيد شاهہ جيلاني ۽ جنرل سيڪريٽري ظهير عباس کي بہ اپيل ڪئي وئي آهي تہ هو خيرپور جي صحافين جي ڦريل شيون واپس ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

بقايا 28 انصاف جو مطالبو

زال مير عبدالسلام ٽالپر ڏگهڙي پريس ڪلب ۾ صحافين آڏو ڏانهيندي چيو تہ منهنجو مڙس نشو واپرائي منهنجي معاش اڪثر ڪري تشدد ڪندو رهي ٿو،اسان سموڙ جي گهر ۾ رهندا هئاسين جتي منهنجي مڙس گهر کي باهہ ڏئي الهہ تلهہ ساڙي رک ڪري ڇڏيو جنهن بعد گهر جي مالڪ اسانکي گهر خالي ڪرائي روانو ڪري ڇڏيوهن چيو تہ منهنجي مڙس منهنجا پنج ٻار سونکان کسي روانو ڪري ڇڏيو هن وقت آئون ڀائرن وٽ پناهہ وٺي ويٺل آهيان منهنجو مڙس مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي جان کان مارڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي متاثر عورت ڊي آئي جي ميرپورخاص،ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ ٻين وسوارن کي اپيل ڪندي چيو تہ مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 29 شڪي گرفتار

شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو جن جي وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺ بقاپور جي رهواسين پيرسن عورت اسلام خاتون ابڙو، ڪريم بخش ابڙو سلميٰ ابڙو غلام زهرہ سيلرو ڪلثوم ابڙو ڪمل خاتون ۽ ٻين الزام لڳائيندي چيو تہ شهيد پوليس اهلڪار مشتاق تنيو واري واقعي ۾ اسان ڪنهن بہ طرح ملوث نہ آهيون. اسان جو تعلق غريب گهراڻي سان آهي مختلف پورهيا ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪندا آهيون، گذريل آڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات جو دير سان لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ کي ڪرڙو چاڙهي اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي گهرياتين کي تشدد جو نشانو بڻائي سامان جي ڀڃ ڊاهہ ڪري اسان بخش ابڙو شوڪت ابڙو گبرو ابڙو عمران ابڙو پٺاڻ ابڙو مجيب ابڙو نائڪ ابڙو مصطفيٰ ابڙو فيض ابڙو فهيم ابڙو پولو ابڙو شڪيل ابڙو عرفان ابڙو رياض سيلرو اصغر سيلرو ۽ رضوان سيلرو سميت 16 ڄڻن کي کنيي گم ڪري ڇڏيو پوليس ڇاپي دوران اسان جي گهرن مان ڪيترو ئي قيمتي سامان ڦرلٽ ڪري 11 مينهون 6 ڀاڏا ۽ 6 ٻڪريون ڪاهي وئي، جيڪا وڏي ناانصافي آهي هنن چيو تہ لاڙڪاڻو پوليس ڪنهي گم ڪيل اسان جي ماڻهن بابت ڪجهہ بہ نہ پئي ٻڌائي ۽ نہ ئي سنڌن ملڻ پيو ڏنو وڃي، پوليس اصل جوابدارن کي گرفتار بجاءِ بيگناهہ ماڻهن خلاف ڪارروائيون ڪري وڏي ناجائزين ڪري رهي آهي اسان جي وس وارن کي اپيل آهي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي ڪنهي گم ڪيل گهرياتين کي جلد آزاد ڪرائي ڦرلٽ ڪيل سامان ۽ چوپايو مال واپس ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 30 احتجاجي مظاهرو

منهنجو نوجوان ڀائٽيو رضوان علي جانوري پروازي ڳوٺ زردار بروهي وٽ جتي بااثر نثار بروهي هٿيارن جي زور تي کيس پرغمال بڻائي 40 هزار روپيا ڦر ڪرڻ بعد سندس اغوا ڪري اوطاق ڪرڻ وٽ پنهنجي هٿيارٻند ساٿين حوالي ڪيس جيڪي ڀائٽيءَ کي کڻي خيرپور سيرس ڪچي واري علائقي طرف وٺي وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ ارچنو پوليس جي اچڻ سبب هو ڀائٽيءَ کي ڇڏي فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جو اطلاع اسان حد جي رشيد وگڻ ٿاڻي تي ڏنو پر پوليس باالثر ۽ سندس ساٿين خلاف ڪابہ ڪارروائي نہ پئي ڪري، ويتر بااثر نثار بروهي خاموش رهڻ لاءِ اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هنن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي باالثر ۽ سندس ساٿين خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 31 حليم عادل شيخ

سبب سرڪاري توڙي خانگي اسپتالون سٽجي ويون آهن. هن چيو تہ سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتو ڊينگي جي مرض تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن. تازو حيدرآباد ۾ 18 ڊينگي جا مريض فوت ۽ هزارين ماڻهو مرض ۾ مبتلا آهن جن جون جانيون بچائڻ لاءِ صحت کاتو بلڪل ناڪام ٿي ويو آهي پ پ جي حڪمرانن جي ڪرپشن صحت کاتي سوڊو سرڪاري کاتن کي اوڌهي جيان چٽي چڪي آهي سنڌ ۾ صحت جي سهولتن جي دعوا ڪندڙ پ پ حڪمرانن جي صوبي جا ماڻهو ڪي جي ڪي وڃي پنهنجي معصوم ٻارن جو علاج ڪرائن ٿا. هن چيو سنڌ جي عوام ڪي پي ڪي وڃي ٻارن جو علاج ڪرائي ٿي تہ سلو عمل آهي ۽ سنڌ حڪومت جي پٽ تہ واڪي ٿي رهي آهي. سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ نہ دوائون آهن نہ ڊاڪٽر ۽ عملو آهي جنهن سبب ماڻهو سڙي رهيا آهن. يا جانيون بچائڻ لاءِ خانگي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن.هن کي پي کي ۾ وڏي وزير علي امين گنڊا پور جي استيفا تي ڳالهائيندي چيو تہ اسان وزيراعليٰ اسان جي اني حڪومت ۽ اسان جي زيراعلي جي استيفا تي پ پ جي نامزد گورنر پاران استيفا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو پر پ جي گورنر کي ٽڪ ٽڪ پئي ۽ استيفا قبول ڪيو. هن چيو تہ ملڪ جيڪي بہ ماضي يا حال ۾ غيرقانوني يا هارس ٽريڊنگ ٿي آهي ان جو مرڪز پ پ سنڌ هائوس کي بڻايو آهي ان ڪري منهنجي پ پ وڏن کي گذارش آهي تہ توهان وٽ بہ ٻہ گهڻاهائوس آهب اتي ويهي غيرجمهوري ڪم ڪريو سنڌ هائوس جو تقدس پامال نہ ڪريو.

بقايا 32 ٻہ ڄڻا فوت

خان جي ويجهو بلوچي شاهہ ڪريم روڊ تائون ميل بس اسٽاپ تي تيز رفتار ڪرولا ڪار ۽ موٽر سائيڪل جو ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 2 نوجوان 33 ساله ممتاز نارو ۽ 32 ساله نظير نارو ٿڏي تي فوت ٿي ويا ، فوتين جي لاش کي ايمبولينس ذريعي سرڪاري اسپتال آندو ويو ، جتي ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيا ويا ، وارث لاش کي پنهنجي ڳوٺ کڻائي ويا ، جتي سنڌن اباڻي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي ، حادثي بابت ڪا بہ ايف آءِ آر داخل ٿي نہ سگهي آهي ، پوليس جو چوڻ آهي تہ وارث تدفين ڪانپوءِ واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جو چئي لاش کڻائي ويا ، جڏهن تہ پوليس ڪرولا ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ، واقعي واري هنڌان ڪار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو هو ، جنهن جي گرفتاري عمل ۾ اچي نہ سگهي آهي .

بقايا 33 گرفتار ڪري ورتا

پوليس انتظاميہ موجب گرفتار جوابدارن شهمير ميمڻ ۽ امام بخش خاصخيلي ٺٽي بدين مليرو ۽ ٻين ضلعن ۾ ڦر ڌاڙن سميت سنگين ڏوهن جو اعتراف ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي ٺٽو فاروق احمد بجاراڻي ٻڌايو تہ ٺٽي شهر جي شيرازي محلي مان هفتو اڳ ڏينهن ڏٺي ٿيل واردات جي جاچ لاءِ

جوڙيل پوليس ٽيم جاچ دوران ڇاپا هڻي ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪيو جن ابتدائي جاچ دوران پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏجي ڏوهہ جو اعتراف ڪري ورتو آهي هن چيو تہ هن ڏينهن ڏٺي واري وڏي واردات ۾ ڊسٽريبيوٽر ايجنسي جي ملازمن کي پرغمال بڻائي هڪ لک 90 هزار روپيہ روڪ ۽ 2 موبائيل فونون ڦر ڪري جوابدار فرار ٿي ويا هئا گرفتار جوابدارن جو اڄ عدالت مان ريمانڊ حاصل ڪري سندن رهيل جوابدار ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. پوليس جاري ڪيل پڌرائي ۾ دعوي ڪئي آهي تہ جوابدارن وٽان واپاري جي ايجنسي جي ملازمن کان ڦر ڪيل 2 موبائيل فونون ۽ 50 هزار روپيہ پڻ برآمد ڪيا ويا آهن

بقايا 34 احتجاج جاري

بنيادن تي جبري بند ڪيل پگهارن جي بحالي لاءِ گهوٽڪي ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن بشير قليوٽو مختيار ڪڱڻ احمد ڪلادي، برڪت ڪوري، سهراب ڪلوڙ اورنگزيب چنا، امداد مهر هدايت [illegible] اپڙو وحيد مراد چنا، ڪفايت [illegible] گهوٽو اياز گل چنا، نديم ڏانڊو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ملازمن پاران پيل چوڪ تي گذريل 23 ڏينهن کان احتجاجي ڌرڻو جاري آهي. احتجاجي ڪئمپ تي گهوٽڪي بار جو صدر شاهنواز وسير پهچي ويو ملازمن سان اظهار همدرديءَ ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪندي هر فورم تي ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو وڪيل شاهنواز وسير سنڌ حڪومت جي اعليٰ عملدارن ميونسپل گهوٽڪي جي چيئرمين ۽ سي ايم او گهوٽڪي کي پگهارون جاري ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو شاهنواز وسير چيو تہ جيڪڏهن پگهارون جاري نہ ڪيون ويون تہ ملازمن سان قانوني تحريڪ پڻ شروع ڪئي ويندي شاهنواز ۽ وڪلا برادري جي آمد احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل ملازمن پاران وڪلا برادري جي شاندار آجيان ڪئي وئي هر پاسي کان گلن جي ورکا ملازمن کان حال احوال وٺڻ ڪانپوءِ شاهنواز وسير ميڊيا آڏو لوڪ لاڙي ويٺو هن چيو تہ اڄ جي دور ۾ هڪ ڏينهن گذارو ڪرڻ ڪيڏو مشڪل آهي تہ هنن جون ڇهن سالن کان جبري پگهارون بند ڪري سڌو سنئون معاشي قتل ڪيو ويو آهي ٻارن جي تعليم تباهہ ڪري سوين خاندانن جي ٻارڙن جو مستقبل انهن ماڻهن پاران ختم ڪيو پيو وڃي جن جو نعرو بہ روٽي ڪپڙا ۽ مڪان آهي احتجاجي ڪئمپ تي سياسي سماجي اڳواڻ رئوف پارس داپي احسان ڪلادي، فدا حسين ملڪ سميت ٻين جي بہ شرڪت ملازمن سان هر فورم تي ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪندي جبري بند ڪيل پگهارون فلفور جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

بقايا 35 احتجاج ڌرڻو

اسٽاپ جي دوڪاندارن پاران شٽر بند هڙتال ڪري مين ميرپورخاص ڪنري روڊ تي احتجاج ڪندي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي هنن ڏانهيو تہ علائقي ۾ چورين جي وارداتن ۾ واڌ ٿي وئي آهي هڪ ئي رات ٻن دوڪانن مان چوري ڪئي وئي ۾ ڪير پڇڻ وارو نہ آهي اسٽاپ تي پڪيٽ قائم هجڻ باوجود پوليس خاموش آهي اڄ چوري جي اطلاع باوجود ڪنري پوليس بہ دير سان پهتي هنن مطالبو ڪيو تہ بداماني جو نوٽس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 36 الزام

تي ايس ايچ او راٺيون ايس ايچ او گمبٽ ۽ ڊي ايس پي گمبٽ سون معان ڪوڙو 9 ۽ منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو منهنجي پٽ راحيل شاهاڻي کي چار مهينا اڳ بي دردي سان قتل ڪيو ويو جنهن جي مان پاڻ فرياد ڪئي آهيان هاڻي مخالف پوليس جو سهارو وٺي اسان کي ڪيس تان هٽ ڪرڻ جراسان ڪيو پيو وڃي منهنجي پٽ کي راحيل جي قتل ڪيو ويو بہ نياڻيون جيڪي ٿيلسيما جون مريض آهن هر مهيني رت جون ٻہ ٿيليهيون لڳنديون آهن اسان جي پورو راٺيون گواهي ڏيندو ۽ اسان شريف ماڻهو آهيون منهنجو مڙس سعودي عرب ۾ روزگار ڪندو آهي اسان لعنت وجهون ٿا منشيات وارن تي مونکي بي گناهہ ڦاسايو ويو آهي مونکي بنا ڪنهن ثبوت جي گرفتار ڪيو ويو جيڪو سراسر ظلم آهي اصل ۾ منهنجي پراپرٽي آهي ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي پريشان ڪيو پيو وڃي اسان معان ظلم ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر ناجائزي آهي اسان کي جراسان ڪرڻ بند ڪيو وڃي ليڊي هيلٿ ورڪر شبانا شاهاڻي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي تہ هن معاملي جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 37 احتجاجي مظاهرو

داد لغاري جي رهواسين مبينہ طور اغوا ٿي ويل ناري ليلا جي بازيابي لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي وارثن جو چوڻ هو تہ اسان جي نوجوان نياڻي ليلا کي عامر شيخ ۽ ان جا ڀائر عابد شيخ پير بخش شيخ امتياز شيخ سجاد شيخ وارا 10 ڏينهن اڳ ڪلي وچن بعد گهر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ اهڙي واقعي جي ايف آئي آر داد لغاري ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود بہ ايس ايچ او ذلفقار مهر هن مهل تائين جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري نياڻي بازياب ڪرائڻ بجاءِ جوابدارن جي سهولتڪاري ڪري رهيو آهي جيڪو ظلم آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ فوري طور تي نياڻي کي بازياب ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 38 نوجوان فوت

هٽي جنهن ۾ شاگرد افضل بهادر کي بچائيندي ارباب علي بہ سڙي زخمي ٿيو هو ۽ ڪراچي اسپتال ۾ زيرعلاج هو جڏهن تہ شاگرد افضل اڳ فوت ٿي چڪو آهي جڏهن تہ شاگرد افضل بهادر ۾ چار ڏينهن فوت ٿي ويو هو فوتي ارباب علي مائٽن جو اڪيلو پٽ هو لاش ڳوٺ پاڏور پهچڻ تي ٻيهر ڪهرام مچي ويو.

بقايا 39 ڪيس داخل

ڊرائيس هلائيندڙ سعيد آباد جا 2 ڊرائيس ايجنٽ ڪاشف ڪيريو ۽ زبير ڪوڪر کي ڊرائسن روڪ رقم سميت سوگهو ڪري گرفتار ڪري ٿاڻي تي آڻي گرفتار ٻنهي ڊرائيس ايجنٽن مٿان قلم 417-420 تحت ڪيس داخل ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو گرفتار ٻنهي ڊرائيس ايجنٽن کي ڇڏائڻ لاءِ ٿاڻي تي بااثر ڌرين جون قطارون لڳل هيون ان حوالي سان ايس ايچ او شهدادپور غلام شبير ڏلواڻي ٻڌايو تہ شهر جي راجپوت ڪالوني ۾ عورتن جي وظيفي مان لک چپ ۾ سعيدآباد کان اچي ڪٽوتي ڪندڙ ٻنهي ايجنٽن کي ڊرائسن سميت سوگهو ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي واضح رهي تہ شهدادپور ۾ گذريل ٻن هفتن کان مستحق عورتن کي آيل وظيفو نہ پيو ڏنو وڃي جيڪيعورتون دربدر ٿڪيل آهن جنهن سبب ٻاهرين ضلعن جون رومنگ ڊرائيسون آڻائي 15سو کان 25 سو ڪٽوتي ڪري وڏي پيماني تي لک چپ ۾ رقمون ڏنيون پيون وڃن

بقايا 40 ضمانت منظور

تهہ مون کي منهنجي ڌيءُ واپس ڏياري وڃي، آئون هڪ ئي وقت 2 ڪيس وڙهي رهي آهيان ميرپورخاص جي مهراڻ ٿاڻي جي ايس ايچ او مير خادم ٽالپر تي لچالٽ جو الزام هڻندڙ پنجاب واسڻ عورت عاليا شيخ ايس ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تهہ ايس ايچ او خادم ٽالپر کيس ڌيءُ وٺي ڏيڻ جي بهاني هڪ اڻڄاتل جاءِ تي وٺي وڃي جتي هن ڪمري جي لائيٽ بند ڪري سائس لچالٽ ڪئي هن چيو تهہ هوءِ پنهنجي ڌيءُ جي بازيابي لاءِ ڏانهن ڪئي آئي هئي پر کيس لچالٽ جو نشانو بڻايو ويو ۽ هن وقت هوءِ 2 ڪيس وڙهي رهي آهي ۽ پنهنجي ڌيءُ جي بازيابيءَ لاءِ ريوڙ وڙهندي رهندي هن چيو تهہ هن وقت کيس ايس ايس پي ۽ پاران ڪيس تان هٽ ڪٿ لاءِ ۽ واپس پنجاب هلي وڃڻ لاءِ 2 کان 3 لک رپيا وٺڻ جو لالچون ڏيڻ سان گڏوگڏ کيس رسٽي سان ڪٽائي ڇڏڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ۽ ايس ايچ او کيس اهو پڻ چئي رهيو آهي تهہ هو باالثر آهي سنڌس ڪجهہ بگاڙي نٿي سگهان، چاڪاڻ تهہ آئون هڪ عورت آهيان ۽ هاڻ کيس سنڌس ڌيءُ بهہ تهہ ملندي هن چيو تهہ ايس ايچ او سان گڏ جيڪو ٻيو ڊرائيور هو ان کي بهہ هن سڃاتو آهي هن چيو تهہ هوءِ جنهن اهم ڪم يعني پنهنجي ڌيءُ جي بازيابيءَ لاءِ آئي هئي اهو بهہ اڃا ناهي ٿي سگهيو جاچ ۾ پوليس جي ڪردار بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو تهہ سائنس ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص تعاون ڪري رهيا آهن هوءِ انهن پاران ٿيندڙ جاچ مان مطمئن آهي. هوڏانهن الزام هيٺ آيل اڳوڻو مهراڻ ٿاڻي جو اڳوڻو ايس ايچ او مير خادم ٽالپر

سکر هاءِ ڪورٽ مان گرفتاريءَ کان اڳ واري ضمانت منظور ڪرائڻ بعد ميرپورخاص جي ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ضمانت لاءِ پيش ٿيو جتان هڪ لک رپين جي مچلڪن عيوض سنڌس 6 ڏينهن جي ڪچي ضمانت منظور ڪئي وئي آهي

بقايا 41 يار محمد رند

سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ بلوچن ۽ سنڌين ۾ ڪو بہ فرق ناهي اسان سنڌ ڌرتي لاءِ هميشہ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ان سان محبت ڪئي آهي ۽ ڪندا رهنداسين، هن چيو تہ بلوچستان ۾ حڪومت جي رٽ ڪيتري آهي ان بابت اتان جو وڏو وزير ئي ٻڌائي سگهي ٿو باقي بلوچستان سميت منهنجي علائقو پاڳ سب ڊويزن بہ محفوظ ناهي، بلوچستان ۾ ٽاٽا لٽيا پيا وڃن پوليس کي ماريو پيو وڃي ايس ايچ او بہ شهيد ٿي رهيا آهن ۾ بلوچستان جي اڪثر سردارن جو ڪردار صرف تماشبين وارو رهيو آهي ان کان وڌيڪ ڪجهہ نہ آهي هن وڌيڪ چيو تہ افغاني اسان جا ڀائر آهن جن 40 سال اسان سان گذاريو آهي انهن کي عزت سان نيڪالي ڏني وڃي، جڏهن تہ پ پ ۽ ن ليگ جو حڪومتي اتحاد غير فطري آهي ان ڪري انهن جا اختلاف وڌي رهيا آهي، آءُ رند برادري جو خادم آهيان برادري خاطر پنهنجي پٽ جي قرباني بہ ڏني آهي برادري جي خدمت ڪندو رهندس، هن برادري جي ماڻهن کي اپيل ڪئي تہ رند برادري جا ماڻهو امن سان رهن ۽ پنهنجي اولاد جي تعليم تي ڌيان ڏين جهالت ساڻ ڪجهہ نہ حاصل ٿيندو جيڪي غريب شاگرد هوشيار آهن انهن جي اعليٰ تعليم جو خرچ مان ڀريندس.

بقايا 42 جوابدار گرفتار

جاويد سومار ميمڻ نوٽيس وٺندي ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان عبدالرئوف ارباب جي سربراهي ۾ ٽيم جوڙي ڪارروائي جو حڪم ڏنو جنهن بعد ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان عبدالرئوف ارباب جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيمن مليل خفيہ اطلاعن تي مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي ٻن جوابدارن عرفان سولنگي ۽ فيروز شيخ کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ڪيل جوابدارن کان چوري ڪيل 7 موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون آهن ، ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان عبدالرئوف ارباب دعوئ ڪئي آهي تہ ايس ايس پي حسيب جاويد سومار ميمڻ جي احڪامات تحت موٽر سائيڪل چورين ڪندڙ گروهہ خلاف آپريشن ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بعد 7 چوري ڪيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون آهن چورن جي خلاف آپريشن جاري آهي ، گرفتار ڪيل جوابدارن کي رمانڊ لاءِ اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا 43 نديم قمر

ڪراچي پورٽ تي پهچڻ ايران مان ٽماٽو اچڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي وفاقي حڪومت کان هڪ ڀيرو ٻيهر مطالبو ڪيو آهي تہ شگر انڊسٽري کي ڊي ريگيوليٽ ڪري حڪومت ڪنڊ جي معاملي مان ٻاهر نڪري سميت هن وقت بنا دير ٻاهران ڪنڊ گهرائڻ ۽ ايران مان ٽماٽي جي خريداري ڪرڻ بند ڪري ايوان زراعت سنڌ جي مرڪزي هيڊڪوارٽر حيدرآباد مان جاري ڪيل پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ ڊاڪٽر سيد نديم قمر وڌيڪ چيو تہ اسان هميشہ چيو هو تہ شگر انڊسٽري کي ڊي ريگيوليٽ ڪري حڪومت ڪنڊ جي معاملي مان ٻاهر نڪري وڃي، هن چيو تہ جڏهن بہ آءِ ايم ايف ايگريڪلچر جي ڪنهن بہ شعبي ۾ اگهہ مقرر ڪرڻ نٿي ڏي تہ پوءِ حڪومت جو ڪنڊ ۾ ڪهڙو مفاد آهي جيڪا ڪنڊ واري معاملي مان ٻاهر نٿي نڪري هر وقت جڏهن سنڌ جو ٽماٽو تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ ڪمند جو فصل تيار آهي اهڙي وقت ۾ ڪنڊ ۽ ٽماٽو ٻاهران گهرائڻ پاڪستان جي 17 ڪروڙ آبادگارن ۽ هارين سان ظلم ۽ زيادتي آهي هن حڪومت جي ٻاهران شيون امپورٽ ڪرڻ واري پاليسي تي سخت تنقيد ڪندي چيو تہ حڪومت مسلسل ٻاهران شيون گهرائي پنهنجي ملڪ جي آبادگارن جو معاشي استحصال ڪري رهي آهي، جڏهن تہ هر شي پاڪستان ۾ موجود آهي ٻاهران گهرائڻ جو ڪو بہ جواز نظر نٿو اچي اهڙي وقت ۾ جڏهن سنڌ ۾ ڪمند جو فصل تيار ۽ ٽماٽو مارڪيٽ ۾ اچي رهيو هجي ان وقت ۾ ٻاهران ڪي ٻي جهاز ڪنڊ جا ڪراچي پورٽ تي پهچڻ ۽ ايران سان روز 40،40 ٽرالا ٽماٽر جا پرچي اچڻ وارو قدم سنڌ سميت سڄي ملڪ جي آبادگارن جي تباهي ۽ بربادي جي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي هن چيو تہ اسان کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هي حڪومت ڇا ٿي ڪري ۽ ڇا ڪرڻ چاهي ٿي ڇا حڪومت پنهنجي آبادگارن کي مفلوج ۽ تباهہ ڪرڻ چاهي ٿي هن صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم پاڪستان شهباز شريف کان مطالبو ڪيو تہ اهڙي معاملي جو فوري طور تي نوٽيس وٺي ڪنڊ ۽ ايراني ٽماٽو ٻاهران گهرائڻ بند ڪيو وڃي، هن چيو تہ سنڌ جي ٽماٽي جو اگهہ تمام گهٽجي ويو آهي ۽ مارڪيٽ ۾ ڪوبہ خريدار ناهي هن اهو بہ مطالبو ڪيو تہ حڪومت پنهنجي پاليسين تي نظر ثاني ڪري، فوري طور تي ملڪ ۾ زرعي ايمرجنسي لاڳو ڪري، هر قسم جي زرعي جنسن مان لهنڊڙ شين ٻاهران گهرائڻ تي ٻن سالن لاءِ پابندي لڳائي وڃي 10 نومبر تائين سب شگرملون چالو ڪري ڪرشنگ سيزن شروع ڪري ڪمند جو گهٽ جو گهٽ ۾ اگهہ 6 سئو روپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي هن چيو تہ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پوکي نہ ٿي رهي آهي، سڄي ملڪ جا آبادگار ڪڻڪ جو فصل پوکڻ لاءِ ٻڌتر جو شڪار آهن ان لاءِ حڪومت فوري طور تي ڪڻڪ جو اگهہ 4 هزار روپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪري اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪري تہ جيئن آبادگار ڪڻڪ جي پوکي ڪري سگهن ٻي صورت ۾ آبادگار ڪڻڪ جي پوک نہ ڪندا ۽ ان سان ملڪ فوڊ سيڪيورٽي جو شڪار ٿي ويندو

بقايا 44 فارغ ڪري ڇڏيو

سخت بيچيني واري لهر ڇانئجي وئي اسان کي ڪرونا ويا دوران ڀرتي ڪيو ويو اسان انتهائي نازڪ صورتحال ۾ پنهنجون جانيون خطري ۾ وجهي شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماڻهن کي ويڪسين ڪئي سموري دنيا اندر ڪرونا ويا ۾ خدمتون ڏيندڙ ملازمن کي اعزاز ڏنو ويو پر اسان کي قوم جي خدمت عيوض اعزاز ڏيڻ بدران بيروزگار ڪيو ويو آهي متاثر ملازمن چيو تہ 4 سالن تائين ڪرونا کان علاوه برسات، ٻوڏ، پوليو سميت مختلف مهم ۽ ايمرجنسي جي صورتحال ۾ ڪم ڪيو آهي فوري طور تي اسان جون نوڪريون بحال ڪيون وڃن

بقايا 45 پرڏهال ڦرلٽ

ڪيش رقم کڻي فرار ٿي ويا واقعي جي اطلاع تي علائقي ۾ خوف واري صورتحال ڇانئجي وئي.

بقايا 46 ڪوشش ناڪام

پيپري ذريعي ڪٽايل پيرا بدو لنڪ روڊ تي گرايس ايس پي شڪارپور واقعي جو نوٽيس ورتو

بقايا 47 احتجاجي مظاهرو

والد پاڳيو ديناري ۽ والده سان گڏ نوابشاهہ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو.

بقايا 48 ڏنڊ جي سزا

ماڊل ڪورٽ ٺٽي جي عدالت چار جوابدارن کي 5-5 سال قيد ۽ هڪ هڪ لک روپيہ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

بقايا 49 احتجاج

وفات ڪانپوءِ منهنجي ڏير ذوالفقار ساريجو ۽ شاهزيب جوکيو ۽ عبدالرشيد ۽ سنڌس پٽ حفيظ ساريجو اسان کي پنهنجي سروي زمين ۽ گهر خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن مسمات پاڳ پري ساريجو ٻڌايو تہ 2004 ۾ منهنجو گهر وارو نور احمد وفات ڪري ويو هو جنهن ڪانپوءِ ان جي حصي جي مائيٽائي زرعي زمين جيڪا ديهہ دڦري ۽ ديهہ ڏنڊ شا ۾ آهي ان جي حصي جي اڌ زمين ۽ ان جي نالي ڪٽٽ ڪنيل زمين جا اسان فوتي ڪاتا پنهنجي نالي ڪالهي ۽ مون پنهنجي پٽ کي ڏئي ڇڏي آهي پر منهنجو ڏير ذوالفقار ساريجو حفيظ ساريجو ۽ شاهزيب جوکيو چون ٿا تہ هن زمين ۾ منهنجو ۽ منهنجي پٽ جو ڪو بہ حصو پٽي نہ آهي تنهنڪري اها زمين اسان کي لکي ڏيو پنهنجا فوتي ڪاتا رد ڪرايو مسمات پاڳ پري ساريجو چيو تہ منهنجي ڏاڏي جي نالي تي هزار ايڪڙ زمين آهي جنهن ۾ منهنجو ۽ منهنجي گهر واري جو بہ حصو نڪري ٿو پر ذوالفقار ساريجو پنهنجي پاءَ ۽ منهنجي گهر واري نور احمد ساريجو جا حصا بہ جعلسازي ذريعي پنهنجي نالي ڪالهي ڇڏيا آهن مسمات پاڳ پري ساريجو ۽ نصير عرف ٻبلو ٻڌايو تہ ذوالفقار ساريجو ۽ شاهزيب جوکيو اسان کي اسان جي زمين ۽ گهرن مان بي دخل ڪرڻ چاهين ٿا

ٿل لڳ بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ فتح محمد بنگلاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي مٿان فائرنگ

گولين لڳڻ سبب بخت الله بنگلاڻي موقعي تي ئي مارجي ويو، هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ٿل جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ فتح محمد بنگلاڻي ۾ زمين جي پراڻي تڪرار تان بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر خوني تڪرار ڀڙڪي اٿيو ڌرين
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سکر: سوئي گيس جا عملدار ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ميڊيا ٽيم جو سکر پريس ڪلب جو دورو

ڪمپني آفيسرن ۽ پريس ڪلب جي عهديدارن وچ ۾ ميڊيا جي ڪردار ۽ توانائي شعبي تي خيالن جي ڏي وٺ

سوئي سدرن گيس ڪمپني عوام کي معياري خدمتون فراهم ڪرڻ ۽ نظام جي اپ گريڊيشن لاءِ پرعزم

سکر(بيورو رپورٽ)سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC)جي ميڊيا ٽيم سکر پريس ڪلب جو دورو ڪيو ڪمپني جي اعليٰ آفيسرن ۽ ميڊيا نمائندن پاران پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي. سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ميڊيا ٽيم ۾ گروپ جنرل مينيجر شاهد شيخ، ڊپٽي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سڄاول لڳ ساريون ميڙيندي معصوم ٽينگر ٽريڪٽر سان ٽڪرائجي فوت

سڄاول (ڊ ر) سڄاول لڳ بيلو شهر ۾ سارين جي ٽريڪٽر پويان ساريون ميڙيندي معصوم ٽينگر ٽريڪٽر سان ٽڪرائجي فوت ٿي ويو خبر موجب سڄاول ويجهو بيلي شهر سان تعلق رکندڙ 14 ورهين جو علي نواز ولد بلاول ملاح ٽريڪٽر جي پويان ساريون ميڙڻ لاءِ ڊوڙندي ٽريڪٽر سان ٽڪرائجي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ٻهڻ جي گهر ۾ ڌاڙي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

جوابدار جلد قانون جي گرفت ۾ ايندا، ماهر ٽيم تحقيقات ۾ مصروف آهي: ايس ايس پي

پوليس تي مڪمل اعتماد، بيگناهن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ جي يقين ڏياري وئي: ذوالفقار علي ٻهڻ

مورو (ن ع) پرسان ڏيڍ ۾ گذريل ڏينهن پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ٻهڻ جي گهر کي لڳل ڌاڙي جا جوابدار 3ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جنهن کري عوام ۾ سخت ڏاڍ پکڙيل آهي اڃان ڏاڍين پوليس جي ڪاب اڳ پراڻي نه ٿي سگهي آهي ايس
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بٺوري ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، هڪ ٻئي واپاري کان ڦر

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو ۾ بدامني جي باهه گهٽ نه ٿي چٽن ڏينهن اندر هڪ ٻيو واپاري ڦورن هٿان ڦرجي ويو انتظاميا
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ جساف جو غني امان چانڊيو جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه(س ر) جساف (شهيد بشير خان قريشي گروپ) پاران نيشنل ڪانگريس جي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر: صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ پارليامانی رپورٽرز ايسوسيئيشن جا عهديدار ايندڙ ٻن سالن لاءِ ٻيهر چونڊجي ويا، پ پ چيئرمين، وڏي وزير ۽ ٻين پاران مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پارليامانی رپورٽرز ايسوسيئيشن (ايس پي آر اي) جي ساليانو عام گڏجاڻي ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿي گڏري جنهن ۾ سيني ميمبرن ڀرپور شرڪت ڪئي اجلاس دوران ميمبرن منير ساقي، فقير سليم شبير
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ ڊينگي وائرس جا 10 ڪيس ظاهر، نوجوان فوت، جمس اسپتال ۾ وارڊ قائم

19 ورهين جو نوجوان آصف علي ڊينگي وائرس سبب فوت، پيرسن عورت سميت ڪيترائي مريض اسپتال داخل

ڊائريڪٽر جمس ڊاڪٽر زبير شيخ پاران ڊينگي مريضن لاءِ مرد، عورتن ۽ ٻارڙن جو خصوصي وارڊ قائم ڪرڻ جو اعلان

شهر ۾ اسپري ۽ حفاظتي انتظام تيزي سان شروع ڪيا ويندا، ڪٽس جي فراهمي لاءِ صحت کاتي کي لکيو آهي: ڊي سي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ ڊينگي وائرس جا 10 ڪيس ظاهر نوجوان فوت، جمس اسپتال ۾ ڊينگي جي مرض ۾ مبتلا عورت زير علاج، ڊينگي وائرس جا ڪيس ظاهر ٿيڻ بعد جمس اسپتال ۾ خصوصي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ چوڪيدار فوت

پشاور کان ڪراچي ويندڙ ٽرين جي ٽڪر ۾ 25 ساله ذوالفقار ميسو چيپاٽجي فوت ٿي

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ٽنڊوڄام ويجهو ٽرين جي ٽڪر ۾ چوڪيدار فوت واقعو اتفاقي قرار خبر موجب ٽنڊوڄام ويجهو راهوڪي ٿاڻي جي حد ڪراچي لاهور ريلوي ٽريڪ تي پشاور کان ڪراچي ويندڙ ٽرين جي ٽڪر ۾ 25 ساله ذوالفقار ميسو چيپاٽجي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي راهوڪي پوليس واقعي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: حادثي ۾ فوت ٿيل اڻ ڄاتل شخص جو لاش پيل آهي

ٽنڊوآدم لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ اڌڙوٽ شخص فوت، لاش اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ڪنڊو روڊ تي ڳوٺ ملو ڪوسو لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ نامعلوم اڌڙوٽ شخص فوت جنهن جو لاش ڪار ۾ سوار همراهه تعلقه اسپتال ڇڏي ويا سندس کيسي مان ڪابه شي برآمد نه ٿي آهي جنهن ڪري سندس سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ۔ وارثن جي ڳولا جاري آهي

گولاڙچي: ڇاتي جي ڪينسر بابت جاڳرتا مهم دوران شاگرديائيون شريڪ آهن

27هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي، جنهن ۾ ملڪ کي تقسيم ڪرڻ وارو خطرناڪ منصوبو شامل آهي: سسئي پليجو

سنڌ کي ٻن يونٽن ۾ تقسيم ڪري نوان صوبا ٺاهڻ لاءِ صوبن جي رضامندي وارو آئيني حق به ايم ڪيوايم جي مرضي موجب ڪمن جي سازش پئي ٿي

ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪري صوبن جا وسيلا ۽ اختيار ڪسي مرڪز حوالي ڪرڻ جو منصوبو تيار ٿي رهيو آهي

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ نه ڏينداسين، ايوان ۾ ويٺل نمائندن کي تحرڪ ۾ اچي خفيه درافٽ عوام آڏو آڻڻ جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) امڪاني طور تي 27هين آئيني ترميم آندي پئي وڃي جنهن ۾ ملڪ کي 9 انتظامي يونٽس ۾ تقسيم ڪرڻ وارو خطرناڪ منصوبو شامل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سيلارجا پرسان پيءُ پاران ٽينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي، ڪيس داخل

ٽينگري ۽ نانيءَ پاران 16 ڏينهن اڳ اين سي داخل ڪرائي وئي پر انصاف نه مليو

ٽينگري کي ميڊيڪل ليٽر جاري، رپورٽ اچڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

سيلارجا (ن ع) سيلارجا پرسان پيءُ پاران ٽينگري سان مبينا جنسي ڏاڍائي، ٽينگري جي نانيءَ جي فرياد تي سيلارجا ٿاڻي تي ڪيس داخل،جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيو تفصيلي رپورٽ موجب سيلارجا پرسان ڏيپارجا جي ڳوٺ ٻانيهڙ ۾ هڪ انسانيت سوز واقعو پيش آيو آهي، جتي 13 ورهين
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: جسمم اڳواڻ فياض ڏاهري قومي ڏاهرا ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري رهيو آهي

راڄوخاڻاڻي ۾ 9 سالا ٽينگر سان زيادتي ڪيس جو جوابدار عدالت مان آساني سان فرار

عدالت پاران ضمانت رد ٿيڻ باوجود جوابدار علي رضا خاصخيلي پوليس جي موجودگي ۾ ڀڄي ويو

ٻيو جوابدار اڳ ۾ گرفتار ٿيل، متاثر ٽينگر جي والد جو احتجاج

راڄوخاڻاڻي (ن ع) راڄوخاڻاڻي ۾ 9 سالا معصوم ٽينگر اظهر علي خاصخيلي سان ٻه مهينا اڳ ٻن جوابدارن پاران مبينه زيادتي ڪيس جي ٻن جوابدارن مان هڪ جوابدار گرفتار ۽ جيل حوالي آهي جڏهن ته ٻيو جوابدار علي رضا خاصخيلي اڃان ڏاڍين پوليس گرفتار ناهي ڪري سگهي ، گذريل
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: راجا بازار ۾ گٽر لائين جي تعمير دوران بازار ۾ گندو پاڻي بيٺل آهي

ٺٽون دمبالو لڳ ڳوٺاڻن جو بااثر آبادگارن ۽ آبپاشي کاتي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽون دمبالو (ن ع) ٺٽون دمبالو لڳ ڳوٺ غازي مزاري جي ڳوٺاڻن جو بااثر آبادگارن ۽ آبپاشي کاتي خلاف احتجاجي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس جي ڪارروائي، منشيات هٿ، ٻه جوابدار گرفتار

سکر (بيورو رپورٽ)سکر پوليس طرفان سماجي برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

وفاقي حڪومت بي آءِ ايس پي مان سنڌ جي 6 لک 28 هزار مستحق عورتن جا نالا خارج ڪري ڇڏيا

بدين مان 82 هزار 959، جيڪب آباد مان 29 هزار کان وڌيڪ عورتن جا نالا ڪڍيا ويا

قمبر جا 38 هزار کان وڌيڪ، مٽياري جا 18 هزار کان وڌيڪ نالا خارج ڪيا ويا آهن:ذريعا

رهيل 11 ضلعن جي سروي رپورٽ پڌري ٿيڻ ڪانپوءِ نالا خارج ٿيڻ جو ڪل تعداد 11 لک ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت سنڌ ۾ رجسٽرڊ 6 لک 28 هزار مستحق عورتن جا نالا خارج ڪري ڇڏيا، سنڌ جي رهيل 11 ضلعن جي سروي رپورٽ پڌري ٿيڻ ڪانپوءِ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پرياسي مليريا وکهي ٽينگري فوت، انگ 3 ٿي ويو

خيرپور(ڊ ر) صحت کاتي جي نااهلي ڪري خيرپور ۽ آس پاس مليريا وبا جي صورتحال اختيار ڪري وئي آهي وڌيڪ هڪ معصوم
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: هڪ شخص مٽي تي ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون کڻي اچي رهيو آهي

ڏگهڙي ۾ عورت جو مڙس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي مڙس نشو واپرائي تشدد ڪندو آهي،گهر کي باهه ڏئي ساڙي منهنجا ٻار ڪسي ورتا آهن تحفظ ۽ انصاف جي لاءِ دانهن جي لاءِ عورت ڏگهڙي پريس ڪلب ڀهتي،انور آباد ڪالوني ڏگهڙي جي رهواسڻ مسمات آسيه
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

نبي سر ٿر ۾ ٻن سڳن ڀائرن کي قتل ڪندڙ جوابدار عدالت پيش

جوابدارن نظير، منور اقبال ۽ ملڪ چانڊيو کي ڪنري جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

عدالت جوابدار منور ۽ ملڪ چانڊيو پاران ڏوهه جو اعتراف، وڌيڪ ٻه ڪيس پڻ داخل

ڪنري(ن ع) هڪ هفتو اڳ نبي سر ٿر ۾ سڳاوتي تڪرار تان بيدردي سان قتل ٿيل ٻن پورهيت ڀائرن جان محمد ۽ صابر چانڊيو جي قتل ڪيس گرفتار ڇٽئي جوابدارن نظير چانڊيو منور چانڊيو ،اقبال ۽ ملڪ چانڊيو کي ٻيهر ڪنري جي عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت کان ڏينهن جي ريمانڊ تي ڪين پوليس حوالي ڪيو جڏهن ته عدالت ۾ ٻن جوابدارن منور ۽ ملڪ چانڊيو پاران قتل جو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ صحافين سان ٿيل ڦرمار ۽ چورين جا واقعا حل نه ٿيا، احتجاج

صحافي ثاقب صديقي، غلام مصطفيٰ ميتلو ۽ اطهر صديقي جي سامان هٿ نه آيو

صحافين جو آءِ جي ۽ صحافتي تنظيمن کان انصاف ۽ سامان جي واپسي لاءِ مطالبو

خيرپور (ڊ ر)خيرپور ۾ ڪيترائي مهينا گذرڻ باوجود خيرپور جي صحافين سان ٿيل ڦرمار ۽ چورين جا واقعا اڃا ڏاڍين خيرپور پوليس حل نه ڪري سگهي آهي ايس ايس پي خيرپور صحافين کي صرف لولي پاپ ڏيڻ ۾ مصروف آهي جڏهن ته متاثر صحافين پاران احتجاج جاري آهي خيرپور ۾ گذريل ڪجهه مهينن دوران صحافي ثاقب صديقي، غلام مصطفيٰ ميتلو بزرگ صحافي محمد اطهر صديقي ۽ ٻين سان موٽرسائيڪل ڦرلٽ ۽ گهرن ۾ چورين جا
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٻارڙا گند سان ڀريل نالو ڏسي رهيا آهن

لاڙڪاڻو: هڪ لاڏائو ڪٽنب گڏهه گاڏي تي وڃي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ ينگ ڊاڪٽرز جو نوجوان جي فوتگي واري ڪيس تي احتجاج

جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪيس داخل ٿيڻ افسوسناڪ عمل آهي: روشن چانڊيو

اسپتال ۾ 550 ڊينگي مريض داخل آهن، ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب علاج جو عمل متاثر آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر ڊاڪٽر روشن چانڊيو نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پوليس پاران نوجوان جي علاج دوران فوت ٿيڻ واري واقعي جي جاچ مڪمل ٿيڻ کان اڳ ڪيس داخل ڪرڻ افسوسناڪ عمل
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ترقياتي منصوبن جي وقت سر مڪمل ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي:جام اڪرام الله

پ پ عوامي خدمت جي مشن تي قائم آهي، ترقي ۽ خوشحالي جو سفر وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو

ترقياتي منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد جاري آهي 15 ڪلوميٽر ڏگهي نئين روڊ جي تعمير مڪمل ڪئي وئي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير صنعت ۽ واپار جام اڪرام الله خان ڌاريجو جي هدايت تي ٽڪ پي ايس-22 پنو عاقل جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي منصوبن تي تيزي سان عملدرآمد جاري آهي، جام اڪرام الله ڌاريجو جي اڳواڻي هيٺ علائقي ۾ 15 ڪلوميٽر ڏگهي نئين روڊ جي تعمير
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ساماري لڳ پرائمري استاد جي گهر مان لکين روپين جي چوري، ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج

نامعلوم چورن 3 لک روڪ رقم، سون، چانڊي، پستول ۽ ضروري ڪاغذن سميت قيمتي سامان کڻي فرار

يوسي چيئرمين، پي پي اڳواڻ ۽ واپاري برادري متاثر استاد سان ملاقات ڪري همدردي ظاهر ڪئي

سامارو (ن ع) سامارو لڳ پرائمري استاد جي گهران لکين روپين جو سامان روڪ رقم چوري سخت احتجاج سامارو لڳ يوسي نورخان جي پ پ ڪائونسلر ديوان سالهي جي پاءِ ۽ ڳوٺ سوتي رام سالهي جي رهواسي پرائمري پريم چند سالهي جي گهر رات ديرسان نامعلوم چورن چوري ڪري 3 لک روپيا روڪ ڏيڍ ڪلو چانڊي 8 تولا سون رقم لائسنس وارو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پارليامانی رپورٽرز ايسوسيئيشن جي چونڊ جي موقعي تي ورتل فوٽو

مٽياري واسي نوجوان زاهد ميمڻ گهوٽڪي ڪچي واري علائقي مان بازياب

48 ڪلاڪن جي آپريشن بعد مغوي زاهد ميمڻ کي بازياب ڪرايو آهي: ڊي آئي جي حيدرآباد

زاهد ميمڻ هڪ مهينو اڳ ملتان ڪيلي جو واپار ڪرڻ لاءِ ويو هو جتان هو اغوا ٿي ويو هو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري واسي نوجوان پورهيت زاهد ميمڻ گهوٽڪي ڪچي واري علائقي مان بازياب، ڊي آئي جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو پاران مغوي کي ڪچي ۾ آپريشن بعد بازياب ڪرائڻ جي دعوا. مسلسل 48 ڪلاڪن جي آپريشن بعد مغوي زاهد ميمڻ کي بازياب ڪرائي ورتو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڏري ميرواهه ۾ گندي پاڻي جي نالي جي ڪيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڳوٺ ۾ پراڻو نيڪال سسٽم هٿ سان بند ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ٺٽون نالو اسڪول ۽ گهرن طرف موڙيو پيو وڃي، جيڪا ذاتي دشمني جو نتيجو آهي

ڏري ميرواهه (ن ع) ڏري ميرواهه ڳوٺ ٺٽڊي ڏري جا رهواسي احتجاج ڪندي چيو ته گندي پاڻي جو نالو گهرن ۽ سرڪاري اسڪول ڏانهن موڙيو پيو وڃي احتجاج جي اڳواڻي استاد امداد حسين، استاد الطاف حسين خادم حسين، الاهي بخش، رفيق احمد جوڳي ۽ ٻين ڪئي جن ميڊيا آڏو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ ڪنڀي گمر ڪيل غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي سميت ٻين جي آزادي لاءِ مظاهرو

وائيس آف مسنگ پرسن پاران سسئي لوهار، سعيد چانڊيو امجد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج

سنڌ اندر جبري گمشدگي ۽ تيزي ۽ مسلسل انساني حقن جي لتاڙ ٿي رهي آهي: اڳواڻ

نصيرآباد (ن ع) وائيس آف مسنگ پرسن سنڌ جي سڏ تي ڪراچي مان ڪنڀي گمر ڪيل غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي سميت ٻين قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ نوناري محلي کان سسئي لوهار، سعيد چانڊيو امجد سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ڏانهن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: غني آدم جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ تاريخي ۽ ختم نه ٿيندڙ دوستي آهي: ڊاڪٽر مجيب صحرائي

سنڌ مدرسه يونيورسٽيءَ ۾ ترڪي جي ريپبلڪ ڊي جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي

خان بهادر حسن علي آفندي روس سان جنگ ۾ سلطنت عثمانيه جي مدد ڪئي هئي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ)سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ چيو آهي ته پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي وچ ۾ تاريخي ۽ ختم نه ٿيندڙ دوستي آهي، جيڪا خوشي ڏکليفن، جنگين، امن ۽ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ سهڪار وارن موقعن تي ثابت ٿي آهي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ جبري ڪنڀي گمر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي

جسقم، سنڌ سڀا ۽ جست جي اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي

غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي ۽ ڏاڏي جکراڻي کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي:مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ جبري ڪنڀي گمر ڪيل قومي ڪارڪنن غني امان چانڊيو سرمد ميراڻي، ڏاڏي جکراڻي ۽ ٻين ڪنڀي گمر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزادي لاءِ قوم پرست پارٽين پاران ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڙو هٽي نيشنل ڪانگريس جي شاگرد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پير ڳڳيو شاخ جي آبادگارن جو پاڻي لاءِ احتجاج، آبپاشي کاتي خلاف ڌرڻو

آبپاشي عملو پيسن عيوض پاڻي وڪرو ڪري رهيو آهي، پير ڳڳيو شاخ خشڪ پيل آهي

فوري طور زرعي پاڻي فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو:مظاهرين

دادو(رپورٽ: ولي محمد لنڊ) پير ڳڳيو شاخ جا آبادگار زرعي پاڻي جي حاصلات لاءِ روڊن تي پهچي ويا، آبپاشي عملي خلاف مظاهرو نعريبازي، دادو ۾ پير ڳڳيو شاخ جي آبادگارن پاران زرعي پاڻي جي فراهمي لاءِ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پيادل مارچ ڪري نعريبازي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو: پيرڳڳيو شاخ جا آبادگار آبپاشي عملدار خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي پرسان پوليس اهلڪار جي شهادت بعد ڳوٺ تي چڙهائي، 15 شڪي گرفتار

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ بقاپور تي چڙهائي ڪئي

مبينا طور 15 کان وڌيڪ شڪي ماڻهو گرفتار، واقعي ۾ اسان ڪنهن به طرح ملوث نه آهيون: ڳوٺاڻا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس طرفان ٻه ڏينهن اڳ هڪ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل بقاپور لڪرو جي انچارج پوليس اهلڪار مشتاق تنيو جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ڳوٺ بقاپور تي چڙهائي ڪري مبينا طور 15 کان وڌيڪ
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي مبينا ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

باقراڻي جي ڳوٺ ڪمون بنگلو جي رهواسين پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

بااثر نڌر بروهي ۽ هٿيارن جي زور تي نوجوان رضوان جاتوئي کي اغوا ڪري 40 هزار روپيا ڦر ڪيا آهن: الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي تعلقي باقراڻي جي ڳوٺ ڪمون بنگلو جي رهواسين بااثرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻي ضمير علي جاتوئي پنهنجي پاءُ نظير احمد، پٽ راجا، پائٽين شاهزيب ۽ رضوان جاتوئي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته گذريل 27 آڪٽوبر تي شام جي وقت
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڊينگي جو مرض وبائي صورت اختيار ڪري ويو آهي:حليم عادل شيخ

سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتو ڊينگي جي مرض تي ضابطو آڻڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن

حڪمرانن جي ڪرپشن صحت کاتي سوڙ سرڪاري ڪاتن کي اوڏهي جيان چٽي چڪي آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو ته جلد پ پ ڀڄايو سنڌ بچايو تحريڪ هلائي ويندي،هن چيو ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڊينگي جو مرض وبائي صورت اختيار ڪري ويو آهي جنهن
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ تيز رفتار ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا فوت

باڙي شاهه ڪريم روڊ نائون ميل بس اسٽاپ تي تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ممتاز نارو ۽ نظير نارو ٽڏي تي فوت ٿي ويا، لاش اسپتال منتقل

ڊرائيور موقعي تان فرار، پوليس ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو، ڪيس داخل نه ٿيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي باڙي شاهه ڪريم روڊ تي تيز رفتار ڪار، موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ 2 نوجوان ٽڏي تي فوت ، ڪار ڪاهي ۾ ڪري پئي ، ڊرائيور فرار ٿي ويو، خبر موجب ٽنڊو محمد
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل ٻن ڄڻن جا لاش

ٺٽو پوليس واپاري جي ايجنسي تي ٿيل ڦر ڪيس جا ٻه مک جوابدار گرفتار ڪري ورتا

شيرازي محلي ۾ ڏينهن ڏٺي ڦر ڪندڙ جوابدارن هڪ لک 90 هزار ۽ 2 موبائل ڦر ڪيا هئا

گرفتار جوابدار ٻين ضلعن ۾ به ڦرن ۽ ڏوهن جو اعتراف ڪيو آهي: ايس ايس پي

ٺٽو (ڊ ر) هفتو اڳ ڏينهن ڏٺي ٺٽي شهر مان واپاري عبدالرحيم ٿهڙيو جي ڊسٽريبيوشن ايجنسي تان ڌاڙو هڻي روڪ رقم ۽ موبائيل فونن ڦر ڪرڻ واري واردات ۾ ٺٽو پوليس ٻن مک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڦر ٿيل رقم مان 50 هزار روپيه ۽ 2 موبائيل فونون برآمد ڪيون ويون
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ميونسپل ملازم پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ۾ ميونسپل ملازمن جو پگهارن جي بحالي لاءِ 23 ڏينهن به احتجاج جاري

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ميونسپل ملازمن پاران پگهارن جي بحالي لاءِ 23 ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ جاري گهوٽڪي بار جي صدر شاهنواز وسير سٽ سميت احتجاجي ڪئمپ تي پهچي ويو تفصيل موجب ڇهن سالن کان سياسي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ڪنري ٽوپان شاخ اسٽاپ تي دوڪانن مان چوري، شٽر بند ڪري احتجاج ڌرڻو

عطا الله سولنگي ۽ ماجد کپري جا دوڪان مان چور هزارين روپين جو سامان ٻهاري ويا

دڪاندارن جو علائقي ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي غفلت خلاف سخت نعريبازي

بدامني تي نوٽس وٺي تدارڪ ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مظاهرين

ڪنري (ن ع) ڪنري لڳ ٽوپان شاخ اسٽاپ تي ٻن دوڪاندارن عطا الله سولنگي ۽ ماجد کپري جي دوڪانن مان گذريل رات نامعلوم چوري ڪاٽ هٽي هزارين روپين جو سامان چوري ڪري ويا واقعي خلاف
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ليڊي هيلٿ ورڪر شبانا شاهاڻي جو پوليس تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام

مخالفن جي چوڻ تي پوليس 9 Cجو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي: شبانا شاهاڻي

منهنجي پٽ راحيل شاهاڻي کي قتل ڪيو ويو هاڻي مونکي حراسان ڪيو پيو وڃي

راڌڻپور (ن ع) هڪ هفتو اڳ ڪمبٽ پوليس پاران منشيات جو ڪيس داخل ڪرڻ ڪورٽ سگهوري پاران ضمانت ڏيڻ بعد جيل مان آزادي بعد ليڊي هيلٿ ورڪر شبانا شاهاڻي پنهنجي معصوم نياڻين سان گڏ قرآن پاڪ کڻي راڌڻپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي مخالفن جي چوڻ
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

مٽي لڳ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان فوت

مٽي (ڊ-ر) مٽي جي سنڌ ڪول اٿارٽي ڪالوني ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان ارباب علي بجير به زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ڪجهه ڏينهن گهر ۾ گئس سلينڊر ڦاٽڻ سبب باهه لڳي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

مٽياري: ڏاڙيلن جي چنبي مان بازياب ڪرايل نوجوان

ميرپور ماٿيلو ويجهو مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ علي خان ناٿج جي رهواسين پاران ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

پوليس جوابدارن جي سهولتڪار بڻيل آهي ايف آءِ آر باوجود ليلا بازياب ناهي ٿي:مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ علي خان ناٿج جي رهواسين جو مبينه طور اغوا ٿي ويل ناري جي بازيابي لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو نياڻي جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ علي خان ناٿج
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ساٿيلو: ڳوٺ علي خان ناٿج جا رهواسي نياڻي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادپور ۾ پوليس ڪارروائي ڪري ٻن ڊوائيز هولڊرن کي گرفتار ڪري ورتو، ڪيس داخل

شهدادپور (ن ع) شهدادپور پوليس شهر جي راجپوت ڪالوني ۾ مٽياري ضلعي جي سعيدآباد جون رومنگ ڊوائيسون هلائي لڳ ڇاپو ۾ عورتن جي بي آءِ ايس پي وظيفي جي رقم مان غيرقانوني ڪٽوتي ڪري غبن ڪندڙ جاز ڪيش جون رومنگ
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

عورت زيادتي ڪيس ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او جي سکر هاءِ ڪورٽ مان ضمانت منظور

مير خادم ٽالپر سکر عدالت بعد ميرپورخاص عدالت مان به 6 ڏينهن جي ڪچي ضمانت حاصل ڪري ورتي

ڌيءَ جي بازيابيءَ جي نالي تي ايس ايڇ او ڪمري ۾ وٺي لڄالٽ جو نشانو بڻايو: عاليا شيخ

ايس ايڇ او ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ پئسن جي لالچ ۽ رستي مان ڪڻائي ڇڏڻ جون ڌمڪيون پيو ڏي

ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص تعاون ڪري رهيا آهن، سنڌن جاچ مان مطمئن آهيان

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ ايس ايڇ او تي لڄالٽ جو الزام لڳائيندڙ عورت پاران ايس ايڇ او تي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ پئسن جي لالچ ڏيڻ جو الزام، عورت عاليا شيخ چيو آهي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

بلوچن ۽ سنڌين ۾ فرق ناهي، اسان ڌرتي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن: سردار يار محمد رند

بلوچستان ۾ ٽاٽا لٽيا پيا وڃن پوليس کي ماريو پيو وڃي ايس ايڇ او به شهيد ٿي رهيا آهن

پ پ ۽ ن ليگ جو حڪومتي اتحاد غيرفطري آهي ان ڪري اختلاف وڌي رهيا آهي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ لڳ ڳوٺ سونهڙي ۾ رند برادري جو ڪٺ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ بلوچستان سان تعلق رکندڙ اڳوڻي وفاقي وزير ۽ رند برادري جي چيف سردار يار محمد رند خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي سردار يار محمد رند ڪٺ واري جلسي کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: سردار يار محمد رنگ ميڙاڪي ۾ اچي رهيو آهي

ڪراچي: سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جو وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائي ڊي آءِ جي پير محمد شاهه کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪارروايون، 7 موٽرسائيڪلون برآمد، 2 جوابدار گرفتار

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان موٽر سائيڪلن جي چوري جي وڌندڙ وارداتن تي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان حسيب
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ۽ ٽماٽن جي درآمد فوري بند ڪئي وڃي، مقامي هارين جو استحصال پيو ٿئي: نديم قمر

آءِ ايم ايف ايگريڪلچر جي ڪنهن به شعبي ۾ اگهه مقرر ڪرڻ نٿي ڏي ته پوءِ حڪومت جو ڪنڊ ۾ ڪهڙو مفاد آهي

نن وقت سنڌ جو ٽماٽو تيار آهي ۽ ڪمند تيار آهي، اهڙي وقت ڪنڊ ۽ ٽماٽو ٻاهران گهرائڻ آبادگارن ۽ هارين سان ظلم آهي

حڪومت پنهنجي پاليسين تي نظر ثاني ڪري، هر قسم جي زرعي جنسن مان ٺهندڙ شيون ٻاهران گهرائڻ تي ٻن سالن لاءِ پابندي لڳائي وڃي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ايوان زراعت سنڌ جي پيٽرن ان چيف ۽ مرڪزي صدر ڊاڪٽر سيد نديم قمر متحده عرب امارات، برازيل ۽ ويتنام مان 80 هزار ميٽرڪ ٽن ڪنڊ سان ڀريل ڪنڊ جا ٽي جهاز
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

صحت کاتي ڪرونا وبا دوران ڀرتي ڪيل ڊيلي ويجز ملازمن کي فارغ ڪري ڇڏيو

ڊي ايڇ او خيرپور 119 ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جو آرڊر جاري ڪيو

اسان کي قوم جي خدمت عيوض اعزاز ڏيڻ بدران بيروزگار ڪيو ويو آهي: ملازم

خيرپور(ڊ ر) 4 سال اڳ صحت کاتي سنڌ طرفان ڪرونا وبا دوران ڀرتي ڪيل ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪرين مان فارغ ڪري ڇڏيو ڊي ايڇ او خيرپور ڪرونا دوران خدمتون سرانجام ڏيندڙ 119 ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جو آرڊر جاري ڪري ڇڏيو تفصيل موجب متاثر ملازمن ۾ ميڊيڪل اسٽوڊنٽس، نرسنگ، ڊيٽا انٽري آپريٽر ۽ واليٽيئر شامل آهن ملازمن ۾
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ ڳوٺاڻن جو پنهنجي مائٽن خلاف احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه(س ر) تعلقي دوڙ جي ڳوٺ پيرونمل جي رهواسي وارث ديناري پنهنجي
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٺٽي جي عدالت عام چونڊن ۾ حملي جي چار جوابدارن کي 5 سال قيد ۽ هڪ لک روپيه ڏنڊ جي سزا

ٺٽو (ڊ ر) 8 فيبروري 2024ع ۾ عام چونڊن واري ڏينهن تي ڪينجهر ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن پاران حملو ڪري چٽن ڳوٺاڻن کي زخمي ڪرڻ واري ڪيس ۾
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ميڊيڪل اسٽور تي هٿيارٻندن جي ڪاهه، ملازم يرغمال، ڦرلٽ

جت ناڪا پرسان چار هٿيارٻند اسٽور تي حملو ڪري موبائل ۽ روڪ رقم کڻي فرار

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوٽيج حاصل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

هالا (ٽ ر) هالا شهر جي مصروف ترين علائقي ۾ چٽن هٿيارٻندن پاران ميڊيڪل اسٽور تي ڪاهه ڪري هٿيارن جي زور تي اسٽور ملازم کي يرغمال بڻائي باآساني فرار ٿي ويا ۔ جت ناڪا پرسان ڊاڪٽر رضوانا ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نديم ميمڻ جي ڪلينڪ آڏو قائم ميڊيڪل اسٽور تي اوچتو ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار چٽن هٿيارٻندن اسٽور ملازم کي يرغمال بڻائي نچ موبائلون ۽
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ڏکڻ ۾ هٿيارٻندن جو صحافي اصغر ٿهيم جي گهر تي حملو، اغوا جي ڪوشش ناڪام

هٿيارٻندن گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي صحافي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

چوڪيدار جي فائرنگ تي جوابدار فرار، واقعي تي ايس ايس پي شڪارپور جو نوٽيس

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو: ايس ايس پي

ڏکڻ (ن ع) ڏکڻ ۾ اناج جي واپاري ۽ سينيئر صحافي اصغر ٿهيم جي گهر تي هٿيارٻندن جي ڪاهه،گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي واپاري ۽ سينيئر صحافي اصغر ٿهيم کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش،چوڪيدار جي فائرنگ تي هٿيارٻند فرار،ٿهيم برادري ،صحافين ۽ پوليس پاران
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڏکڻ: صحافي اصغر ٿهيم کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو: هڪ شخص روڊ ڪناري اسٽال تي برتن وڪرو ڪري رهيو آهي

بدين ۾ عورت جو پٽ سان گڏجي ڏيرن خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

بدين(ڊ ر) بدين ويجهو ڳوٺ لڪاڏنو ساريجو جي رهواسڻ مسمات پاڪ پري ۽ نصير ساريجو گذريل ڏينهن پنهنجي ڳوٺ لڪاڏنو ساريجو ۾ پنهنجي گهر تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته منهنجي گهر وارو نوراحمد ساريجو جي
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي۔